# آثم ناٿن شاهيءَ جي شاعريءَ جي لغت

مرتب:

**مير محمد پيرزادو**

**سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو**

حيدرآباد، سنڌ

2021ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيارا داري جي آن لائين ايڊيشن جو ڪتاب نمبر (2)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

آثم ناٿن شاهيءَ جي شاعريءَ جي لغت

مرتب: مير محمد پيرزادو

آن لائين پهريون ڇاپو : 2021 ع

ڪتابي صورت: محمد رمضان ترڪ

**Catalogue Reference**
Pirzado, Meer Muhammad
Aasim Nathan Shahi Jee Shairee Jee Lughat
Sindhi Language
Sindhi Language Authority

AASIM NATHAN SHAHI JEE SHAIREE JEE LUGHAT
By: Meer Muhammad Pirzado
Online 1st Edition: 2021
Layout: Muhammad Ramzan Turk
Tel: 022-9240050-3
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk,sindhila@yahoo.com
Website: www.sindhila.org

# ناشر طرفان

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڪتابن کي ويب سائيٽ تي آن لائين ڪرڻ واري رٿا شروع ڪئي وئي آهي، جنهن سلسلي جو هي ٻيو ڪتاب ’آثم ناٿن شاهيءَ جي شاعريءَ جي لغت‘ تيار ڪري، آن لائين ڪيو پيو وڃي. ڪتابن کي آن لائين ڪرڻ سان دنيا جي مختلف حصن ۾ رهندڙ انهن ماڻهن لاءِ سهولت پيدا ڪئي وئي آهي، جيڪي سنڌي ٻولي پڙهي سگهن ٿا. هن کان اڳ آن لائين ڪتابن جي رٿا جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجي جو ڪتاب ’اسان جي صحت اسان جو ماحول‘ به اداري جي ويب سائيٽ تي رکيو ويو، جنهن کي گهڻو پسند ڪيو ويو آهي.

هيءَ لغت اصل ۾ ’جديد شاعرن جي شاعريءَ جي لغتن‘ واري رٿا جو حصو آهي. هن رٿا هيٺ سڀ کان اڳ ’نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي لغت‘ ڇپائي پڌرو ڪئي وئي ۽ ان جي سافٽ ڪاپي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ويب سائيٽ تي پڻ مهيا ڪئي وئي. جديد شاعرن جي شاعري جي لغتن جا اڻ ڳڻيا جُلد به آن لائين رٿا هيٺ ويب سائيٽ تي ٽڪڙو ٽڪڙو رکيا ويندا. هن رٿا مطابق مختلف لغتون ۽ ٻيا ڪتاب اداري جي ويب سائيٽ تي آن لائين ڪيا ويندا، جيڪي پڙهندڙن لاءِ مفت ۾ دستياب هوندا. اهي ڪتاب بنا ڪنهن معاوضي ۽ اجازت جي ڊائون لوڊ ڪري ۽ استعمال ۾ آڻي سگهبا. هن ڳالهه جي به پڌرائي ڪجي ٿي ته انهن آن لائين ڇاپن مان پنهنجي تحقيق ۽ تحرير لاءِ جيڪڏهن ڪي حوالا ڪڍبا ته انهن حوالن ۾ مرتب ۽ هن اداري جو ذڪر ڪرڻ ضروري هوندو.

هيءَ ’آٿم ناٿن شاهيءَ جي شاعريءَ جي لغت‘ سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر ۽ محقق مير محمد پيرزادي پاران تيار ڪيل آهي، جنهن آٿم ناٿن شاهيءَ جي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيل ڏکيا لفظ ۽ اصطلاح چوندي هيءَ لغت تيار ڪري ڏني. شاعر انهن لفظن ۽ اصطلاحن جو جهڙي نموني استعمال ڪيو آهي، اهي شعر بہ هن لغت جو حصو آهن.

اسان کي اميد آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جا گهڻگهرا هن رڻا مان ڀرپور لاڀ پرائيندا ۽ جيڪي سڄڻ آن لائين ڪتابن جي سلسلي ۾ ڪي پنهنجون صلاحون ڏيڻ چاهين تہ انهن کي ڀليڪار ڪيو ويندو.

2 سيپٽمبر، 2021ع
حيدرآباد، سنڌ

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**
چيئرمئن

**آيتون :** اچڻ لاءِ اتاوليون.

پل جي سنگم لاءِ سدائين،
اندر جنجهه اُڀريون آيتون.

(سامرين جي شهر جي: 92)

**آتمائون:** روح، انسان.

ٻڌم پرماتما جي هٿ حياتي آ،
ڏٺم قاسيءَ تي لاشا آتمائن جا!

(لهرون لهرون لاٽ: 70)

**آثار:** ٽاٽا، نيشانا، ڪنڊر، نشان، انومان.

هر دل شهر ڊٺل آ آٿم_ ڇا ڇا ڪو آثار اُڪيلي!

(ڇا ڇيس آئيني: 34)

**آڇي ٿي:** ڏيڻ گهري ٿي، ڏيڻ تي آماده آهي.

ڇا ٿي آڇي ساگر ڇولي؟ سمجهان ٿو مان!

(جڏهن اُلا اپ ۾: 46)

**آڌار:** سهارو، آسري.

واچوڙن آڌار اڏامي_ آٿم اُڌارا ايريا!

(لهرون لهرون لاٽ: 34)

**آرس ڀڃ:** ٿڪاوٽ جي اظهار ۾ جان کي ڪبي ۽ سجي طرف تي موڙ.

آرس ڀڃ اگڻ تي بيهي،
اندلٺ کي شرماءِ، تہ تو تي گيت لکان!

(لهرون لهرون لاٽ: 108)

**آرن:** آري جيت ٿيندو آهي، جيڪو مينهن لاءِ بيحد دانهيندو آهي. پر هتي لاها ا چاڙها جيڪو درياهہ مرضيءَ سان ڪندو آهي تن کي ان جا آر چوندا آهن.

مان پُورالو درياهہ منهنجي آرن ي پي هَٿُ هجي ٿو!

(جڏهن اُلا اپ ۾: 60)

**آڙ:** آڌر، سهارو، ٽيڪ، اوڊر ۽ ڊِڪ.

تنهنجو چهرو تہ مون ڏسي ورتو،
هاڻ آنچل سان آڙ ڇاجي آ.

(ڇا ڇيس آئيني: 62)

**آڙيون:** ڍنڍ يا پاڻيءَ جي رهڻ جا ننڍڙي بدڪ نما پکي.

پرسان واريءَ پاڇ ۾ اڏرن ٿيون آڙيون،
رات سمي جي سانت ۾!!

(لهرون لهرون لاٽ: 75)

**آس اُڏامون:** خواهشين جو ڦهلاءُ يا سَتون ڏيڻ.

منهنجون شامون تنهنجي نانءِ۔ آس اُڏامون، تنهنجي نانءِ!

(جڏهن الا اپ ۾: 87)

**آستانُ:** رهڻ جي جڳهه، گهر، ٺاڪ.

گل ٿا جهومن ۽ رقص ڪن تارا،
جنهن جڳهه آستان تنهنجو آ!

(ڇا چيس آئيني: 93)

**آشتي ۾:** سڪون ۾، آزاديءَ ۾.

نانگ ٻر ڪان چنڊ جي غارن سميت،
آشتيءَ جو آسان ڳوليان پيو!

(لهرون لهرون لاٽ: 41)

**آشائن جا:** آسن جا، اميدن جا ۽ خواهشن جا.

اڻ جهل، اڻ ڪٿ آشائن جا۔ سندر محل اڏايل آهن!

(ڇا چيس آئيني: 76)

**آشنائون:** واقفيتون، لڳاءَ، ڄاڻ پهچان.

هاڻي جيون تائين هوندا تنهنجي آشنائن تي پهرا.

(ڇا چيس آئيني: 75)

**آڪڙ:** فخر، معزوري، ٺانءِ

هونئن تہ آءُ هنيلو ڏاڍو، ارڙو پر،
تنهنجي آو منهنجي آڪڙ نڪري وئي!

(لهرون لهرون لاٽ: 51)

**آڳنڌ مهڪائڻ:** خوشبوبون ڦهلائڻ، اگر اجارڻ، خوشيون مهيا ڪرڻ.

سونهن ڏيا ٽين ساڻ ڪهڙو۔ چانڊوڪي آڳنڌ ڪندين؟!

(سامرين جي شهر ۾: 64)

**آڱريون ڪٽڻ:** نشانو بنجڻ،بدنامي پلئ پئجڻ، نشانبر ٿي پوڻ.

تنهنجي جوڀن تي، منهنجي جيون تي، جڳ ڪٽي ٿو آڱريون!

(ڇا ڇيس آئيني: 38)

**آنيون:** ڪڻڪ، جوئر، ٻاجهري ۽ مڪئي جي اڏ پڪن سنگن کي ٽاندن تي پچائي کائڻ.

اتي ملندا هئا ون روز آنيڻ جي بهاني سان،
شهر جي ٻاهران ڪڻڪن ۾ جا تي نار هوندو هو!

(ڇا ڇيس آئيني: 39)

**آنڌين ۾ جا:** زوردار هوائن ۽ طوفان ۾ جيڪا

اسان اوٽ بنجي وڄون هر جُهڳيءَ جي،
تہ آنڌين ۾ ڪنهن جا ڇپر ڪو نہ پٽبا.

(جڏهن اُلا اُپ: 57)

**آنچل:** پوتيءَ جو پلاند، برقعو اوڇڻ.

تنهنجو چهرو تہ مون ڏسي ورتو۔ هاڻ آنچل سان آڙ ڇاجي آ؟!

(ڇا ڇيس آئيني: 62)

**آواگون:** آسمانن ۾ مٽي تمام مٽي، اڻ ڏٺي ڏيهہ ۾، جوڻ مٽائڻ، ٻيو جنم.

هو ڪيترين صدين جو آ واگون آ،
با حوصلہ هڪ محترمہ خاتون آ.

(سامرين جي شهر ۾: 30)

**آئي وئي:** جنهن کي ڪا بہ اهميت نہ ڏجي ۽ گذري وڃي، نيڪي ڪرڻ

سموري عمر دنيا ۾ ڪجي آئي وئي نيڪي!

(ڇا ڇيس آئيني: 62)

**ابدي روشني:** اها روشني جيڪا پيدائش کان هجي ۽ نہ ختم ٿيڻ واري هجي.

تو کان اڳ آءَ اوندهہ منجهہ الوپ هئس،
تو سنگ جوڙي نانءُ، ماٺيم ابدي روشني.

(ڇا ڇيس آئيني: 103)

**ابرو:** اک مٿان تلوار نما وارن جي ڇڳ، جنهن کي پرُون پڻ ڇئبو آهي.

مسجد ۾ محراب ٿئي ٿو۔ اک مٿان هُو ابرو ڇاهي؟!

(سامرين جي شهر ۾: 36)

**ايمانُ:** بي عزتي، گستاخي، ناروا سلوڪ، تڪبر.

چيائين ريبدئي، تي وي تي نہ ٿو ڳايو وجين چا لئہ،
چيم ايمان جو ڊپ آ، چيائين ايمان زنده باد!
(لهرون لهرون لاٽ: 35)

**اتوار:** طور طريقا، ڍينهن.

منهنجا معصوم ننيڙا ماڪ ڦڙا، هڪڙي اتوار جوڙائڻ سورج،
(سامرين جي شهر ۾: 102)

**اٿاهہ:** گهري سوچ، اڻ ڪٿ، جَهجهو تمام ڳوڙهي سوچ، سمجهہ کان مٿي سوچ.

ڪيئن ڏجي روپ تنهنجي غزلن کي؟
سوچ گهريءَ اٿاهہ ۾ آهيان!
(چا چيس آئيني: 115)

**اٽل:** پختو مضبوط

آٿم پهاڙ جيئن اٽل هو، اٽل رهيو دنيا ڏسڻ لاءِ گهٽيون مونڙيون ڏنيون!
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 55)

**اپراڌ:** ظلم

هي اپراڌ، انياءَ، ايذاءَ آٿم، سهون چو؟ سهڻ جو نہ اڄ وقت آهي!
(سامرين جي شهر ۾: 104)

**اٽوٽ:** اهو ڳنڍ جيڪو ڪوشش جي باوجود نہ ٽٽي سگهي

هن ۽ منهنجي وچ ۾ هڪڙو رشتو آهي
۽ هيءُ ڪوئي اٽوٽ ۽ اڇوتو رشتوآهي.

**اجگر:** تمام وڏي ماچ تور وارو، چورڻ کان چُڪڻُ.

هيءَ جي هيڏا اجگر آجا، تن سان ڏيندو ڪير مُهاڏا؟!
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 122)

**اجنبي:** اڻ واقف، اوپرو.

ڪالهہ اجنبي ماحول ۾، چئن سالن جي عمر جي پار ڏي ڏسندو رهيس!
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 133)

**اجھاڳ:** جيڪو پاڻي جھاڳڻ کان گھٽو ھجي.

باھہ جو اجھاڳ درياھہ بہ اُڪري سگھين ٿو
رڪڻ رڻ اورانگھي سگھين ٿو!
(سامرين جي شھر ۾: 137)

**اڇوتو:** جنھن کي ڪنھن بہ نہ ڇھيو ھجي.

ھن ۽ منھنجي وچ ۾ ھڪڙو رشتو آھي،
۽ ھيءُ ڪوئي اٽوٽ ۽ اڇوتو رشتو آھي.
(سامرين جي شھر ۾: 137)

**اڄاتو خوف:** اڻ ڄاتل، اڻ واقف، اوپرو.

ڇون ته ڪو زمانو ھو محبت ۾ جڏھن شامل،
اڄاتو خوف ھوندو ھو، انوکو عار ھوندو ھو.
(ڇا ڇيس آئيني: 39)

**اڄاڻ:** جيڪو اڳ ۾ ڄاڻندو نہ ھجي، اڻ ڄاڻ.

ھر انسان کي ٿي وڃي سمجھي،
ھاڻ ھُوءَ ڪا اُڄاڻ ڪانھي ڪا!
(لھرون لھرون لاٽ: 40)

**اچانڪ:** اوچتو بنا ڪنھن بہ توقع جي.

ھڪڙيءَ گليءَ مان ويندي اچانڪ پٿر لڳو
ان وقت پٿرن جو سڄو ھي شھر لڳو.
(ڇا ڇيس آئيني: 108)

**احساسِ ڪمتري:** خسيس پڻي جي احساس ۾ مبتلا ڪردار وارو

پاڻ کان گھٽ سمجھڻ ٻين کي پيي-ھڪڙو احساس ڪمتري آھي.
(سامرين جي شھر ۾: 60)

**ادائون:** ناز نخرا.

اڳي ڇپ ھيون جيڪي ادائون،
اڄ مرڪندي مون کي لڳن ٿيون.
(لھرون لھرون لاٽ: 64)

**اڌڪار:** حق واسطا، اختيار، پاوَرَ.

تارڻ ٻوڙڻ جا سڀ تو کي ارپيا مون اڌڪار،
تو سان ڪهڙا ليکا يار!

(لهرون لهرون لاٽ: 121)

**اربيلو:** سڪيلڏو، معمول کان وڌيڪ پيارو.

آٿم ڪجھ اداس ٿو ڏسجين ـ ماڻهو هونئن اربيلو آهين!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 69)

**ارپي ڇڏڻ:** وقف ڪري ڇڏڻ، حق واسطا ڏئي ڇڏڻ، ٻالڪيءَ ۾ ڏيڻ.

ڏُورِ ڇُهڻ کان ويهي ڪاٽي، پنهنجو جيوَنُ ارپي وڃ تون!

(سامرين جي شهر ۾: 33)

**ارڏو:** دادلو.

هونئن تہ آءٌ هنيلو ڏاڍو ارڏو پر،
تنهنجي آڏو منهنجي آڪڙ نڪري وئي!

(لهرون لهرون لاٽ: 51)

**ارها:** ناراض، رنج.

منهنجي ڳوٺ ۾ مينهن پوڻ تي ارها ٿيندا،
سونهن خوشيءَ سان پنهنجا اوليڙا ٿي اُچلي.

(مارين جي شهر ۾ : 49)

**اري:** قيد، وڪڙ ۾ اچي، قبضي ۾.

سونهن غضب جي ڦوهہ جواني آئي،
آئي عشق اري، مولا خير ڪري.

(لهرون لهرون لاٽ: 109)

**اريجي:** اها زمين جنهن جي ريج ڪرڻ لاءِ پاڻي موجود نہ هجي جيئن ٿر ۾.

ڀُونءِ اريجي، سائيءَ لئيءَ ۾ ـ آٿم ڳاڙها ڪُنگُو ڇاهي؟!

(سامرين جي شهر ۾: 36)

**اژدها:** تمام وڏي بلا، خطرناڪ نانگ.

انهن لئہ اژدها بنجي نہ ٿي ڇو ڪا عصا اڄ پيي؟!

(سامرين جي شهر ۾: 111)

**ازغيني:** قدرتي طور تي، اهو عمل ڪنهن جو ڪندڙ بظاهر ڪو بہ نہ هجي.
هڪڙي جلاد جو ازغيبي هَٿُ!
(سامرين جي شهر ۾: 102)

**اسهپ:** آڪري، جنهن ۾ جهٽ پٽ ۾ ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهہ تي چڙڻ جي عادت هجي، گهٽ سهب واري.
اسهپ جي سمونڊ ۾، جمهور نالي جهاز_ ٻُڏي رهيو آهي!
(سامرين جي شهر ۾: 108)

**اسونهين:** اڻ واقف، اڻ ڄاڻ، اَئندَ.
ڪاري ڪاري ٻاٽ، اسونهين واٽ، مسافر منزل ڏاڍي ڏُور!
(ڇا ڇيس آئيني: 47)

**اشرفي:** سون جي ڳٽي.
هڪڙي سوني اشرفي، ڪنهن بہ مٽيءَ جي ڍير ۾،
ڪيڏي سهٽي ٿي لڳي!
(لهرون لهرون لاٽ: 101)

**اعزازي:** احترام طور ڏنل، عزت يا همت افزائي ڪيل.
هي اعزاز، ميڊل، انعامن جون ڳالهيون،
ڪندو ڪو نہ مون سان غلامن جون ڳالهيون.
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 65)

**اَڪُٽَ:** اڻ ڪٽ، جيڪو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيڻ وارو هجي.
باهہ جو اجهاڳ درياءَ بہ اُڪري سگهي ٿو،
اڪٽ رڻ اورانگهي سگهي ٿو.
(سامرين جي شهر ۾: 137)

**اڪ ڪتاري:** ڪات جهڙي ڪپيندڙ اک.
ڪاجل واري گوري، تيرن جهڙيون پنبڻيون تنهنجون،
اڪ ڪتاري گورِي!
(سامرين جي شهر ۾: 39)

**اگني:** باهہ.
ءِ پوءِ پينو ڪرڻا پيي او ٿينديون، اگي پيي اوڳاڇيندي‌ون!
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 137)

**اڳراين جا:** پهل ڪرڻ، اجايو سجايو ستائڻ.

اڳراين جا، ارڏاين جا ڪهڙا ايندا؟ ٻڌاءِ تہ تو تي گيت لکان.

(لهرون لهرون لاٽ: 86)

**اڳواڙي تي:** سامهون واري پاسي تي.

من مندر جي اڳواڙي تي- چوڏهينءَ جي چانڊاڻ هئا،

ماڻهو ڪيڏانهن ويا!

(سامرين جي شهر ۾: 115)

**اڳڪٿي:** ڪنهن عمل يا ڳالهہ جي ٿيڻ کان اڳ ۾ ان بابت ٻڌائڻ.

اڄ تہ سچ پچ ٻڌاءِ آٿر ڪي- ڪهڙي پهتل جي اڳڪٿي آهين؟!

(ڇا ڇيس آئيني: 114)

**الڙ:** جوانيءَ طرف مائل ٿيل، اڻ ڄاڻ، معصوم.

تون جو الڙهين اڃا، تَڪِ نہ سڀ ڪنهن ڏي، سپنا منهنجي ساهہ جا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 50)

**المنظر:** ڄام شوري واري پُلِ تي ٺهيل هوٽل جو نالو.

آهہ المنظر سمورو- سونهن جو ڪو استعارو،

ڄام شوري جي هوا!

(ڇا ڇيس آئيني: 36)

**الوپ:** ڪنهن شيءِ جي رنگ ۾ رڱيل، ملي هڪ ٿي ويل.

تو کان اڳ ۾ آءُ، اوندهہ منجهہ الوپ هئس،

تو سنگ جوڙي نا3نءُ، ماٺيم ابدي روشني!

(ڇا ڇيس آئيني: 103)

**انا:** خودي، خوداري، عزتِ نفس، مغروري.

خيالي ڪڪر تي چڙهيو ٿو وتين- انا جي چڪر تي چڙهيو ٿو وتين!،

(سامرين جي شهر ۾: 58)

**انبوهہ:** گهڻن ماڻهن جو گڏيل جٿو ميڙ.

گهر جڏي جو اوندوهہ اهڙو هو يا هوائن کي چوهہ اهڙو هو،

دانهن پهتي تہ عدل جي ڪن تي، ظالمن جو انبوهہ اهڙو هو.

(ڇا ڇيس آئيني: 80)

**انڌ:** ڏاڍ، ظلم.

انڌ انياءَ ۾، وِرهہَ جي واءَ ۾، تانگھہ جي تاءَ ۾،
ميڻ وانگر سڄو جيءُ ويندو ڳري، سانوري، سانوري!

(سامرين جي شهر ۾: 41)

**انوکو عام:** منفرد مزاج وارو نتائڻ.

چون ٿا ڪو زمانو هو، محبت ۾ جڏهن شامل،
اڃاتو خوف هوندو هو، انوکو عام هوندو هو.

(ڇا ڇيس آئيني: 39)

**انياءُ:** ظلم، ڏاڍ، انڌير نگري.

انڌ انياءَ ۾، ورهہ جي واءَ ۾، تانگھہ جي تاءَ ۾،
ميڻ وانگر سڄو جيءُ ويندو ڳري! سانوري سانوري!.

(سامرين جي شهر ۾: 41)

**انگھيل:** ٿاڪل، ٿُڪِيَلَ.

تو جي علم ٿُنِياها منهنجا انگھيل ڪپڙا،
اڄ ان ٿَتَ ٿَنَ جي تندن کي هڏِڪي آئي.

(لهرون لهرون لاٽ: 68)

**اڻاڻي:** سوڪھڙي واري، جنهن کي ڪجھہ بہ نہ مليو هجي.

ساڳي تون بہ اڻاڻي توڙي، منهنجو تو سڀ ساءُ چميو آ.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 123)

**اڻ ٽر:** جنهن کان ڪيترو بہ نتائجي پر اُها واقعي ٿي ڏيکاري.

يا تہ هوا هٿ موڪل مون ڏي۔ پنهنجو ڪوئي اڻ ٽر واعدو!

(سامرين جي شهر ۾: 33)

**اڻ ميو چاهہ:** اهو پيار جنهن جو ڪاٿو ئي نہ ڪري سگھجي.

منهنجي لئہ ناهہ، تنهنجي مُرڪِن ۾، اڻ ميو ناهہ، تنهنجي مُرڪن ۾.

(لهرون لهرون لاٽ: 25)

**امرت:** زهر جو اثر زائل ڪندڙ.

سارونٽين جا سَپَ سُريا ٿي، وِڇُن وانگر ڇهڪ ڇُريا ٿي،
زهر پريو رت امرت ٿي پيو تو جيئن هٿ ڇهيو پرينئڙا تنهنجو نانءُ وتو!.

(سامرين جي شهر ۾: 46)

**امرتا:** جيڪو ڪڏهن بہ ختم ٿي نہ سگهي، جنهن جو اثر گهڻو وقت رهي.

وصل جا لمحا، امرتا ٿا ڏين،
۽ جدائي، زهر پياري ٿي ڇڏي!

(ڇا چيس آئيني: 153)

**اَمُلهہ:** جنهن جي قيمت يا معاوضو ادا ڪرڻ کان گهڻو هجي.

ماڻهپ نال اَمُلهُہ ٿي ويسو نهين تان هڪڙي تِلِ دي هو.

(لهرون لهرون لاٽ: 124)

**اَوَجهڙ:** ڏکيائي، اٽائو مشڪلات، مصيبت

خيالن جي اوجهڙ ۾ غوتا نہ کائو
سڪيءَ ۾ ترڻ جو نہ اج وقت آهي.

(سامرين جي شهر ۾: 104)

**اهلِ عطارد:** عطارد سياري تي رهندڙ مخلوق.

منهنجي ميراث ۾ ڪنهن جو بہ نہ آهي ورثو
بلڪ آءُ اهلِ عطارد جو بہ وارث آهيان!

(سامرين جي شهر ۾: 95)

**ايامن:** ڪيترن سالن جي ڳالهہ هجي ڇئبو اها تہ ايامن کان هلندي پئي اچي.

مان هرڪيس تہ ڪوئي تپي لال ٿيو- اٿم ياد اج پڻ ايامن جون ڳالهيون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾ 65)

**اياڻا:** اڀوجهہ، عقل کان عاري، بيوقوف.

نيٺ تہ اج هو نيڻ نماڻا مرڪي پيا- ورهن کانپوءِ خواب اياڻا مرڪي پيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 77)

**ائنٽينا:** ٽي ويءَ جي ڪارڪردگي درست ڪرڻ لاءِ لڳايل سگنل.

ٽيليويزن جي ائينٽينا، پاڻ پئي ٿي سڏارين جيڏي!

(سامرين جي شهر ۾:66)

**اجتماعي:** گڏيل، مجموعي صورت ۾ گهڻن هئان ٿيل.

آ هر ملڪ سائو نہ ٿيندو ڪڏهن پڻ- جتي اجتماعي لچالت ٿئي ٿي.

(سامرين جي شهر ۾: 71)

**ارتقا:** ترقي.

آدمي تحت الثريٰ تائين پڳو آهي وڃي،
سائنسي ايجاد ۾ ڪا ارتقا آئي تہ ڇا؟!

(سامرين جي شهر ۾: 88)

**ارشاد:** حڪم، هدايت، چئو.

حسن سان، فن سان، وطن ساڻ محبت جو ڪري،
تنهن جي ارشاد جي تعميل ڪيان ٿو وينو.

(سامرين جي شهر ۾: 61)

**استعارو:** ڪنهن ڪردار جيبجاءِ يا جاءِ تي ڪم ايندڙ لفظ.

آهہ المنظر سمورو- سونهن جو ڪو استعارو—امشوري جي هوا؟

(ڇا چيس آئيني: 36)

**اسٽيڪروانگر:** چمبڙي پوندڙ گڏجي ويندڙ.

چپ چُمي سان ڇهتي پيا، اسٽيڪر وانگر!

(لهرون لهرون لاٽ: 104)

**اسرافيل:** آواز ڪيندڙ جنهن اواز قيامت جي اچڻ جي نشاني هوندو.

ڪي ڪي اسرافيل بڻي ٿا صُور فنا جي ڦوڪن،
ڪي ڪي نتهڻ اُس ۾ آٿم چانڊُون ڇِپَرَ ماٺهون!

(لهرون لهرون لاٽ: 27)

**اسڪيچ:** مورت.

تون خيالن ۾ نہ ٿو ماپين- تنهنجو اسڪيچ ٺاهيان ڪهڙو؟!

(سامرين جي شهر ۾: 112)

**اسمگلر:** شين ڪي غير قانوني آڻي ۽ کپائيندڙ.

آزادين جو اسمگلر سڄ ڪرڻن جي ڊپ ڪان،
ويرانيءَ ۾راونداهو ڪو بندر جاچي ٿو.

(لهرون لهرون لاٽ: 56)

**اضطراب:** تعجب، بيچيني، ڪشمڪش.

چوطرف اضطراب ڪهڙو هو- ڏينهن اڄ جو خراب ڪهڙو هو؟!

(ڇا چيس آئيني: 84)

**اِڪائي:** هيڪڙائي.

ٻن وجهي ويڇا، اڪائي آئي، ڏاهجن ٻن مان ٻيائيءَ جا اکر.

(سامرين جي شهر ۾: 60)

**امڪان:** اندازو، آسرو.

مون ڪان پوءِ هوڏ جوا هجاڻ تون نہ ائين،
تو تائين پهچ جو مان امڪان تي وڃان!

(ڇا ڇيس آئيني: 60)

**انتخاب ۽ چونڊ:**

ڪالهہ جو انتخاب تي گذريو۔ تنهنجو منهنجو حساب تي گذريو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 59)

**انتقام:** بدلو، پلاند وٺڻ.

انتقام، پونءِ منهنجيءَ تي وڏي انبوهہ ماڻهن جي اندر!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 147)

**انٽيليجنس:** هونئن ان انگريزي لفظ جي معنيٰ آهي سُڄيتائي/هوشياري/ڏاهپ پر ملڪن ۾ اهو کاتو هوندو آهي جيڪو خبر رسان هوندو آهي.

جڻ سُتل آ سيڪريٽيٽ سروس، ڄڻ مئل آ انٽيليجنس!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 121)

**اُٻارجي وڃڻ:** ٿڪجي وڃڻ.

حق هيٺن جا ٿو گهرين آٿم! ڪنهن ڪُٽي ۾ اُٻارجي نہ وڃين.

(لهرون لهرون لاٽ: 61)

**اُٻس:** گرميءَ جا ٻخار.

آٿم ڪيڏو ڏاهو آ نجو آڳَ، اُٻَس جي تارڻ سانگي،
ماڻهون بوتل برف پيئن، تون لڙڪ پسينو پيئندو آهين.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 56)

**اٻرڻ لڳي:** ٿڪڻ تي آهي، عمل لاءِ اُڪسائي وئي.

مون سان ڪنهن جي غلط روِيي تي۔ رت اٻرڻ لڳي تہ ڪيئن روڪيانس؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 89)

**اڀريون:** تڪڙيو.

منهنجون آڱريون، ڇا لاءِ اُڀريون، تن کي پائڻ لاءِ!

(لهرون لهرون لاٽ: 48)

**اُتساهہ:** جذبو، چاهتون، محبتون، سڪ، هيئنڙي جي ڳُهر.

ڪن جڳن ٿو مان ڳوليان پيو، اڄ مئي اُتساهہ سان ڳوليان پيو!

(لهرون لهرون لاٽ: 41)

**اُتم:** اوچو، مٿاهون، محترم.

هر رنگ کان تنهنجو روح اتم!

(ڇا ڇيس آئيني: 68)

**اُتلائڻ:** نائڻ، پاٽيٺ، اوتڻ.

بلندي توڙي پستي منهنجي تنهنجي دم سان ئي آهي،

اڏامڻ ڏين يا اُتلائي وجهين هٿ تنهنجي ڏوري آ.

(سامرين جي ڏيهہ ۾: 80)

**اُجالو:** روشني.

تون منهنجي سوچ، مان تنهنجو جمالو

مان تنهنجي مرڪ، تون منهنجو اجالو.

(سامرين جي شهر ۾: 65)

**اجرا:** صاف سٿرا، چمڪندڙ.

ڪيڏو پوتر، ڪيڏو اجرا، لفظ سمورا ڪومل/ڪئونرا!

(ڇا ڇيس آئيني: 75)

**اڇلا:** ڦِٽي ڪر، ڇڏي ڏي.

پنهنجي هٿ سان، پاڻ نہ مون کي، اوجهڙ ۾ اڇلاءِ!

(لهرون لهرون لاٽ: 118)

**اُڌارا:** ٻين کان ورتل.

واچوڙن آڌار اُڌامي- آٿم ڪک اُڌارِ اڀريا.

(لهرون لهرون لاٽ: 34)

**اُڇنگاري:** روائري، دانهون ڪرائي.

ٻانهون پايو ڪنڌ ۾، اوچو اُڇنگاري، آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

(لهرون لهرون لاٽ: 76)

**اڏامڻ ڏين:** آزاد ٿيڻ ڏين، ترقي ڪرڻ ڏين، وڃڻ ڏين.

بلنديءَ توڙي پستي، منهنجي تنهنجي دم سان آهي،
اڏامڻ ڏين يا اُٿلائي وجهين هٿ تنهنجي ۾ ڏوري آ.

(سامرين جي شهر ۾: 80)

**اڏاهي جا عضوا چٽي چڏڻ:** نڪمو ٿي وڃڻ.

اڳ ۾ تنهن ڪان جو چٽي عضوا اُڏاهي.

(لهرون لهرون لاٽ: 92)

**اُٻڪو:** الڪو وهم، فڪر، ڳڻتي، انديشو.

آٿم ڪي ڪو اونو ناهي، پاڻ پري يا پور ٿئي،
دل ڪي پيو ڦٿڪائيندو آ، اٻڪو تنهنجي چوڙين جو.

(چا چيس آئيني: 71)

**اُستاد:** هنر سيکاريندڙ، ماستر پر هتي استاد بخاري لاءِ ڪمآيو آهي.

هل تہ هلي ڳوليون تهہ مان اڄ استاد ڪي!

(لهرون لهرون لاٽ: 91)

**اُسرڻ:** تياري ڪرڻ، اڏامڻ، ترقي ڪرڻ، وڃڻ.

هر گهڙيءَ سور نئون ڪو آٿم۔ اُسرڻ لڳي تہ ڪيئن روڪيانس؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 89)

**افق:** صبح جو سج اُپرڻ ڪان اڳ واري چٽائي.

چا نئين آ ڳاڙاڻ افق تي۔ شايد ڳل تو وارا اُپريا!

(لهرون لهرون لاٽ: 32)

**اُڪلاءُ:** جلدي، تڪڙ، ڪم جو نبرڻ.

گلدستو منهنجو بدن، واٽي وٺ اُڪلاءِ!

(سامرين جي شهر ۾: 94)

**اڱرا:** ڪِنا، غلط سلط.

تلا ڪوڙا تو ڪي اکر ڪو نہ لکبا،
وري اهڙا اگرا وکر ڪو نہ ونبا.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 57)

**اُڳ:** وڏ، نسر، ڦوٿهڙو ڪر، ظاهر ٿيءُ.

آٿم ڪيڏو ڏاهو آهين، اُڳَ، اُٻس جي تارڻ سانگي،
ماٺهون بوتل برف پيئن، تون لڙڪ، پسينو پيئندو آهين؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 56)

**الجهڻ:** بحث مباحثي ۾ پوڻ، منجهي پوڻ.

اهڙي ماڻهوءَ سان ڪيئن ڪو الجهي،
سَوَ ثبوتن ڏني بہ نہ جو مڃي؟!

(سامرين جي شهر ۾: 81)

**الريون:** جهيڙي ۾ ڏڪ اولارڻ، لوهہ ڪري وڃڻ.

مون تي اڄ هو پنبڻيون الريون،
گهر ڪڪائون ڪنوڻيون الريون.

(لهرون لهرون لاٽ: 37)

**اُلڪا:** اوسيئڙا.

اڪ اڃانڪ هن تي پوندي، ڳيتون اُلڪا مرڪي پيا.

(لهرون لهرون لاٽ: 106)

**اماسي:** تمام گهري ڪاري رات جي اونداهي.

اڄ اماسيءَ رات ۾ ڏياٽيون ٻاري، آءُ تہ پرچون پان ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 76)

**اُنڌڙي ٻنڌڙي:** اٽڪٽ، ڪِٽ، پِٽ.

پوءِ بہ عيالي ٻاڙِ وارن ساڻ هميشہ- تنهنجي انڌڙي ٻنڌڙي آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 97)

**اڻ تڻ:** بيچيني، بي آرامي، هر ڪر.

تون نہ مڃين پر مان ڀانيان ٿو اڻ تڻ ڪا نہ اٿيئي جو،
حال مطابق گيت رسالن مان  ٿي روز اتارين گوري!

(سامرين جي شهر ۾: 78)

**اُهڃاڻ:** نشان، گهربل نمونا.

پيارَ ڪرڻ جي عمر اچي وئي- انگ انگ ۾ اهڃاڻ ڏسو!

(سامرين جي شهر ۾: 56)

**اوٽ ٻنجي وڃڻ:** پردو وچ ۾ اچي وڃڻ، تيز هوا، يا طوفان ڪان جهلو.

اسان  اوٽ ٻنجي وڃُن هر جُهڳيءَ جي،
تہ آنڌيءَ  ۾ ڪنهن جا ڇپر ڪو نہ پٽبا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 57)

**اورانگهي:** پار ڪري وڃڻ.

هر دل شهر ڏٺل آ آئم ڇا ڇا ڪو آثار اُڪيلي؟!

(ڇا چيس آئيني: 34)

**اوريجنل:** (original) انگريزي لفظ معنيٰ اصلوڪو نجُ.

نقلي هو روپ تنهنجو آخر گلي پيو،

منهنجو تہ تو سان پيار پيو اوريجنل هئو.

(سامرين جي شهر ۾: 117)

**اوڪيو:** آت ڏنا، اوڳاڇيو، الٽي ڪئي.

وِرهہ وهاري جيءَ ۾، لوهو اوڪيو مون،

مون ڪان مهل گُسي وئي!

(ڇا چيس آئيني: 33)

**اوڪي چال:** ڏکئي ڪم ۾ هٿ وجهڻ، ڪنهن سان ڏکيو هلڻ.

چال ڪجهہ اوڪي هليا همراهہ مون سان راهہ ۾،

پر چڱي آئم نباهي ويو آ پنهنجي جاڻ ۾.

(سامرين جي شهر ۾: 57)

**اوڳاڇڻ:** حاصل ڪيل شيءِ موٽائڻ.

ءِ پوءِ پينو ڪِرٽا پيو اوتينديون اگني پيو اوڳاڇيندون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 137)

**اوڳرائي ڏيڻ:** هضم ڪري وڃڻ.

ويو آهين سوين غم کائي آئم،

مگر ڏئين ئي نہ ٿو ڪا اوڳرائي!

(ڇا چيس آئيني: 113)

**اوليئڙا:** تڙڪا، پاڇا.

منهنجي ڳوٺ ۾ مينهن پوڻ تي ارها ٽيندا،

سونهن خوشيءَ سان پنهنجا اوليئڙا ٿي اُڇلي.

(سامرين جي شهر ۾:49)

**او ماءِ گاڊ:** (o' my God) انگريزي لفظ ڪنهن حادثي يا ڪنهن واقعي جي شدت مان نڪري ويندو آهي. الفاظ.

پوليس ءِ ايگل اسڪواڊ،

توبهہ توبهہ او ماءِ گاڊ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 56)

**اونو:** فڪر، لوڙ خيال.

آثم ڪي ڪو انو ناهي، پاڻ پُري يا پور ٿئي،
دل ڪي پيو ڦٿڪائيندو آ ادڪو تنهنجي چوڙين جو.

(چا چيس آئيني: 71)

**ايٽمي حملا:** اها جنگ جنهن ۾ ايٽم جو استعمال ٿئي سخت لفظن ۾ چڙيون.

۽ يڪايڪ پوءِ ائٽمي حملا_ بدڪلاميءَ جي ڪا بہ حد نہ هئي!

(سامرين جي شهر ۾: 72)

**ايڙو ويڙو:** اُڙيا، ٽُڙيا، تمام ڇڊا.

ڪُيسري ماڻهوءَ جي ڪاڏيءَ تي ايڙو ويڙو چونڊا ڄايا.

(لهرون لهرون لات: 29)

**ايس ايس ٽونٽي ۽ ائيٽمي راڪيٽ:** تمام مهلڪ جنگي هٿيار.

ايس. ايس. ٽونٽي ڪروز پرشنگ ٿو ائيٽمي راڪيٽ، ميزائل،

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 137)

**ايوان:** صوبائي ۽ قومي اسيمبلين جا اجلاس.

ايوانن ۾ پهتل ميمبر، پاٽن تي چٽيسالي ماڻهون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 94)

**ايگل اسڪواڊ:** ايگل نالي وارو پوليس جو جٿو.

پوليس ۽ ايگل اسڪواڊ، توبهہ توبهہ او ماءِ گاڏ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 111)

**بارڪون:** پوليس ۽ فوج جي سپاهين جي رهڻ جي جاين کي بيرڪون يا بارڪون چئبو آهي ۽ قيدين جي رهڻ جون ڪوٺيون بهبيرڪون سڏبيون آهن

خوف لاڳو آ ڪرفيو وانگر، گهر بہ قيدين جون بارڪون آهن.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 56)

**بارودي سرنگهون:** زير زمين بارود رکيو ويندو آهي جيئن دشمن کي اتان گذرندي ماري سگهجي.

پيار اڳيان تون بارودي سرنگهون نہ وڇائين،
اوچيون ديوارون يا لوها ڪوٽ نہ اڏائين.

(چا چيس آئيني: 45)

**باريڪين ۾:** ڳُوڙهاين يا گهراين ۾.

علم جي گهراين ۾ڪو نہ ويو ذات جي گهراين ۾ ويو رُلي،

(ڇا ڇيس آئيني: 40)

**باس:** هونئن تہ ڪا سُڪا باسڻ واري باس، پر هتي بُوءِ لاءِ ڪتب آندو ويو آهي.

هوءَ ڪيترين صدين جو آ واڳون آ،
باحوصلہ هڪ محترمہ خاتون آ.

(سامرين جي شهر ۾: 30)

**بانَ:** تيرُ.

مون تي ماڻهن پاران ڇوڙيل،
بڙڇا/ بانَ ايذائڻ واري،

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 104)

**باهُو:** حضرت سلطان باهو عليہ السلام.

حق باهُو جي هُونگ مان، ايندڙ هُو هُوءَ ڪي،
مُنِ ۾ ڪابو ڪيئن ڪبو؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 80)

**بتيلا:** ننڍڙيون ٻيڙيون.

هو سنڌوءَ وچ ۾ بتيلا،
ساپيان، سهڻو نظارو، ڄامشوري جي هوا.

(ڇا ڇيس آئيني: 36)

**بدمعاش:** لوفر، شاطر، ڪمينو.

نتر، ضدي، مٿي ڦِريا او بدمعاش ڇوڪرا،
ڳَليءَ ڳَليءَ ۾ ٿو ڪرين ڪنهن ڪي تلاش ڇوڪرا.

(لهرون لهرون لاٽ: 38)

**برڪا:** بسنت، بهار.

برڪا مون ڪان لڙڪ ڪسيا هن- گوندر مون ڪان گيت ڇنا هن.

(ڇا ڇيس آئيني: 49)

**بزمون:** سنگتون يا تنظيمون.

نہ ڊراما، ڪهاڻيون ۾ بزمون ٿو چاهين!

(سامرين جي شهر ۾: 107)

**بزمي:** شاعر نثار بزمي، جنهن مصرا ڏني هئي. ”ڪا روڪ هتي ڪانهي، دربان وڪامي ٿو“.

بزميءَ کان پڇڻ گهرجي هن طرح جو مطلب ڇا؟

ڪا روڪ هتي ڪانهي، دربان وڪامي ٿو!

(سامرين جي شهر ۾: 123)

**بڙڇا:** ڪات، تراريون.

مون تي ماڻهن پاران ڇوڙيل بڙڇا/بان، ايذائڻ واري.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 104)

**بشر:** انسان، آدمي.

اڃا تہ نوريءَ ۾ ناريءَ جو ذڪر آ آثم- بشر جي ڳالهہ ڪرڻ لاءِ ڪيترو سڪجي؟!

(سامرين جي شهر ۾: 31)

**بغل پٽڻ:** ڪاوڙيل لهجو، تهپوءِ ڪهڙو تدارڪ ڪري سگهبو.

پوءِ ڇا بغل پٽبا جڏهن- دشمن اندر ڪاهي پيوا،

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 63)

**بکن:** ظاهر ٿين.

تنهنجي ڪوتا مان ٿا بکن آثم!- تنهنجي ڏاهپ ۾ڏانءُ مٿيءَ جوا،

(سامرين جي شهر ۾: 48)

**بڻجي:** ٺهي ٺُڪي، تيار ٿي.

اهڙي انڌ انڌير ۾ آخر- ”بڻجي بڻجي تنهنجي آڌو ڪيئن گهمان؟!،

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 122)

**ٻهيو:** ٻئونڪيو.

فڪري ڏسو ٻاهر- ڪتو ڇو ٻهيو آهي؟!،

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 91)

**بگڙجي وڃڻ:** ڪاوڙمان اچڻ، چڙپ اچڻ.

بگڙي ايندي آن- بڻجي ويندي آن- ڏاڍي وڻندي آن!

(سامرين جي شهر ۾: 120)

**بلاڪٽ:** انگريزي لفظ بلانڪيٽ (Blanket) يعني ڪمبل .

باک ڦٽيءَ جو نينگرُ ننڊ ۾ بلاڪ،

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 122)

**بن برڪا:** بنا وسڪاري جي مند جي.

بِنِ- بَرڪا پَٽڪي پيا رول ڪکر وانگرا،

(لهرون لهرون لاٽ: 104)

**برقعا:** ڪپڙي جو تهيل عورت لاءِ ڍَڪُ.

برقعابرقعا هر ڳلي- برقعي برقعي ۾ تو کي پاتو مون،

(لهرون لهرون لاٽ: 76)

**بلندي:** اوچائي، معيار، عزت.

بلندي توڙي پَستِي منهنجي تنهنجي دم سان ئي آهي،
اڏامڻ ڏين يا اٽلائي ڪڏهين هٿ تنهنجي ڏوري آ.

(سامرين جي شهر ۾ : 80)

**بوتراب:**

دانهن متيءَ ڪئي تہ چرڪي، ننڊ مان بوتراب جاڳيا.

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 83)

**بولاٽيون ڪائي:** مٿان ڪان وَٽَ وڪڙ ڪائيندي ڪِرَڻُ.

اندر ۾ اڄ هانءُ ٿو بولاٽيون ڪائي،
چا جي لاءِ الائي!

(لهرون لهرون لاٽ: 115)

**بي پريتو:** جنهن وٽ محبت نہ هجي.

جيءُ جيڪو بي پريتو آ! چڙ تہ ڪو بي مسيتو آ.

(لهرون لهرون لاٽ: 71)

**بي ڌڙڪ:** بنا ڪنهن خوف خطري جي.

موت منهنجي عرض جي جيڪا بہ ڏين!
بي ڌڙڪ ٿي ڏي، اُها هيڪي نہ ڏي!

(لهرون لهرون لاٽ: 69)

**بي رخيون:** خيال ئي نہ ڏيڻ، لاتعلقي.

بي رُخي پيارن جي ماري تي چَڏي!
هڪ گهڙيءَ ۾ هانءُ ڏاري تي چڏي!

(چا چيس آئيني: 43)

**بي حَسيُون:** نِرجايون، بي اثريون.

بي حَسِيُون دوستن جو ورجائي،
لوڻ زخمن تي ٻُرڪيان ڪهڙو؟!

(سامرين جي شهر ۾: 122)

**بيڪاري چڪيا:** ڪم ڪار کان خالي بيروزگاريءَ جي ڦاسي.

پوءِ بہ بيڪاري چڪيا تي- تَنِ جا چِتَ چَڙهايا آهن!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**بي مَسيتو:** جنهن جي ڳوٺ ۾ ڪا بہ مسجد نہ هجي.

جيءُ جيڪو بي پريتو آ- جڻ تہ ڪو ڳوٺ بي مسيتو آ!

(لهرون لهرون لاٽ: 71)

**بينسر:** نڪ جو ڳهہ.

بينسر واري سهڻي ڪيڏي، سنهڙي چيلهہ بہ تنهنجي گهاگهر واري آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 34)

**ٻاٽون:** تمام شدت سان اونداهيءَ کي ٻاٽ ۾ گهٽين اهڙين اونداهين کي ٻاٽون چئبو.

جيئن باک ۾ ٻاٽون ٻڏن- جيئن واٽ کو ڪنهن کي ڏَسي،

(چا چيس آئيني: 101)

**ٻاجهر جا ٽُبا:** ڪنٽيا لاب لاهڻ کان پوءِ ٻنيءَ ۾ رهيل ٻاجهريءَ جون ٽبيُون.

ڪنهن ڪنهن ٻنيءَ منجهہ پراٽا- ٻاجهر جا ڪجهہ ٽُبا آهن،

(جڏهن اُلا اُپَ ۾: 115)

**ٻاڙ:** چلم، هُڪي يا ٻيڙيءَ ۾ نشي جي ضرورت کي ٻاڙ چئبو آهي.

توکي سگريٽ ويو ملي آثم،
ڏِسُ تہ بي هاڻ ٻاڙ چاجي آ.

(چا چيس آئيني: 64)

**ٻاڪُونءَ ماپ کھاڙي:** اُهي کھاڙيون جن جا ڦرا آڱوٺي ۽ ٻاچ واري گرانٺ جيڏا هجن.

ننيڙيون ننيڙيون چنتائون پيي نيٺ وجهن ٽيون ماٺهون ماري،
ٻاڪُونءَ ماپ کھاڙيون آٿر لمبا وڻ ويينديون آهن!

(لهرون لهرون لاٽ: 67)

**ٻالي پولي:** معصوم، اَبوجهه.

ان هڪڙيءَ کي ڇيڙين جيڪا نينگر ٻالي پولي آهي،

(سامرين جي شهر ۾: 104)

**ٻاڻ ۾:** سوگهو ڪرڻ واري ڦندي ۾.

شل نہ ڪنهن جي دلِ ٻڙي ٻڪجي وجي ڪنهن ٻاڻ ۾!

(سامرين جي شهر ۾: 57)

**ٻُڙي:** ديجهان، اڙي (سڏڻ يا مخاطب ٿيڻ وارو آواز).

شل نہ ڪنهن جي دلِ ٻڙي ٻڪجي وجي ڪنهن ٻاڻ ۾!

(سامرين جي شهر ۾: 57)

**ٻَگهو:** اڇي رنگ جو ٻگچي ۽ جَنگُهون ڊگهيون هونديون اٿس اڪثر ڍنڍن تي رهندو آهي.

سوچ ۾ هڪڙ ٻگهو هئو ڪيڏا واڳُون ٽا رهن هن ڍنڍ ۾،
ناشتي لئہ ڪا ٻہ ڪُرڙي ڪا نہ آ!

(سامرين جي شهر ۾: 143)

**ٻڙِڪ:** صفا ٿوري ڪان ٿورو ذرو.

ٻڙِڪَ نہ ٻاهر ڪيندس واتان، جيڏو گهائين، گهاءِ!

(لهرون لهرون لاٽ: 118)

**ٻيائي:** دُوئي، گهٽائي.

ٻَنِ وجهي ويچا، اِڪائي آٽجي،
ڏاهجن ٻِن مان ٻيائيءَ جا اڪر.

(سامرين جي شهر ۾: 60)

**ٻُڏي ٽَري:** ڪنهن هڪ فيصلي تي بيهي نہ سگهي.

تو ڪان سواءِ سري نہ، ايئن پيي تہ ڪو نہ آ،
پر دل ٻُڏي ٽَري نہ ايئن پيي تہ ڪو نہ آ!

(لهرون لهرون لاٽ: 66)

**ٻُڪيُون هٽي:** ٺُوٺا هڻڻ، مستي ڪرڻ.

ٺَٺجي ٺَٺجي وڪ ڪڍن ٿا،
وهٽن وانگي ٻُڪِيُون هڻن ٿا.

(جذهن اُلا اُپ ۾: 143)

**ٻُنيا:** گهر ۾ داخل ٿيڻ جو مُڪيو دروازو.

اندر ڪولو ڪولو سڏڪا- ٻاهريون ريل ٻُنيا ٻوڙا!

(لهرون لهرون لاٽ: 54)

**ٻُهٽي:** جيڪو صبح جو پهريان پهريان ملي، واپار ڏنڌي ۾ پهرين خريد ۾ وڪرو.

سج سان منهن پٺي صورت هٽي،
ٿي وئي عيد پياري ٻُهِٽي.

(لهرون لهرون لاٽ: 47)

**ٻُورو:** ڪاٺ جي تختي کي ليول ڪرڻ ۾ لسائڻ لاءِ رندو هٽبو آهي، ڪاٺ جا جيڪي سنها چلر لهندا آهنتنکي ٻورو چئبو آهي.

روز لانچون منهوڙي تي ٻڪن- چئو طرف پاڻيءَ جو ٻُورو ٿو اُڏي،
سمنڊ جي تختي تي رندو جڻ لڳي!

(سامرين جي شهر ۾: 57)

**ٻوهي ۾ ڏيڻ:** ڏکيائيءَ ۾ مبتلا ڪرڻ، مُهَمَ کي مَٿو ڏيڻ.

سچن سرفروشن کي ٻوهي ۾ ڏيئي،
پُٺي ڏئي ڀڄڻ جو نہ اڄ وقت آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 104)

**ٻوڪيو:** ڦوٽهڙي تي وريو ٻُرڪيائين يا ڦر ڪرڻ جي تياري ڪيائين.

نم نہ ٻوڪي ڪا جتي، سُرهاڻيون نہ سَرينهن!

(لهرون لهرون لاٽ: 96)

**ٻُوها:** ٻاجهريءَ جا سنگ جن مان اَنُ نڪتل هجي.

ٻاجهر ٻُڪُ نہ اُڪِريءَ اندر- سڪٽن ٻوهن کي چو چڙجي؟!

(جذهن اُلا اُپ ۾: 62)

**ٻين-ٽين:** ٻئي يا ٽئين ڏينهن تي.

روزانو ٻيءَ- ٽينءَ- تون لڳندي هينءَ ايئن!

(لهرون لهرون لاٽ: 111)

**ٻيڙي ٻَني لڳڻ:** مقيد ڪي رسي وجڻ. نديءَ مان ٻيڙيءَ رستي پرئين پاسي پُڄي وڃڻ.

چوڙ ويندئو سيرِ ۾، نيڪ هئي،
آپي لڳِسَنِ ٻيڙي- ٻني!

(لهرون لهرون لاٽ: 118)

**ٻاڏ ۾:** گڏيا ڍنڍ ۾.

ٻرسان واريءَ ٻاڏ ۾، اُڏرن ٽيون آڙيون، رات سمي جي سانت ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 75)

**ٻاسن:** لڳن، ٻانئجن، مشابهه آهن.

ڪي ڪي نيڻ ڪنول پيا ٻاسن – ڪي ڪي نظرون جهڙيون ڪاتيون!

(سامرين جي شهر ۾: 92)

**ٻانءِ نہ پوڻ:** راس نہ اچڻ، ناپسند.

سانجهہ نہ هن سيبائجي، باک نہ ٻانءِ پوي،
جيسين هُو نہ اچي!

(جڏهن اُلا اپ ۾: 48)

**ٻيڪي:** ناراضگيءَ جو اظهار ڪرڻ.

ڪر ٻلي انڪار پر آرام سان- سست ٻارن جيان ڪڏهن ٻيڪي نہ ڏي.

(لهرون لهرون لاٽ: 68)

**ٻَرتي:** بوچ.

تور دلين تي تون ٻٽئين، ٻين تي ٻَرِتي!

(لهرون لهرون لاٽ: 84)

**ٻيانڪ:** ڊيڄارڻ جهڙو، خوف ڏياريندڙ.

منهنجا رابيل جيان نازڪ گل! موت منحوس جو ٻيانڪ راڪاس!

(سامرين جي شهر ۾: 102)

**ٻَينِ ۾:** وڏن ٻيٽن ۾.

تور دلين تي تون ٻٽئين- ٻَينِ تي ٻَرتي!

(لهرون لهرون لاٽ: 84)

**ٻٽو:** گهٽي وقت کان ڪم نہ آيل دڙو غير آباد ڇڏيل زمين جي دڙي.

ٻر ۾ مَٿُ ٻتوهڙ لوٽو ڪَسُ ۾ ڪارو،
مجبوري، ٻيٽو ٻيو!

(لهرون لهرون لاٽ: 87)

**پڄاڻ:** آلو ٿيان، پُسان.

بينو ڪنهن لئہ پنبِ ۾، پنيءَ منجهہ پڄان!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 39)

**پنبِ ۾:** سج ۾، بر بيابانَ ۾.

بينو ڪنهن لئہ پنبَ ۾، پِنيءَ منجهہ پڄان!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 39)

**پنيرڪي ويلا:** اجا رات شروع ٿيندي هجي.

پنيرڪي ويلا وڃيو، پَرٽا بُتَ پريا،

سانلولڙيءَ جي سيج تي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 37)

**پنيءَ:** آڏيءَ، پَڄنديءَ ويل.

بينو ڪنهن لئہ پنبَ ۾، پِنيءَ منجهہ پڄان!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 39)

**پُري:** ڍَهي پَوي.

آٿم ڪي ڪو اونو ناهي، پاڻ پُري يا پور ٿئي،

دل ڪي پيو ڦٿڪائيندو آ اُڊو تنهنجي چوڙين جو

(چا چيس آئيني: 71)

**پٽڪو:** چوڙين جو هڪ ٻئي سان ٽڪراجي ڪيل کڙڪو.

سنگم جو سنديش ڏئي ٿو، پٽڪو تنهنجي چوڙين جو!

(چا چيس آئيني: 71)

**پُورُ:** اُهي پوري رنگ جا ڪُتا جيڪي گهرجي پناهہ لاءِ ڏاريا ويندا آهن.

تنهنجي در ڪان ٿو لنگهان- پُور اچيو پؤنڪن، ماٺهو تنهنجي ڳوٺ جا!

(سامرين جي شهر ۾: 131)

**پور ٿئي:** ذرا ذرا ٿي ختم ٿي وڃي.

آٿم ڪي ڪو اونو ناهي، پاڻ پُري يا پور ٿئي،

دل ڪي پيو ڦٿڪائيندو آ اُڊڪو تنهنجي چوڙين جو.

(چا چيس آئيني: 71)

**پيتا:** نذر نياز.

گفائن جي پيتا، پيتيم!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 39)

**پيرون:** پيير هڪ وڏو دهل، جنهن ڪي هڪ طرف تي تہ ٻور جي ڪل چڙهيل هوندي آهي.

ڄاليءَ نہ ۾ ٿا جرڪن پيرون۔ گهر گهر وڄنديون هاٽي پيرون!

(سامرين جي شهر ۾: 134)

**پيروين:** راڳ جو پيرو ناٽ مان نڪتل هر وقت ڳائجي سگهندڙ راڳ سارنگي، سنگيت ۾ ۽ راڳڻين ۾ پيروين.

ٻول ۾ بلبل، هلڻ ۾ ڇڻ ڪا هرڻي تي لڳين!

(سامرين جي شهر ۾: 93)

**پيل ٽيڻ:** ننڍڙڪن جيان جيڪو تيڪو ان ڪي چري ضايع ڪري وڃي ۽ ڪيس ڪو بہ جهلڻ وارو نہ هجي.

ڪهڙا ڪهڙا ڪومل ٻوٽا بي درديءَ سان پيل ٽين ٽا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 120)

**پيلو:** اڌ ڪو اڌ ڪچو پوري طرح پڪل نہ هئڻ وارو.

تو ڪي ڪيئن ڪٽي ڪو ڪچ تي؟

تون تہ گهڙو ئي پيلو آهين!

(لهرون لهرون لاٽ: 127)

**تابع:** ماتحت يا اثر هيٺ.

ڳوٺ شهر سڀ تُنهنجا تابع۔ بستي بستي تنهنجي وس ۾!

(ڇا چيس آئيني: 109)

**تابوت:** جنازو يا قبر ۾ لاهجندڙ وجود يا ان جو هٿرادو ٺهيل ٻوتو.

مرڻ وقت بہ جنازو انهيءَ جو سٺائو نہ لهي،

صرف هڪ تمغي ڪي تابوت ۾ اڇلي.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 149)

**تابوت ۾ ڪوڪا ٺوڪڻ:** بيجان ٻوتي ڪي بيهارڻ لاءِ سهاري سان ڪوڪا ٺوڪي بيهاربو آهي.

تابوت ۾ ٺوڪي ٿو سگهين ڪوڪا پر،

ڇاتيءَ ۾ اندر هانءُ لڪل هوندوآ!

(لهرون لهرون لاٽ: 57)

**تاتي آهي:** پالي آهي.

ڪوڙ هميشھ پنهنجي من ۾، ڪانئرتا تاتي آهي!

(لهرون لهرون لاٽ: 83)

**تا تي:** اُنَ جاءِ تي، اُتي.

آٿر جِتي اڙي دل، تاٽي بنا هٽي آ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 93)

**تارون پريُون:** سُرَ ڇيڙڻ شروع ڪيائون.

زندگيءَ جي ساز ڪي ڇهبڪ لڳو!

تارون پُريون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 134)

**تارونءَ لاءِ:** مٿي تي ڪٽڻ.

تتيءَ تغاريون تارونءَ لاءِ، پيئُنِ پُٺَ پڙهايا آهن!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**تاريڪيون:** بتال ڪرڻ جهڙي گهگهڙ اونداهي.

روشنيءَ ڪان ٿي سدائين ونءُ ويو،

تنهنڪري تاريڪين ۾ ويو رُلي.

(ڇا ڇيس آئيني: 40)

**تاسارو:** اُڃيون.

پوءِ بہ مان تاسارو توڙي،

تنهنجو مون انگ انگ ڇهيو آ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 123)

**تاسيون:** اجاريون.

سامهون ساجن، تاسيون نظرون،

پاڻيءَ اسي هرٽيون الريون.

(لهرون لهرون لاٽ: 27)

**تال:** رِڌِ ۾.

تيز هوا جي تال تي، پن پپر جا پاڻ ۾ وجائن تاڙيون!

رات سمي جي سانت ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 75)

**تانسين:** برصغير جو مشهور ڳوَيو.

ڪڏهين تہ اوڄ ’سمگل‘ ۾ ’تانسين‘ جو هو،
اڄ لاجواب راڳي، هڪڙو جلال آهين.

(سامرين جي شهر ۾: 98)

**تانگهہ:** سِڪ، گهرج، ملڻ جي تمنا.

انڌا انياءَ ۾، وِرهہَ جي واءَ ۾، تانگهہ جي تاوَ ۾ ميڻ وانگر سڄو
جيءُ وېندو ڳري، سانوري، سانوري!

(سامرين جي شهر ۾: 98)

**تاڻيل:** ڪَسِيَلَ، نشاني تي ڪيل.

منهنجي سامهون تاڻيل تنهنجي،
پوتر تا جا پردا آهن!

(لهرون لهرون لاٽ: 94)

**تاڻين:** سيٽيل، اولاريل.

ڪوئي ڪنهن کي تہ ياد ئي ڪونهي،
ڪنهن جو انگ ڪنهن ڏي تاڻي ٿو.

(چا چيس آئيني: 91)

**تاءُ:** شدت، ڏمر، غصو.

انڌا انداءَ ۾، وِرهہ جي واءَ ۾،
تانگهہ جي تاءَ ۾ ميڻ وانگر سڄو جيءُ ويندو ڳري!

(سامرين جي شهر ۾: 41)

**تتي:** ڏينهن گرم ۾.

تتيءَ تغاريون تارونءَ لائي- پئين پُٺَ پڙهايا آهن!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**تحت الثريٰ:** زمين جي هيٺئين کان هيٺئين تهہ تائين ڪِرَڻ.

آدمي تحت الثريٰ تائين پُڳو آهي وڃي،
سائنسي ايجاد ۾ ڪار ارتقا آئي تہ ڇا؟!

(سامرين جي شهر ۾: 89)

**تربيلا:** پنجاب ۾ هڪ علائقو جنهن ۾ پنجاب سنڌو نديءَ تي ڊئم ٺاهڻ چاهي پيو جنهن سان سنڌ ۽ سرحد سُڪي وڃن ها.

هڪ لانڙيءَ ۾ هَٽَ منگلا جا آهن پيا،
۽ ٻي نڪ ۾ نٿ، تربيلا جي آ پئي!

(چا چيس آئيني: 104)

**ترديد:** انڪار، غلط ڄاڻائڻ.

پنهنجا سڀ الزام اچلي منهنجي گهر،
منهنجي هر ترديد چورائي ويو.

(سامرين جي شهر ۾: 110)

**ترياق:** نانگ جي ڏنگ جو زهر وارو اثر ختم ڪرڻ جي دوا.

حاذق ماڻهون نانگ نپوڙي ترياق بنائن،
رڳ رڳ روڳ مليريا جو ڦهلائن مڇر ماڻهون.

(لهرون لهرون لاٽ: 27)

**تڙپ:** ڏکن ۾ گذارو.

جڏهن کان نظر جي جهڙپ ڏئي وئين،
تڏهن کان حياتيءَ کي هڪ نئين تڙپ ڏئي وئين!

(لهرون لهرون لاٽ: 60)

**تڙپن:** ڦٿڪن، لڇن، پڇن.

تڙپن ڪنهن جي تانگهه ۾، ڪنهن جي لئه آتا!

(لهرون لهرون لاٽ: 102)

**تشنگي:** اڃ، سيڪَ، اُساٽ.

نہ گهٽجي نہ پرجي، وڏي تشنگي آ،
نہ جئجي، نہ مرجي عجب زندگي آ!

(چا چيس آئيني: 122)

**تصنيف:** لکڻي.

اي جهنم ۽ بهشت جا مصنف اعظم!
مان جو هِڪُ، تنهنجي ئي تصنيف جو آهيان ڪردار.

(سامرين جي شهر ۾: 61)

**تعذير:** ڪفر جي فتوي.

ڪالاباغ ڊيم ٻڌاوڻ والي، سنڌ تي ڪيون هي اي تعذير!

(لهرون لهرون لاٽ: 125)

**تعريفن جا تنگ چڪڻ:** گڏهه يا گهوڙي تي سامان رکيو آ ته ان کي مضبوط طئه لاءِ رسن سان ٻڌبو آهي جن کي تنگ چئبو آهي.

خط لکي شعر گهرن ٿا،
خطن ۾ تعظيم لکن ٿا،
تعريفن جا تنگ چڪن ٿا!

(سامرين جي شهر ۾: 83)

**تعميل:** پورائو ڪرڻ، عمل ڪرڻ.

حسن سان، فن سان، وطن سان محبت جوڙي،
تنهنجي ارشاد جي تعميل ڪيان ٿو وڃو!

(سامرين جي شهر ۾: 61)

**تغاري:** ڪارن جي شڪل تي ٺهيل لوهيون.

تتيءَ تغاريون تارون لاءِ، پيئن پُٺ پڙهايا آهن،

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**تڪميل:** مڪمل ڪرڻ، پورو ڪرڻ.

جيڪو ڪم تو مون کي شروعات ۾ سونپيو هو،
مان ان ڪم جي ئي تڪميل ڪيان ٿو وڃو!

(سامرين جي شهر ۾: 41)

**تڪ نه سپ ڪنهن ڏي:** سين کي پيار پرين يا هَوَس پريل نظرن سان نه ڏس.

مرڻ وقت به جنازو ان جو سڻائو نه لهجي،
صرف هڪ تمغي کي تابوت ۾ اڇلي.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 149)

**تمنائون:** خواهشون.

وکن تو وٺ ته پهچايو اٿم پر- تمنائون نه تو وٽ پُڄَنِ ٿيون!

(لهرون لهرون لاٽ: 64)

**ٽٽجي:** تيل ٿليل ڪري آئِڊِ جي اچڻ.

اهڙي اَنَڏَ انچير ۾ آخر،
ٽٽجي ٻٽجي تنهنجي آڏو
لوڏ هٽي مان ڪيئن گهمان؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 122)

**ٽئور:** بوج، پرتي، بار.

ٽئور دلين تي تون ٻٽيءَ، پيپن تي پرتي.

(لهرون لهرون لاٽ: 84)

**ٽئونر وانگر:** جنڊ جي گهيري وانگر، جيڪو اتي ڪي گڏ ڪندي پاڻ ٻه اتي جي رنگ جهڙو ئي ويندو آهي.

ايڏو پائوڊر هٽي نه وڄ ٻاهر- ٽئونر وانگر اُڇارجي نه وڃين!

(لهرون لهرون لاٽ: 126)

**ٽتر ڪُرڙي:** آسمان تي ڏڪن ڏَڪن جي صورت ۾ جهڙ.

ٽتر ڪرڙيءَ ڪفني ڦاڙي،
سِجَ جيئن سِرِجَٽهار اُپريا!

(لهرون لهرون لاٽ:32)

**تِڏُنِ ٽڪيڻ:** جيت جيڪو ڪپڙن ڪي ٽُڪي سوراخ ڪندو آهي.

پيارا پُراٽيءَ پڳ جيئن تِڏُنِ ٽُڪئين ٽُون،
مون پيي منٿون نه ڪيون!

(چا چيس آئيني: 34)

**ترڇي:** ڏيڍ اک سان ڏسڻ، ايئين ڏسڻ جڻ ڏنائين ئي ڪو نه.

وڄ وَسي، يا ڏينهن تتو هو؟
هُوءَ نظر هڪ ڪوسي تِرڇي!

(لهرون لهرون لاٽ: 58)

**ترڪش:** ڪمانَ، سِينگَ.

جي منهنجي سچ تي ٿي پيو آ سرڪش،
ته هت ٻه ترڪش ۾ تيرَ جاڳيا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 82)

**تُڙِگَنِ:** ٿُپِيُون ڏيئي وهنجن.

ٿُڙِگن تيئن ٿا ٻار ڏُٻِنِ ۾،
گٽر منجهه گهمن جيئن ڪيڙا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**تُنَ:** ٽُڪ، سوراخ، قاتل هنڌ.

تو جي ڪالهه تُنيا ها منهنجا انگهيل ڪپڙا،
اَڄُ اُنَ تُنَ تُنَ جي تَندُن کي هِڏِڪي آئي!

(لهرون لهرون لاٽ: 68)

**تُنيان:** ڳَنديا.

تو جي ڪالهه تنيا ها منهنجا انگهيل ڪپڙا،
اڄ ان تن تن جي تندن کي هِڏِڪي آئي!

(لهرون لهرون لاٽ: 68)

**توڏ:** آڪڙيا سيٺَ.

ليسُوڙي جي لوڏ ڏنئي نه!
اڄ ان تن تن جي تندن کي هِڏِڪي آئي!

(لهرون لهرون لاٽ: 68)

**توڏ:** آڪڙيا سيٺَ.

ليسُوڙي جي لوڏ ڏِنئي نه!
تيز هوا جي توڏ ڏِنئي نه!

(جڏهن اُلا اُپ ۾:82)

**توڙ:** پڇاڙي، پُڄاڻي، حل يا پَڇڙي.

توڙ هلان تو سان مان، ويسهه ڪر مون تي،
سپنا منهنجي ساهه جا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 50)

**تومانُ:** ايران جو سِڪو.

تومانُ: جيئن پائونڊ، ڊالر.....،

(لهرون لهرون لاٽ: 35)

**تيشو:** اهو اوزار جنهن سان پٿر ترڪيو ويندو آهي.

تون غور سان ڏسندين ته قلمڪار سان گڏ مان!
هالار به، تيشو به ۽ فرهاد به آهيان.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 95)

**ٽاريلا:** ٽر ۾ رهندڙ ٽر علائقي وارا.

هيڏا پاٽيءَ واسطي تڙپن ٽاريلا!

(سامرين جي شهر ۾: 41)

**ٽاڪ:** اهڙو هنڌ جتي گهڙي ڪن ساهي پٽي ٽَڪُ پيججي.

پنهنجي منزل ڪي جو پيو ڳولي ڪو اهڙو سجهي نہ جنهن ڪي ٽاڪ

جتي هو بوٽ جون ڪهيون ڪولي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 117)

**ٽانهريو:** آرامي ٿيو سڪون ماڻيائين.

لُڪَ ڪوسي وَڏي پياس ڏاڍي لڳي،

ٽاڪ ٽُنهنجي اچي من ٽڪو ٽانهريو.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 67)

**ٽيت:** ملڻ جو شيڊول.

پياري پياري پولي پالي منڙي منهنجي سريت،

ياد اٿئي يا ڇَڏِيَئي وساري چانڊوڪيءَ جي ٽيت.

(سامرين جي شهر ۾: 41)

**ٽارچر سيل انگريزي لفظ:** اهو ڪمرو يا جڳهہ جيڪا ڪن گهربل ماڻهن کي عذاب ڏئي سچي ڪرائڻ لاءِ ٺهيل هوندي آهي.

نيٺ ٽارچر سيل جي ڪئامارن ۾ ڦاسي پون ٽا،

(سامرين جي شهر ۾: 45)

**ٽاڪونئڙا:** نازڪ، ٽوريءَ اُٿَلَ پُٿَلَ سان ٽُٽي پوندڙ.

ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيا شيشي- گهر وانگر،

ٽاڪونئڙا ماڻهون!

(لهرون لهرون لاٽ: 104)

**ٽانڊن تي:** پرندڙ اڳرن جي ڍير تي.

يارو! اج تہ اچو ساڻ نچو مونسان گڏجي ٽانڊن تي.

(لهرون لهرون لاٽ: 88)

**ٽانگر ٽهڪن:** گلن سان جهجيل ٽاريون.

ڪٽي ٽانگ پون ٽهڪي- ڪٽي مکڙيون پون مهڪي،

هوا خوشبوءِ ڪٽي ايندي، هوا کي ڪير روڪيندو؟!

(چا چيس آئيني: 94)

**ٽاٽي**: وقت تي.

سنجها ٽاٽي وارن وچ ۾- گوريءَ ويهي گجرا پوئيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 28)

**ٽاٽي واٽي**: وقتن فَوَقتن، وقت ضرورت، مهل تي.

آٿم ڪيڏو ڏاهو آن جو آڳ اپس جي ٽاٽي واٽي،
ماٿهو بوتل برف پين، تون لڙڪ- پسينو پيئندوآهين!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 56)

**ٽاهڙ**: ماٿهوءَ ڪان ۽ اوپرن شين ڪان پري پڄندڙ.

ڪٽ مان هڪڙي هرٽي ٽاهڙ نڪري وئي،
ڪيت سمور ڪائي ماڪڙ نڪري وئي!

(لهرون لهرون لاٽ: 51)

**ٽاهہ ڪائڻ**: ڀور ڪنهن اڻ ڏٺيءَ شيءِ يا اوپري ماٿهوءَ ڪان ڇرڪ پري ۽ ڏپو ڏيندو آهي.

جانورن جيان سَئونچو پوندي، ڇرڪي گاهہ بہ ڪاڏو آ مون!،

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 102)

**ٽڇڪڻ**: شدت سان سڙڻ، سڙندي سڙندي اُبري اچڻ.

آٿم ڪيڏو ڏاهو آن جو آڳ اپس جي ٽاٽي واٽي،
ماٿهو بوتل برف پين، تون لڙڪ- پسينو پيئندوآهين!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 56)

**ٽڏي**: مقابلي جي تياري ڪري، وڙهڻ لاءِ هُوڪاري.

هُتي گهاٽ مان جيئن ٽي سُوري سَڏي،
تہ مڙس جي مهماءِ ٽي هِتِ ٽڏي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 71)

**ٽرڙو**: هلڪڙو اوائي توائي.

جي ڪجهہ آءُ چوانءِ تہ ان تي، ٽرڙو ٽي نہ ٽِلين؟
سچ سجايو ٽي پئي منهنجو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 51)

**ٽَلِ**: سوچ ڪر، طئہ ڪر.

ٽل تہ هٽئون ڪيئن موت ڪي، مٽي ۾ گوليون؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 91)

**ٽلپن:** پند ڪرين.

جي ڪجھہ آءُ چوان تہ ان تي ٽرڙو ٽي نہ ٽلين،
سَچُ، سجايو ٽي پئي منھنجوا!

**(جڏھن اُلا اُپ ۾: 51)**

**ٽليئہ:** سوچِيَئي، رِٿِيَئي.

سونھن اجھل جي زور تي،
ارڏائپ ٽليئہِ!

(لھرون لھرون لاٽ: 99)

**ٽھلدي:** گڏ پسار ڪندي، تفريحي طور تي گڏ گھمندي.

ساڙ گھتيون وي آٿم ڪون، غيران نال ٽھلدي ھو.

(لھرون لھرون لاٽ: 124)

**ٽئوٽو:** چرچو پوڳ.

ٽئوٽا ڪالھ ڳري پئي، سَرِتيءَ سَرتيءَ تي!

(لھرون لھرون لاٽ: 100)

**ٽِپَ:** ناز منجھان ٽينگ ٽپا ڏيڻ.

سونھن اَجَھلَ جي زور تي،
ارڏائپ، ٽليَئہِ!

(لھرون لھرون لاٽ: 99)

**ٽپو:** پاٽي پري رکڻ جو ننڍو گھڙو.

پر ۾ مَٽُ پِٽو ھئو۔ ٽپو ٽڪرا، لوٽو ڪس ۾ ڪارو،
مجبورُ پيٽو پيوا!

(لھرون لھرون لاٽ: 87)

**ٽڦٽيون:** ٽٽي تان ڪوسي ماني اٿلائڻ لاءِ لوھي ٿھيل ويڪري منھن واري چرپي.

دل، اٿو، ڳھہُ، گھر ۾ ناھي،
بک، مٿي تي ٽڦٽيون الريون!

(لھرون لھرون لاٽ: 37)

**ٽڪان:** ترسي پوان، رھي رھان.

ڪيسين ٽانڊن جي مٿان ٽَچڪڻ لاءِ ٽِڪان؟!

(جڏھن اُلا اُپ ۾: 41)

**ٽڪون:** آئينا، شيشا جيڪي گهگهن ۾ توپين تي ٽانڪيا ويندا آهن.

ڪنهن پياري جي توپ تي ٽڳون ٽوپيندي،
هُڻَ جو هڪ انگ نچي ٿوا
(سامرين جي شهر ۾: 105)

**ٽڪي لاهڻ:** ٿورو لاهڻ.

ڪيئن مرڻ کان اڳ ۾ لاهيان،
آءُ ٽِڪي؟!
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 107)

**ٽُبُ:** ڳنڍ يا ڳيرَن تائين تار ٽيل.

سونهن سان ايتري تہ ٽُبُ آهين،
ڊپ لڳي ٿو تہ هار جي نہ وڃين!
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 61)

**ٽُرُ:** هَلُ، پنڌ ڪر.

ٽُر نہ هرڻيءَ ٽور، وَٽُ نہ هلندي هيڪلي،
ڪيئي جوين ڊور، ڳوري! اٿئي گهات ۾.
(ڇا چيس آئيني: 104)

**ٽُڪِيَسِ:** سوراخ ڪري ڪائڻ ۾ ڪپڙي کي ضايع ڪري ڇڏڻ.

پيار پراڻيءَ پڳ جيئن تن ٽڪئين تون،
مون پيي منٿون نہ ڪيون!
(ڇا چيس آئيني: 34)

**ٽوپيندي:** توپ تي ننڍڙا شيشا ڌاڳي ۾ سُئيءَ سان ٽوپي، توپ تيار ڪيو ويندو آهي.

ڪنهن پياري جي تو تي ٽڪون ٽوپيندي،
هن جو هڪ انگ نچي ٿوا
(سامرين جي شهر ۾: 105)

**ٽور:** چال

ٽُرُ نہ هرڻيءَ ٽور، وقت نہ هلندي هيڪلي،
ڪيئي جوڀَنَ چور، ڳوري! اتي گهات ۾!
(ڇا چيس آئيني: 104)

**ٽُڪِيَس:** سوراخ ڪري ڪاٽڻ ۽ ڪپڙي کي ضايع ڪري ڇڏڻ.

پيار پراڻيءَ پڳ جيئن تِڏي ٽڪئين تون،
مون پيي منٿون نہ ڪيون!

(چا چيس آئيني: 34)

**ٽوپيندي:** ٽوپ تي ننڍڙا شيشا ڏاڳي ۾ سُئيءَ سان ٽوپي، ٽوپ تيار ڪيو ويندو آهي.

ڪنهن پياري جي ٽوپ تي ٽڪون ٽوپيندي،
هن جو هڪ هڪ الگ نچي ٿو!

(سامرين جي شهر ۾: 105)

**ٽور:** چال.

ٽُرُ نہ هرڻيءَ ٽور، وٽ نہ هلندي هيڪلي،
ڪيئي جويَنَ چور، ڳوري! اٿئي گهات ۾!

(چا چيس آئيني: 104)

**ٽيرُ مَٽيرُ:** ابتيون ڳالهيون ڪرڻ، اڻ لاڳاپيل ورندي ڏيڻ.

مين آکيا ڪجهہ ماڻهو ٿيوو،
تُسا آکيا، ٽير مٽير!

(لهرون لهرون لاٽ: 125)

**ٽيلي:** ناز نخرو ڪري.

مڏ_ بوتل جي ڳُٽ ڳُٽُ وانگي، ٽيليءَ سان هُوءَ ٿَهَ ٿَهَ تنهنجي.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 113)

**ٽڪريچڻ:** مياري بنائڻ، اجايو بيڏوهيءَ کي ڏوهي ڄَوَڻُ.

خبر اٿم تہ جڳ ۾ سَستو ڪو بہ ناهي،
تہ پوءِ هِنَ ۽ هُنَ تي نِڪَرُ ڪو نہ ٻيجبو.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 57)

**ٿَهَ پَهَ:** تڙتيءَ ڪڙتي، فورن، ان ئي وقت.

ايندڙ شرط اُڇَلَ ڏئي پاٺڻ،
مون کي ياڪي ٿهہ پهہ تنهنجي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**پاڻن تي چٽسالي ماڻهون:** بي جان شڪلين جيان جاندار ماڻهون.

ايوانن ۾ پهتل ميمبر، پاڻن تي چٽسالي ماڻهون.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 94)

**پار اُڪاري:** درياهہ جي ٻئي طرف پڄائڻ.

ڀاڙَ ٻڏي پيي، ڪُنَ ۾ قاتل ٻيڙي ڪنهن جي پار اڪاري ويندا سي!

(ڇا چيس آئيني: 86)

**پارلياماني ڪچهري:** راءِ ڏيڻ واري ڪچهري يا ميٽنگ.

پکين جي پارلياماني ڪچهريءَ ۾ هميشہ جيان،
ڪبوتر جي اُها ڳُٽُ ڳُٽُ، اها ڳيري جي گُهوگُهو آ!

(سامرين جي شهر ۾: 37)

**پاريهر:** ڪبوتر جهڙو ٿورو وڏو ۽ رنگ جو ڪارو پکي.

ڦولَ لڳي ڦتجي پيا پاريهر وانگر!

(لهرون لهرون لاٽ: 104)

**پازيب:** پنيءَ ۾ ٻڌڻ جو ڳهہ.

ڪاڏي سنيري آهين سورٺ، ڪهڙي پاسي پنڌ ڪندينءَ؟
پيرن ۾ پازيب وڌائين!

(سامرين جي شهر ۾: 64)

**پاش پاش:** ٽٽل ڦٽل.

لڳي ٿو ايڏي پياس ئي سمنڊ پي وڃين سڄو،
ڪٿان ڪٿان ڪري ٿيو هين پاش پاش ڇوڪرا؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 38)

**پاليهر:** ڪارا بوتر.

ڏئي يولارن مان ڏوتيون، پاليهر پيا اُڏندا آهن،

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 110)

**پاڻ پتوڙڻ:** نہ حاصل ٿي سگهندڙ مسئلي ۾ پاڻ کي بار بار بي سود ٿاسائڻ

اڄ امن جو ساگر مانو آهي، پاڻ پتوڙڻ واريون سوچون!
ڊوڙ ڊوڙي ساٿيون ٿيون هن!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 145)

**پاڻ مرادو:** پاڻهين جاڻهين، بنا ڪنهن چَئُہ چواءَ جي.

پنهنجي هڪڙي سانجهہ سڳنڌ مون ڪي ڏئي وچ پاڻ مرادو!

(لهرون لهرون لاٽ: 33)

**پاڻ وهيڻو:** پنهنجو پاڻ تي پاڙيندڙ خوددار.

ڪنهن جيءَ قوت نہ سڳيڻي سر تي،
پنهنجي پاڻ وَهِيڻي، سر تي!

(چا چيس آئيني: 102)

**پاڻ هرتو:** پاڻهين جاڻهين، خودبخود.

ڪنهن پاڻ هرتو چَئي ڏنو هي آهہ هُنَ ماڻهوءَ جو پٽ،

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 133)

**پاڻياري:** پاڻي پريندڙ عورت.

منڊيءَ واري سائڻ لوڏي هٿ،
سلام ڪيون وچ او پاڻياري سائڻ!

(سامرين جي شهر ۾: 35)

**پاڻئون زوري:** اُڀَري، جيڪا جهلئي جهل نہ ڏئي.

چاندنيءَ جهڙا پُورا، بخمل جهڙا ڪئونرا،
هن چوريءَ پاڻهون زوريءَ جا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 108)

**پپيتا:** هونئن تہ هڪ ميوي جو نالو آهي پر هتي عورت جي ٻُٻَن لاءِ ڪم آندل آهي.

چولي تي جيئن هٿ چُريا ها،
تُنهنجا تيئن پپيتا پڙڪيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 31)

**پچڻ:** رڌجڻ.

ڏينهن ڏڪڻيءَ ۾ وتل، راتيون لُڇي گذرن پيون،
پل پڄرڻ، پچڻ بل، سڪرات ۾ سپ ساعتون.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 72)

**پڄرڻ:** ڪڙهڻ.

ڏينهن ڏڪڻيءَ ۾ وت، راتيون لچي گذرن پيون،
پل پڄرڻ، پچڻ بل، سڪرات ۾ سپ ساعتون.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 72)

**پرڌان:** ڪو وڏي مان ۽ مرتبي وارو، وزير يا قومي سردار وغيره.

آٿر ڪي پنهنجو آدمر سمجهڻ لڳين اگر،
تنهنجو قسمر تہ مان هڪ پرڌان ٿي وڃان.

(چا چيس آئيني: 60)

**پرڳڻو:** علائقو، وادي.

هن جو پاڙو اسان لئہ اڄ ڪلهہ،
جڻ تہ وهمن جو پرڳڻو آ!

(سامرين جي شهر ۾: 103)

**پرماتما:** خدا، ڀڳوان.

ٻڌمر پرماتما جي هٿ حياتي آ،
ڏٺمر ڦاسيءَ تي لاشا آتمائن جا.

**پرمار:** ٻاهران اچي ڦريندڙ ۽ اصلوڪن کي ٻي دخل ڪندڙ.

پرمارن جي ٽولن ڪان جيئن- پنهنجي ٻڪرين جو ڌڻ چڱو آ.

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 125)

**پَروَسِ:** ٻئي جي آسري يا سهاري تي.

پروس پيار هجي تہ پوءِ- سڌي سڄڻن کي ياڪر ڪيئن وجهجي.

(لهرون لهرون لاٽ: 80)

**پرولي:** ڳجهارت، لَڪَ ۾ ڪيل ڳالهہ.

هر هڪ انگ اشارو آهي، ۽ هر هڪ ٻول پرولي آ!

(سامرين جي شهر ۾: 138)

**پڙلاءُ:** ڪنهن گنبز ۾ ڏاڍيان آواز ڪبو تہ ان جو ايڪو ان جي موٽ ڏيندو، ان کي پڙلاءُ چئبو آهي.

مان ٻڌان ٿو پيار جو پڙلاءُ ساهن ۾،
رات جي راڻيءَ جو ڳالهاءُ ساهن ۾.

(لهرون لهرون لاٽ: 26)

**پستي:** پنتي موٽ، هيٺ ڪرڻ، حالتِ زار کي رسڻ.

بُلندي توڙي پستي منهنجي تنهنجي دمر سان ئي آهي،
اُڏامڻ ڏين يا اٿلائي وجهين، هٿ تنهنجي ڏوري آ!

(سامرين جي شهر ۾: 80)

**پڪڙ:** مال جي ٻڌڻ جي سنگهر.

او ديس تو ڪي پئند پڪڙ پيي گهٽا وڏا،
پر مون تہ تو ڪي هار هس، مرڪڙيون ڏنيون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 55)

**پِڳ پِڳ:** گسِ گسِ.

گس گس، پڳ پڳ پڪڙي اولڙا، ورچي نور ويا!

(لهرون لهرون لاٽ: 90)

**پلاڻڻ:** سواريءَ تي چڙهي هليو وڃڻ.

پيدل توڏي پيو ٻڪان- اُٺ نہ پلاڻيا مون!

(سامرين جي شهر ۾: 99)

**پن ڇڻ:** خزان، بهار جي ابتڙ موسم.

ٻيريون پن ڇڻ ڇانگهيون- ڳاڙهن ٻيرن ڪاڻ!

(سامرين جي شهر ۾: 96)

**پنڇي:** پکي.

سائي سَرَ تي ڪارو ڪٽڇي، مند مَتيءَ جو نياپو پنڇي!

(لهرون لهرون لاٽ: 58)

**پنگهٽ:** پاڻيءَ ڀرڻ جي جڳهہ.

سانجهہ سنهري هڪڙي پنگهٽ تي، پاڻيارين جي ٽولي آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 138)

**پَوِتر:** پاڪ.

ڪيڏا پوتر ڪيڏا اُجرا- لفظ سمورا ڪُمل ڪئونرا!

(ڇا ڇيس آئي: 75)

**پهاڙن جي سهپ:** جبلن جيڏي شديد سهپ.

سَنو ڪين ٽيندو هو لک ڀيي ڪڏهن،
پهاڙن جي هاٿي سهپ ڏئي وئين!

(لهرون لهرون لاٽ: 60)

**پَهَرُو:** ڊور يا ان جو ڦَرُ.

پل ۾ پنوهارن جا پهرو ڇيري ڦاڙي ڀڃي وڃن ٿا.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 100)

**پهتل:** درويش، خدا رسيده.

اڄ تہ سچ پچ ٻڌاءِ آٿر کي،
کھڙي پهتل جي اڳڪتي آهين؟!

(چا ٿي چيس آئيني: 111)

**پَئيندُ:** وهٽن کي پوين ٽنگهن ۾ رسا ٻڌي سوگهو ڪيو ويندو آهي.

او ديس! تو کي پئندي پکڙ پيي گهٽا وڏا،
پر مون تہ تو کي هار، هس مرڪڙيون ڏنيون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 55)

**پرپو:** وليءُ، اولياءُ، پهچ وارو.

هي ڇا آهي؟ هُو ڇا آهي؟ - پيار، پريتم، پرپو آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 36)

**پرهہ:** سج اڀرڻ کان اڳ وارو وقت.

پرهہ ولوڙا کير جا - جهڄٽي جُهو جُهو کي،
مُٺِ ۾ قابو ڪيئن ڪبو؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 82)

**پريت جو پيچ پائڻ:** عشق ٿي وڃڻ.

جوڀن مون کي جواب ڏنو هو- من پيچ پريت جو پاتو آ.

(چا چيس آئيني: 57)

**پريتم:** محبوب.

هي ڇا آهي؟ هُو ڇا آهي؟ پيار، پريتم، پرپو آهي.

(سامرين جي شهر ۾: 36)

**پريمي:** پيار ڪندڙ.

ٻڙُ ٻُٽڪيون، اُهي بہ پريمي ڪاٿي، اڄ الائي؟!

(چا چيس آئيني: 35)

**پنب پاهڻ:** پٿرائجي وڃڻ، جيئن اڳي ٻوڙ تا فازل ٿي ويندا هئا.

پِنبُ پاهڻ هوندا جتي ماڻهون- هوندو تاتي اناج پٿر جو.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 64)

**پنڪيون:** ننب جا جُهوتا.

اوٻاسيون ۽ پنڪيون، گهيرٽ، ڀَنگَ پياڪَ موالي ماڻهون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 94)

**پياس:** اڃ.

لڳي ٿو ايڏي پياس ٿئي سمنڊ پي وڃجي سڄو

ڪٿان ڪٿان ڪِري ٿيو هين پاش پاش ڇوڪرا.

(لهرون لهرون لاٽ: 38)

**پيار ڪٿا:** پيار يا عشق جي ڳالهه.

ٻڌُ پيو ڪنهن پيار ڪٿا جي، ٻُڙڪي ڳالهه ٻڌائي!

(ڇا چيس آئيني: 35)

**پئٽيون:** ٽر جون مشهور بلائون.

ساهه سڪن ۾ وجهندي آٿم،

ڪيڏو پل پل پيئٽيون الريون.

(لهرون لهرون لاٽ: 37)

**پٺارڪو:** اٺ ـ ڏهه ڪلو ڪنهن ڪپڙي ۾ پُٺيءَ يا ڏهوڻ ڪٽي، سگهڻ جي بار کي پُٺارڪ ۾ اهڙين گهٽين کي پٺارڪون چئبو آهي.

هن سمي فرض تو مٿان آٿم، ڪوڙ ساريون پُٺارڪون آهن.

(لهرون لهرون لاٽ: 23)

**پرجهي:** سمجهي.

ڪجهه پروڙي و تہ ڪجهه پرجهي،

آ ضِديرو وڏو اِهو ماڻهون.

(سامرين جي شهر ۾: 81)

**پرخطر:** اها شيءِ جنهن ۾ خطرو لاحق هجي.

ڪنهن گهڻو جاتي اتي مُڙندي اچي،

تندرستيءَ لئہ ٿئي ٿي پُر خطر.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 114)

**پوڊر انگريزي لفظ** (Powder)**:** اتي جهڙو ڪپڙي ڇاڻ ڀورو جيڪو سرهو هوندو آهي.

پوري بت تي سرهو پوڊر تون اڄ ڇو ٿي ڇٽڪين، مان سپ جاڻان ٿو!

(سامرين جي شهر ۾: 123)

**پورالو:** ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن.

مان پورالو دريا منهنجي آرُنِ کي پي هٿ هجي ٿو.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 60)

**پورا ماٺهون:** جن جو اندر خالي هجي، اجائي ڏيک ويک وارا.

پورا ماٺهون خالي ڏار ڏار،
دهلن تي ڪنهن ڇڙ ڏئونڪا ٺوڪيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 30)

**پولار:** آسمان ۽ ڌرتيءَ جي وچ واري فضا.

ڏئي پولارن مان ڏوڙيُون،
پاليهر پيا اُڏندا آهن.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 110)

**جارج بش:** آمريڪا جو سابق صدر.

پاڻا هيٺيءَ دنيا تي هو جارج بش، ڪلنگٽن بگڙيا.

(لهرون لهرون لاٽ 36)

**جاڙ:** جُٽِ، ڏاڍائي، زيادتي.

هڪ ملاقات جو سوال آ، ان ۾ تو ساڻ جاڙ ڇا جي آ؟!

(ڇا چيس آئيني: 63)

**جاڳ:** سمو جاڳڻ جو وقت.

هڪ ٻئي جو ناءُ وٺڻ ڪان،
جاڳ۔ سمي مجبور هُجون ٿا!

(سامرين جي شهر ۾: 38)

**جانبه:** جنهن ۾ اتو پينهبو آهي.

هڪڙي جانبه شعاع تي پيهين،
ان جي وچ مان ٽپي اچان ٿو مان.

(ڇا چيس آئيني: 55)

**جَنِٽي:** جَٽَ ذات وارن جي عورت.

من مروڙ مَچَ ڪري ۽ جنٽيءَ واڻ وٽيو
سَڪَ سٽيو!

(لهرون لهرون لاٽ: 89)

**جڙاءُ:** گهاڙيتو يا بناوت.

تو جيان جڙاءُ ڪونهي ڪو.

(ڇا چيس آئيني: 53)

**جس:** شاباس.

کَٺُ ڪو جس، ٿر تي وس، ٿر تي وس،
تو بن ٿَرُ سنسان ٿيو آ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 118)

**جڪڙين:** بلڪل سوگهو ڪري جَڪِڙيُنِ.

زنجيرن ۾ جڪڙين تون يا ويڙهين مون کي وار.
تو سان ڪهڙا ليکا يار!

(لهرون لهرون لاٽ ۾: 121)

**جڳ مڳ:** چمڪندڙ، تجلا ڏيندڙ.

اڄ جا حملا ياد ڪندس مان- جڳ مڳ جملا ياد ڪندس مان!

(لهرون لهرون لاٽ: 46)

**جلاد:** سرڪاري قاتل جيڪو موت جي سزا تي عمل ڪري.

هڪڙي جلاد جو ازغيبي هٿ- دل جو هڪڙو ٽڪرو ڪپي ويو آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 102)

**جلال:** موري جو مشهور ڳائڻو جلال چانڊيو.

ڪڏهن تہ اوڄ سهگل ۽ تانسين جو هو
اڄ لاجواب راڳي هڪڙو جلال آهي.

(سامرين جي شهر ۾: 98)

**جل ٿل:** پاڻيءَ سان ڀريل، سوڪهڙا توڙي پاڻي.

آءٌ سڄو ئي سڄ صدين جي، تو جڳ جڳ ڀريا جل ٿل،
اُڄَ اُجهاءِ اڃي تون منهنجي!

(لهرون لهرون لاٽ: 117)

**جلشانہٗ:** خدا جي عظمت جو اظهار، تعريف يا شانُ بيان ڪرڻ.

الله جلشانہٗ سبحانہٗ چئو تہ ماڻهون حسينَ،
ساهہ ڪان پيارا ڏسي ڏسي!

(سامرين جي شهر ۾: 31)

**جم دوت:** رحم= موت، دوت= سفير) موت جو نياپو آڻيندڙ.

ڪيئن اچن ٿا، ڪٿان آچن پيا، اوچتو اوچتو اهي جمہ دوت!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 121)

**جرڳا:** ڏِنگ زميندارن پاران ڪيل گڏيل وڏا ۽ ڏکيا خوني فيصلا.

اسان واهان کي ڇهيو ئي نه آ ته پوءِ ڇا لئه،
اوهان جي ڳوٺ ۾ جرڳا ڪُلي ويا آهن!

(سامرين جي شهر ۾: 43)

**جز:** ننڍڙو حصو.

جز ملي ٿو ڪل سان، ائين ڪل ۾ وجي ٿو جذب ٿي،
جيئن ڦُڙي نالي ۾ ۽ نالي گم ٿئي ٿي نياڻ ۾!

(سامرين جي شهر ۾: 57)

**جڳ جڳ:** سدائين

آءُ سڄو ئي سچ صدين جي ۽ تون جُڳُ جُڳُ پريا جل ٿل،
اُڄَ اُجهاءِ اچي تون منهنجي.

(لهرون لهرون لاٽ: 117)

**جڳن ڪان:** سالن کان، وقت کان، دورن کان.

ڪن جڳن ڪان مان تو کي ڳوليان پيو،
اڻ مَئي اُتساهه سان ڳوليان پيو!

(لهرون لهرون لاٽ: 41)

**جوالا:** جبل مان ڦاٽي نڪرندڙ باهه.

با وسي برف ٿي جُوالن تي.

(ڇا ڇيس آئيني: 66)

**جوت:** روشني.

هن ماحول انڌي ۾ آٿم،
جوت وندبيندڙ جملا پوکيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 28)

**جوڀن:** جواني.

قولن مون کي جواب ڏنو هو،
چريا! جوڀن لنڪندو آ ڇا؟!

(ڇا ڇيس آئيني: 57)

**جوڳي:** اهي سنياسي فقير جيڪي نانگ ڦاسائيندا آهن.

سپ نه سِسُ ڦُنداءِ، سيٽيون ڪين وڄاءِ،
جوڳي آيا جوءِ ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 122)

**جيت جياري:** فتح ٽيڻ جا آثار چٽا ڪري.

ڏرتي! ٽُنهنجا گيت گهڙِندي،
جڳ ۾ تنهجي جيت جياري ويندا سي.

(چا چيس آئيني: 125)

**جيئري ڪان ٻڪري کهڻ:** ٿوري نفعي لاءِ گهڻي قرباني ڏين.

سونهن سائي ناهي ماٽڻ،
جيئري ڪان آ ٻڪري کُهئي.

(لهرون لهرون لاٽ: 47)

**جيون ڪٿا:** آپ، بيتي يا زندگيءَ جو احوال.

پنهنجي جيون ڪٿا اُتي آٿم،
پنهنجي هٿ سان لکي اچان ٿو مان!

(چا چيس آئيني: 55)

**ڄالي/ڄاري:** ڪپڙ جو وڻ.

ڄاليءَ ۾ ٽا جرڪن پيرون،
گهر گهر وڃنديون هاٽي پيرون.

(سامرين جي شهر ۾: 134)

**ڄام نندا:** اهي سربراهه جيڪي سنڌ جي بچاءَ لاءِ هر وقت سر سان ڪفن ٻڌيو وتيا.

او سنڌ! تنهنجي ڏکن کي ڏسندي،
هي ڄام نندا سُتا نہ آهن.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 86)

**ڄڳُريُون:** مڪئي پيريون، جن جا ٻير عام ٻيرين کان سائيز ۾ وڏا ٿيندا آهن.

واهه ڪپر تي ٻيريون ڄڳريون،
ڪنڊين ۾ پڪيون سگريون.

(سامرين جي شهر ۾: 134)

**ڄيُون:** ميرانجهري رنگ جون سنهڙيون جُون.

ليڪون، ڄيون بہ پاڻ کي آٿم چڳيون مگر،
پنهنجي وطن جي مور جي وارن جي ڳڻ ڪيو.

(سامرين جي شهر ۾: 118)

**ڄيپ ڏگهي ٽيڻ:** ڳالهائڻ ۾ حدون اورنگهي وڃڻ.

مون سان ڳالهائيندي هن جي- ٽي وئي ڏاڍي ڄيپ ڏگهي!

(سامرين جي شهر ۾: 53)

**ڄيرن ڇاڻ:** جيرن جي سڙڻ جي خبر پوڻ، ڏاندن ۾ سڙڻ جي سُڌِ.

دوزخ ڪو بہ نہ ٿو ڏئي مون کي ڄيرن- ڇاڻ!

(سامرين جي شهر ۾: 96)

**جهاڙو:** ٻهارو.

ماروئڙن جي ميڙي چوندي، جهاڙو ڏيئي ڪٽي وڃن ٿا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 100)

**جهانجهر:** گولائيءَ تي ٺهيل ساز، جنهن ۾ ڪناري تي چوڏاري چمڪٽيون ٻڌل هونديون آهن، جن کي هٿ تي هٽي رڌم سان وڄايو ويندو آهي.

هر طرف جهنڪار ٽي، جهنڪار جا سرڙا ٻُرن،

هٿڪڙين، چوڙين، سِڪِن ۽ جهانجهرين جي شهر.

(سامرين جي شهر ۾: 42)

**جهپ:** ننڊ، اوجهراٽي، جهوٽا.

جَهٽَ نہ جهَپَ اکئين لڳي، جهوريءَ منجهہ جهڄان!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 140)

**جهپڪائين:** ٿورڙي جهٽ ننڊ ڪرڻ، اک لڳائڻ.

مون سان گڏ پاڻ پيي اک جهپڪائين!

منهنجا سُندَرَ سَپنا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 43)

**جهٽ:** تمام ٿوري گهڙي.

جهٽ نہ جهپ اکئين لڳي، جهوريءَ منجهہ جهڄان.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 140)

**جهروڪا:** ٻالڪنيون.

ڪو نہ ٿيو ڪو درشن ڪاٿان،

آٿم ڪوڙ جهروڪا جاڳيا.

(لهرون لهرون لاٽ: 130)

**جهڙپ ڏيڻ:** حملو ڪرڻ.

جڏهن ڪان نظر جي جهڙپ ڏئي وئين،
حياتيءَ کي هڪ نئين تڙپ ڏئي وئين!

(لهرون لهرون لاٽ: 60)

**جهنڪار:** هلڪو واڄٽ جيئن پازيب ۽ چوڙين جو..

هر طرف جهنڪار ٿي، جهنڪار جا سر ٿا ٻُرَن،
هڪڙين، چوڙين، سِڳن ۽ جهانجهرين جي شهر ۾!

(سامرين جي شهر ۾: 142)

**جهٽڪ:** بي رخي، ڇڙٻق، ڇينپ.

وياڪل من جو آٽٽ بنجي ڪي ڪي ايندين آهن ڇهٽڪون،
ڪي ڪي مُرِڪون ويندي ويندي ساهہ نپوڙي ويندين آهن.

(لهرون لهرون لاٽ: 671)

**جهٽڪيندي آن:** ڇڙٻ ڏيندي آن دڙڪا ڏيندي آن، ڪاوڙ جو اظهار ڪندي آن.

جڏهين جڏهني پِي تون مون کي جهٽڪيندي آن،
ڏاڍي وڻندي آن.

(سامرين جي شهر ۾: 120)

**جهڙيالا جوين:** جهڙ جي نکار جيان نکريل جواني.

ٿهڪن واري عمر انهيءَ ۾، جهڙيالا جوين،
کهڙيءَ مونجهہ منجهايو آهين؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 44)

**جُهڳٽي:** ڏت ولوڙڻ سان جيڪا جَهڳيا گجي پيدا ٿيندي آهي.

پرهہ ولوڙا، جُهڳٽيءَ جُهوجهو کي،
مُنِ قابو ڪيئن ڪبو؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 82)

**جُهڳي:** ککن ۽ ڪانن مان ٺهيل اپري سيري جاءِ.

اسان اوٺ بنجي وچون هر جُهڳيءَ جي،
تہ آنڊين ۾ ڪنهن جا ڇپر ڪو نہ پٽبا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 57)

**جُهمڪا:** ڪنن ۾ پائجندڙ ڳهہ جنهن کي ايرنگ بہ چئبو آهي.

گاڙهسرا ڳل هُنَ جا چمندي،
هن جا جهمڪا مُرڪي پيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 106)

**جهونجهڪڙو:** سج لٿي مهل ٿيندڙ اونداهي.

سج- لٿي جي جُهونجهڪڙي ۾،
لڪ- چُپَ رانديون قرض اسان تي.

(چا چيس آئيني: 110)

**جهو جهو:** هر هڪ ولوڙي جو آواز.

پرهہ ولوڙا ڪير جا، جهڄٽيءَ جهوجهوڪي،
مٿ ۾ قابو ڪيئن ڪبو؟

(لهرون لهرون لاٽ: 82)

**جهيڙاڪا جيوَنَ:** اي جهيڙِ ڪرڻ جي شوق واري حياتي.

ويڙهيون وڙهندي اچ اچانڪ، جهيڙيا ڪا جيون!
ڪهڙيءَ مونجهہ منجهايو آهين؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 44)

**چاپڙ:** گاري جو ڏنل ليپو ٽني ٽڪر ٽڪر ٿي ۽ ۽ چئبو تہ چاپڙ لهي پيا.

پيٽ پلچي جا ان ڪان خالي- اونڌا چاپڙ انڌا ليڙا،

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**چارڻ:** ساز وڄائيندڙ فقير.

هت تہ هڻ آٿم وڃي ڪنهن در تي سِرَ جي سٽن تون!
چنگ چاوڻ ڪير ٻڌندئي، بانسرين جي شهر ۾.

(سامرين جي شهر ۾: 142)

**چاري:** چوڪيدار، محافظ.

ڪير رهي ٿو تو تي چاري، ڪير پيو ٿو چال چڪاسي،
ڪنهن نالي تان ڪَڪَ تہ ڪڻ ني!

(لهرون لهرون لاٽ: 107)

**چاڪيواڙو:** ڪراچيءَ جي شهر جو هڪڙو پاڙو.

لڳ ڀڳ ٿورو ڪجهہ اڳيان چاڪيواڙي ۾.

(لهرون لهرون لاٽ: 86)

**چال:** هلت چلت.

ڪير رهي ٿو تو تي چاري ڪير پيو ٿو چال چڪاسي،
ڪنهن نالي تان ڳڳَ تہ ڪڻ ني.

(لهرون لهرون لاٽ: 107)

**چاءُ:** چاهہ، پيار، محبت، عشق.

ڏڳي بينو ڏُپ ۾، چمڙيءَ لٿو چاءُ، آءُ پرينئڙا! آءُ.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 38)

**چٽر:** ٽوڪ، ڏنڪ.

عشق نہ آهي پوڳ يا چرچو چٽر،
عشق ۾ سينو ڪيو آهي سپر.

(سامرين جي شهر ۾: 60)

**چَٽُ:** ختم، پوري.

پاڻ پئي چٽ چاهہ ۾، چَٽُ چُڪيئن تون!
مون پيي منٿون نہ ڪِيُون!

(چا چيس آئيني: 34)

**چڪاسي:** جانچي، ڳولي، سنيالي.

ڪير رهي ٿو تو تي چاري، ڪير پيو ٿو چال چڪاسي!
ڪنهن نالي تان ڪڪ تہ ڪڻ ني.

(لهرون لهرون لاٽ: 107)

**چمڙي:** جسم جي کَلَ.

ڏڳي بينو ڏُپ ۾، چمڙيءَ لٿو چاءُ، آءُ پرينئڙا! آءُ.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 34)

**چنچل:** چلولو.

هو ڪوني چڙهيو حسن چنچل لڪي ٿو،
ڪُلئي عام جوين ڪو اڻ جهل ڪلي ٿو.

(سامرين جي شهر ۾: 38)

**چندن:** اهو ٻوٽو جيڪو ٻاربو يا رهڙبو آ تہ خوشبوءِ اٿاريندو آهي.

مومل ڪان اورتي ڪٿي نہ ساهہ هُنَ پٽيو،
منهنجو ڪنوات ڪاڪ جو چندن چِنَلُ هُئو.

(سامرين جي شهر ۾: 117)

**چندرما:** چنڊ.

چندرما جي رٿ تي ويهي، رات بہ مون وٽ آئي،
منهنجي وائي!

(ڇا چيس آئيني: 77)

**چنڊ ڪلائڻ:** چنڊ جون مختلف صورتون ڪڏهن سنهون، ڪڏهن ٿلهو ۽ ڪڏهن سڄو.

جي هو ماضيءَ جون منهنجون گهرندو نشانيون،
تہ مان هن ڏي چنڊ جي ڪلائن کي مُنجندس!

(ڇا چيس آئيني: 95)

**چنڊ مکيون:**

ڪنئرا ڪهرا هٿ نہ سڄاڻون چنڊ مکين جون ڇوليون انڌيون.

(لهرون لهرون لاٽ: 52)

**چنگيز:** تاريخ جو دهشتگرد ترين ڪردار چنگيز ۽ هلاڪو.

تاريخ ۾ بيهر ٿيڻ چنگيز ڪو چاهي پيو.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 63)

**ڇهڪ:** ڇير، گهاوَ.

سارُوٽين جا سپ سُريا ٿي، وُڇن وانگي ڇهڪ چرُيا ٿي،
زهر پريو رت امرت ٿيپيو تو جيئن هٿ ڇهيو پرينر آ تنهنجو مان ٿهيو!

(سامرين جي شهر ۾: 48)

**ڇپڙي:** سنهڙي

هن جي ئي شڪل ڇپڙي آهي،
يا ڪا درپن جي گهنتري آهي.

(سامرين جي شهر ۾: 68)

**ڇپيُون:** اکين جي نڪ واري پاسي کي ٿُنرو ڇئبو آهي، ان ۾ گندُ گڏجي، ڳوڙهي ٿاهي بيهندو آهي، جنهن کي ڇپي ڇئبو آهي.

ائين لڳن ٿا جڻ ڪنهن ڪاري ماڻهوءَ جي اکين ۾ ڇپيون!،

(سامرين جي شهر ۾: 119)

**ڇڪنا چور:** پور پور ٿيل

چنتائن جي ٿائر هيئان،
روزانو ڇڪنا چور هجؤن ٿا!.

(سامرين جي شهر ۾: 39)

**چُڪَ:** پردي جي جاءِ تي، در جي اڳيان ٽنگيل ڪانن جي پٽي

دروازي جي چُڪَ هٽائي تون مُرڪيئن،
منهنجي من مان ڪُلَئي ڪاوڙ نڪري وئي.

(لهرون لهرون لاٽ: 51)

**چنتائن:** فڪرُ، الڪا.

سيني چنتائن کان آجو۔ پاڻ مرادو هو مُرڪيو.

(سامرين جي شهر ۾: 100)

**چُنِيُون:** نيشاني تي پُوريون پوريون لٽيون.

پستول کي چُنٽو پيو، راڪاس کي چُنٽو پيو!

(لهرون لهرون لاٽ: 42)

**چُڪايو:** پورو ڪيو، مڪمل ادا ڪيو.

قرض مون تنهنجو سڀ چُڪايو آ،
منهنجو نانءُ وَهيءَ مان واري ڇڏ!

(ڇا چيس آئيني: 51)

**چُڪِئين:** گُذرئين، ختم ٿئين.

پاڻ پئي چِتَ چاهه ۾، چِت تي چُڪئين تون!
مون پيي منٿون نہ ڪيون.

(ڇا چيس آئيني: 34)

**چنريون:** رڱيل ڳلن وارا روا.

چوٽن تان جو چنريون تِرڪِيون،
وار وِراڏا، چهرا ڀڙڪيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 31)

**چني:** رنگين، سنهور ريشمي رئو جنهن تي ستارون پڻ جڙيل هونديون آهن.

تنهنجي چنيءَ جون ياد ستارون جڏهين پيون،
گذري سموري رات ستارا ڏسندي ڏسندي!

(سامرين جي شهر ۾: 31)

**چوٽن تان:** مٿي جي وارن تان.

چوٽن تان جو چُنريون ترڪيون،
وار وِراڏا، چهرا ڀڙڪيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 31)

**چوڙيلي:** ٻانهن ۾ پاتل چوڙين واري.

هوءَ چُوڙيلي ڇيڇ ۾ منڊي ٿي پائي!

(لهرون لهرون لاٽ: 115)

**ڇيڇڪا:** ٻُڙَ جون پپُون يا ٻِجَ.

تو وٽ جيڪي ڇيڇڪا، ڇَٽِ سمورا سي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 49)

**ڇيلهہ ساهٽي آ:** ٿوري جهٽ لاءِ آرام ڪرڻو آهي.

ڏَسُ ڇانوَ جو ڏيو ڪو

ڪجهہ ڇيلهہ ساهٽي آ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 93)

**ڇاٽو:** سوڪهڙي سبٻان فصل ڇٽو يعني تيلو تيلو ٿئي.

لاباري جي موسم آئي ڇٽڪي ڇاڻ ڇٽيو هي ڇاٽو

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**ڇاپڙ جو ڪاڄ:** جنهن کي ڍَڇائڻ لاءِ ۽ جان ڇڏائڻ لاءِ هڪ پتر جي ڇاپڙ هڻڻ ڪافي آهي.

هڪڙيءَ ڇاپڙ جو آ ڪانو، سو بہ ڪري ڪيئن تنگ ڇُڪي ٿو؟

نوريئڙي ۽ نوريئڙو!

(ڇا ڇيس آئيني: 85)

**ڇاپولي:** ڏوٽي، گڏي سڏي ملائي جُهڳي.

ٿڪ پيچڻ لاءِ ڪا گهڙي ترسي،

پنهنجي ڪپڙن کي چر ۾ ڇاچولي.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 117)

**ڇانگيون:** ڪهاڙيءَ سان وڻ جي هڪ ٻئي ۾ ڳُتيل گهاٽين ٽارن کي ڪپڻ.

ٻيريون پن ڇڻ ڇانگيون،

ڳاڙهن ٻيرن ڪاڻ!

(سامرين جي شهر ۾: 126)

**ڇانگهہ:** بهاري جي اچڻ کان اڳ ۾ وڻن جي ٽارين ۽ جَهرَ کي ڪٽي صاف ڪبو آهي تہ جيئن بهار ۾ وڻ سنو ڦوٽهڙو ڪري ان کي ڇانگي ڇٽبو آهي.

ساجن تنهنجي ٽانگهہ جيئن ٽي ٽُڪي ساهہ کي- جڻ تہ وڻن جي ڇانگهہ وايوڙن آهي وِڏي!

(ڇا ڇيس آئيني: 104)

**چاتئين:** مٽان گهيرو ڪري ويٺي.

هيءَ سانجهيءَ ڪان چانيئون آ جهڙ اچ گگن تي،
ڪا ڪڪري تي روئي، ڪو بادل ڪلي ٿو!

(سامرين جي شهر ۾: 38)

**چَٻي:** هلڪي سٽ ڏيڻ.

چپيءَ ساڻ ڪو چي پيو مون کي،
اهڙو ڪچڙو ڏاڳو تہ ناهيان!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 103)

**چپر:** ڪچيءَ مٽيءَ جي ڀتين تي ڪانن ۾ چپڙين سان ٺهيل ڇن واري گهر کي ڇپر چئبو آهي.

اسان اوت بنجي وچون هر جُهڳيءَ جي،
تہ آنڌين ۾ ڪنهن ڇپر کو نہ پَٽِيا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 57)

**چر:** گهٽي علائقي تي چانيل پنيءَ ٻوڙ پاڻ.

ٽڪ ڀجڻ لاءِ ڪا گهڙي ترسي،
پنهنجي ڪپڙن کي چَرَ ۾ ڇاچولي.!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 171)

**چڙڪين:** چٽڻ، مٿاچري تي لڳائڻ.

پوري بت تي سرهو پوڊر،
تون اج چو ٿي چڙڪين؟! مان سپ جاڻان ٿو

(سامرين جي شهر ۾: 126)

**چلپي:** چندڪو ڏيئي.

چلپي پاٽيءَ جا چندا، نيري گهري ساگر تي،
اج ڪو پنهنجو نانءُ لکي ويو.

(سامرين جي شهر ۾: 84)

**چٽيون جاڻ:** بي طاقتو سنگ پڪ ان کي هوا جي هلڻ تي بنيءَ ۾ ڇاٽي چڏيندو آهي.

لاباري جي موسم آهي چٽڪي جاڻ چٽيون هي چاٽو

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 39)

**چڪچڪان:** پاڻ ڏي مسلسل سيريندو رهڻ، وٺ پڪڙ، بگڙيل ماحول، شُلڪيلُ ماحول.

ڪيسين چڳچِڪان، ڪيسين ناتو نِڀهجي؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 41)

**چُني:** چپر، ڪکن، ۽ ڪانن وارو غريباڻو چنو.

آٿر دي آتا ڏيکو پوندي ڪيئن روندي چَئي!

(لهرون لهرون لاٽ: 123)

**چٽڪي:** هوا لڳڻ پڪن سنگن جو پاڻ ۾ گڏجي هڪ سرڙات ڪرڻ.

لاباري جي موسم آئي

چَٽِڪي جاڻ چٽيون هيءُ چاٽو.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**چڙواڳ:** بي ترتيب، اوٺا، اوقتو.

خط ۾ ڪجھ چڙواڳ اگر آ هون لئہ لکيل،

مون مَسُهاري تنهنجي نالي وارن اکرن تي!

(سامرين جي شهر ۾: 32)

**چِڳي مان نہ چِڄان:** جتي هڪ سنگ ۾ گهڻن سان گڏ آهيان اتان ڌار نہ ٿيان.

چاپڙ لڳندي شاخ کي چِڳي کان نہ چِڄان

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 39)

**ڇُهيون ئي ناهي:** ٿورڙو بہ هٿ نہ لاتو آهي.

اسان اوهان کي ڇهيو ئي نہ آ تہ پوءِ چا لئہ؟،

اوهان جي ڳوٺ ۾ جوڳا ڪُلي ويا آهن؟!

(سامرين جي شهر ۾: 43)

**ڇوت ڇات:** ذات پات جو فرق، نند وڏائيءَ جو فرق يا مذهبي مت پيد.

سيني کي مٽي ٿي ڄٽي ۽ ڳهي- سبق ڇو پڙهان ڇُوت ۽ ڇات جو؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 45)

**ڇوھ ڇندڻ:** دڙڪا داب ڏيڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالھ تي، مون تي ايڏا ڇوھ ڇندين ٿو.

ڇو ڇو چا جي لاءِ؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 119)

**چيڙن:** پٽائين، مزاڪ ۽ مسخري ڪن.

ٻيون سڀ چنچل، ٻيون سڀ شوديون، ان هڪڙيءَ کي چيڙن!
(سامرين جي شهر ۾: 138)

**حاذق:** انتهائي سنو ڄاڻو حڪيم.

حاذق ماڻهون نانگ پتوڙي، پيا ترياق بنائن،
رڳ رڳ روڳ مليريا جو ڦهلائن مڇر ـ ماڻهون.
(لهرون لهرون لاٽ: 27)

**حسرت:** شديد ۽ اڻپوري خواهش جو رد عمل.

خود کي هلڪو سمجهي ٿو ۽ حشرت مان سوچي ٿو.
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 128)

**حق باهو:** حضرت سلطان شاهه باهو عليہ رحمة کي حق تعاليٰ جو گهڻ گهرو چوڻ جو ذڪر جيڪو سندس مريد ڪندا آهن.

حق باهوءَ جي هونگ مان ايندڙ هُو هُو کي، مٿ ۾ قابو ڪيئن ڪيو؟!
(لهرون لهرون لاٽ: 82)

**حنوط:** مصالحن سان مئل جسم کي محفوظ ڪري رکڻ.

پٿر جي مورتين کي ٿو صدائون پيارلاءِ ڏين؟
لڳين ٿو مون کي جڻ ٿيل حنوط لاش ڇوڪرا.
(لهرون لهرون لاٽ: 38)

**خلد:** هُوءَ دنيا، ايندڙ دنيا.

قبرمان روز ٿي اچان ٿو مان، خِلدِ، دوزخ گهمي اچان ٿو مان.
(ڇا ڇيس آئيني: 55)

**خدا ترسي:** خوفِ خدا.

انا سان گڏ خدا ترسي بہ آٿم لازمي آهي،
انا جي ڪڏ ڦٽا پيي آ، خنا کي ڪير روڪيندو.
(ڇا ڇيس آئيني: 94)

**دارا:** دارا شڪوه جي برصغير جو مشهور بزرگ ۽ اَپيچند جو مجازي عاشق هو.

پاڻ بہ دارا ناهن هوندا، پوءِ بہ دنيا ۾،
هر هڪ شخص لڙائيءَ خاطر سڪندر جاچي ٿو!
(لهرون لهرون لاٽ: 56)

**دراز:** ڊگها ڊگها، گهاٽا، وڏا.

خوابن ۾ نانگ بنجي اچي ڏنگ ٿا هڻن،
ڪاڪل دراز يار جا ڪارا ڏسي ڏسي!

(سامريءَ جي شهر ۾: 31)

**درپن:** آرسي.

هن جي ئي شڪل چيڙي آهي؟
يا درپن جي گهنتري آهي؟!

(سامرين جي شهر ۾: 68)

**درشن:** ديدار.

تنهنجو درشن، منهنجي ڏنڌلايل اکين جي روشني،
رات ڪاريءَ ۾ هزارين روشنين جي روشني آ.

(سامرين جي شهر ۾: 47)

**درندا:** جانور.

صدين کان ماڻهن کي پيا ٿا چيرين،
اجا درندا ستا نہ آهن.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 86)

**دستارءِ قبا:** پٽڪوءِ قلاح.

پوءِ حق تي آيا ناحن تي، تڏهن پيي دوستو! اڪثر،
معزز ۽ مقدس آهہ دستار ۽ قبا اڄ پيي!

(سامرين جي شهر ۾: 111)

**دلالڻ:** ڏوڪي باز، نموني باز، ٺياڪڙي ڪندڙ.

مان ان وقت ئي تاڙي ويس- هيءَ بہ هڪ قسم جي دلالڻ آ.

(سامرين جي شهر ۾: 633)

**دم تنهنجي سان:** تنهنجي راضپي يا نا راضپوي تي منحصر آهي.

بلندي توڙي پستي منهنجي تنهنجي دم سان ئي آهي،
اڏامڻ ڏين يا اُٽلائي وجهين، هٿ تنهنجي ڏوري آ!

(سامرين جي شهر ۾: 80)

**دنگ:** پڇاڙي، انت.

تنهنجي هاڪ وجي پئي وڏندي،
ڪو نہ ڪئي ٿيو دنگ آ تنهنجو.

(چا چيس آئيني: 61)

**دهشت:** خوف، حراس.

ڪيڏي دهشت وئي ڇانئجي اسان جي شهر تي،
سج لٿي سان ٿيو وڃي غائب گهٽين جي روشني.

(سامرين جي شهر ۾: 47)

**دٻن ۾:** ڪني پاٽيءَ يا بيٺل پاٽيءَ جي دٻن ۾.

ٽُڙِڳن ٽا ٻار دُٻَن ۾ - ڳٽرن ۾ جيئن گهمن پيا ڪيڙا.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**دُنبا:** گهَٽا.

هوڏنهن آ اوناڙ ٻگهڙ جي۔ هيڏئون آهن دنبا ٻوڙا!

(لهرون لهرون لاٽ: 54)

**دواري:** اُها جاءِ جتي وَڇڙو هجي يا جنهن جاءِ جي ڳالهه هلي جي هجي.

من جڏهين ٻه گهرندو تڏهين وهنجي سهنجي،
سونهن دواري ويندا سي!

(ڇا ڇيس آئيني: 119)

**دهري:** ٻچيءَ ۾ پائڻ جو قيمتي ڳهڻ.

دهريءَ واري مومل، ڪونج ٻچيري، روجهه، اکيري،
مينديءَ ٽار مومل!

(سامرين جي شهر ۾: 34)

**دولاب:** ٽڳي.

گهرجن جو غوراب ٻه ڪونهي، ڏوڪو ۽ دولاب ٻه ڪونهي!

(سامرين جي شهر ۾: 55)

**ديس دروهي:** وطن سان غداري ڪندڙ

اڳتي وڌ نه ديس دروهي،
جو تو آ منهنجي پيرن ۾.

(لهرون لهرون لاٽ: 24)

**ڏاپي وڃڻ:** ڏهڻ کان اڳ ڦر ڏائي وڃي ته ان کي چون ڏاپي وئي.

گهاگهر ٿو گهري آٿر۔ پر مينهن ته ڏاپي وئي.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 92)

**ڏان ڏان:** بي سود آواز، اجايو واويلا، بي معنيٰ آواز.

پورا ماڻهو خالي ڏان ڏان۔ دهلن تي ڪنهن ڏئونڪا نوڪيا.

(لهرون لهرون لاٽ: 30)

**ڏرمي:** ڪٽر مذهبي.

هي ڪجهہ لبرل ۽ ڪجهہ ديني ڏرمي ڪٽر ماڻهون،
نيٺ چو نہ چڙن ٿا ڪو پل منهنجو پيڇو ماڻهون؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 27)

**ڏڳيو:** ٻارڻ، دڪائڻ، باهہ لڳائڻ.

من ۾ ڪيڏو مچ ڏڳيو ٿئي، ڏيل سڄي ڪي ڏاگهہ ٽڳو ٿئي،
اڄ جو تنهنجو نانءُ وتم، ٿي پيو هانءُ ٽڏو!

(سامرين جي شهر ۾: 46)

**ڏُتارئين:** ريجهائيين.

هاڻ سمجهو اٿم تہ اڄ تائين،
ٻار وانگر رڳو ڏتارئين پئي.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 88)

**ڏُپَ:** اُس.

رڻ جا واسي، جيڪي ساسي،
ڏُپَ جي دوزخ منجهہ پچن ٿا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 126)

**ڏنڏلايل:** پوريءَ طرح ڏسي نہ سگهندڙ.

تنهنجو درشن منهنجي ڏنڏلايل اکين جي روشني،
رات ڪاريءَ ۾ هزارن روشنين جي روشني.

(سامرين جي شهر ۾: 47)

**ڏوڏ:** زلزلو ڌرتي ڏٻڻ.

ڪيڏا ڪوتا متي تي ويا،
ڌرتي پنهنجي ڏوڏ ڏنئي نہ؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 80)

**ڏوڪو:** ويساهہ گهاتي.

گهرجن جو غوراب بہ ڪونهي،
ڏمڪو ۽ دولاب بہ ڪونهي.

(سامرين جي شهر ۾: 55)

**ڏيرج:** آهستگيءَ سان، سانتيڪي طريقي سان.

مان تہ گهٽو ئي ڏيرج وارو، پر هيوءَ اج آهي اڻ جهل،
اج اُجهاءِ اي تون منهنجي!

(لهرون لهرون لاٽ: 117)

**ڊسچارج ڪرڻ** (Discharge): فارغ ڪرڻ.

تون نہ آن نوڪريءَ ڪرڻ لائق،
اج ڪان تو کي ڪجي ٿو ڊسچارج!

(سامرين جي شهر ۾: 73)

**ڊنگهرن تي اٿو هارڻ:** بيجاءِ سخاوت ڪرڻ، نالائق نوازڻ.

جيئن اٿو ڏگهرن تي ويهي هارجي،
رات ساري مون گذاري بيوفا جي آسري.

(سامرين جي شهر ۾: 42)

**ڏاتيار:** اهو ماڻهون جيڪو ڪا نہ ڪا تخليق ڪرڻ جو ڄاڻو هجي. زوري ڏيندڙ.
ڏاتيارڪي اڻ ڄاڻ نہ پائيندو ڪر۔ ڏاتيار ۾ ڪو ڏانءُ لڪل هوندو آ.

(لهرون لهرون لاٽ: 57)

**ڏاس:** ٻڪرين جا ڪُتريل وار.

ڏورِ تي پئہ پيار جي، ڏاس جو ڍيرو نہ ٿيءُ!

(سامرين جي شهر ۾: 40)

**ڏاگه:** ٻاهہ جو وڏو مچ.

من ۾ ڪيڏو مچ ڏڳيو ٿي، ڏيلُ سڄو جڻ ڏاگهہ لڳو ٿي،
اج جو تنهنجو نانءُ وتم تہ ٿي پيو مانءُ تڏو!

(سامرين جي شهر ۾: 46)

**ڏانگون:** لٺيون (ويڙهہ جو سامان).

ڏانگون پوڪيئي، ڏندا ڄايا،
هرٽين ماڳين پرٽيون اُلريُون!

(لهرون لهرون لاٽ: 37)

**ڏانءُ:** ڪنهن ڪم جي مهارت، ڪنهن فن جي ڄاڻ.
ڏاتيار کي اڻ ڄاڻ نہ پائيندو ڪر، ڏاتيار ۾ ڪو ڏانءُ لڪل هوندو آهي.

(لهرون لهرون لاٽ: 57)

**ڏائڻ:** هونئن ۾ مرده ڪايندڙ عورت، پر هتي ڪيفيتي طور تي بي وڙيءَ لاءِ استعمال ٿيل آهي.

بخمل جهڙي نازڪ بت کي ڏائڻ ڪين ڏڪاءِ!

(لهرون لهرون لاٽ: 112)

**ڏائو:** ڪپو.

هڪ ماڻهوءَ آ پر هٿ پئي، هڪ جيئڻو آ،
هڪ ڏائو آ، سپ رائو آ يا ڪائو آ.

(سامرين جي شهر ۾: 129)

**ڏاندائي:** ڏاتي جيڏندن کي تکو ڪرڻ ته جيئن ڪٽائيءَ ۾ سَولائي ٿئي.

ڏند پيو ڪرتي ڏوڪڙ ناهي۔ هاري ڪيئن ڏندائي ڏاتو؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**ڏند ڪرڻ:** خار ڪائڻ، ڪاوڙ ۾ تارِهڻ.

ڏند پيو ڪرتي، ڏوڪڙ ناهي، هاري ڪيئن ڏاندائي ڏاتو؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**ڏنڀ پري ڏئي:** واعدي ۾ اگر پورو نه لهبو ته معاوضو ڏيڻو پوندو جنهن کي ڏنڀ چئبو.

ڪالهه نه منهن ڏيکارڻ آئين، سو اڄ ڏنڀ پري ڏي،
ڏي ڏي، جلدي ڏي!

(لهرون لهرون لاٽ: 114)

**ڏٽ پرولي:** ڏٺل وائٺل قصي يا واقعي تي ٺاهيل ڳجهارت.

بندوق جون گوليون انڊيون۔ جهڙيون ڏِٺَ – پروليون انڊيون!

(لهرون لهرون لاٽ: 52)

**ڏٺو وائٺو:** بلڪل ظاهر ظهور، عيان.

توڙي ڏٺو وائٺو، منهنجو مورُ نه آنءِ، ته به مان تُنهنجو آهيان!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 45)

**ڏک ونڊائڻ:** ڏکن سورن جا حال احوال اورڻ.

ڪيڏو ڏور هلي وئي آهين۔ منهنجا ڏک ونڊائڻ واري!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 104)

**ڏوئڻ:** پورهيائت عورت، ڏُتَ پتِ ڪاڏ خوراڪ ڪندڙ عورت.

ويل اويليءَ ڪوهہ سجي تي ڏوتڻ ڏول پري،
مولا خير ڪري!

(لهرون لهرون لاٽ: 109)

**ڏوتي:** گاهن ۾ ٻوٽن تي گذر سفر ڪندڙ.

سور اليٽون ڪري ڪيڏي رهيا آهن،
ٻهراڙيءَ ۾ ٻڌ وڃي تون، ڏوتي ڪيئن ٿا ڏوڪن پيڙا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**ڏوتيون:** ڪلابازيون.

يا هيٺ چڙي سڀ چوٽيون، ڏي پولارن ۾ ڏوتيون!
پاليهر پيا اُڏندا آهن!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 110)

**ڏوڏي:** پُسيتَ جو ميوو ۾ ٻج جنهن ۾ نشو پڻ ٿيندو آهي.

جوين ڪپڙن ۾ نہ لِڪئي پيو ڪوشش ڪوڙ ڪئي تي،
احساسن کي ڏوڏي پياري،چو تي ننڊ سمهارين گوري!

(سامرين جي شهر ۾: 78)

**ڏوکي پيڙا:** سور اُلٽيون ڪري ٻاهر ڪيڻ.

ٻهراڙيءَ ۾ ٻڌو وڃي تو۔ ڏوتي ڪيئن ٿا ڏوڪن پيڙا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**ڏوڪيون:** تڪڙو پاڻي پي وڃڻ.

سچ چئي سُقراط جيان، زهر نہ ڏوڪيو مون،
مون کان مهل گُسي وَئي!

(چا چيس آئيني: 33)

**ڏول پري:** پاڻيءَ جا ٿانوَ پري رهي آهي.

ويل اويلي ڪوهہ سجي تي، ڏوتڻ ڏول پري،
مولا خير ڪري!

(لهرون لهرون لاٽ: 109)

**ڏيدي اک:** ترِڇي اک سان ڏسڻ، ٿورو لاڙي اک سان ڏسڻ.

ڏيدي اک سان ڏسين ٿو مون ڏي۔ ماڻهون شايد نيڪ چون ٿا.

(سامرين جي شهر ۾: 79)

**ڏينهن ڏساڙي ۾:** ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن تي.

آءُ نہ ڪچهريءَ تي ڪنهن ڏينهن ڏساڙي ۾،
تنهنجي پاڙي ۾ نہ راتي! آءُ رهان پيو.

(لهرون لهرون لاٽ: 86)

**ڏيهي:** هم وطن، ساڳئي ملڪ جا رهندڙ.

اُٿُ اُٿُ اوڏيهي! اڏري پَهُچُون سونهن ڪي!

(لهرون لهرون لاٽ: 92)

**ڍونڍ:** مَري ڏَپ ڪري ويل.

ڍونڍ جي بدبوءِ تي ڇڪجي وجي،
گند جي ڍيرن تي پَئي ايندي نظر!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 114)

**ڍيرو:** ڏور يا نوڙيءَ کي ويڙهي ڍيرو ٺاهبو آهي.

ڏورِ تي پَئہَ پيار جي، ڏاس جو ڍيرو نہ ٿي.

(سامرين جي شهر ۾: 40)

**ڏمي:** زمينداري، منهنجي طرف جو ڪم.

منهنجي ڏمي، مون ڏانهن جي اج بہ رَهي پئي آهي.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 106)

**رات سمي:** رات جي وقت ۾.

پرسان واريءَ پاڏءِ ۾ اڏرن ٿيون آڙيون،
رات سمي جي سانت ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 175)

**رات جي راڻي:** چنبيليءَ جي ٻوٽي جو ٻيو نالو.

مان ٻڌان ٿو پيار جو پڙلاءُ ساهن ۾،
رات جي راڻيءَ سندو ڳالهاءُ ساهن ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 26)

**راڄ مڪٽ:** خانداني تاج (نانگ جي مٿي تي مڪندڙ وارن جو ڇُڳ).

نانگڻ راڻي راڄ مڪٽ مان وارسينگن جو گس وچان!

(لهرون لهرون لاٽ: 93)

**راز:** ڳُجهه.

ڪا پروليءَ ته ڪو نه ٿو ڳوليان،
راز فطرت جا پيو ٿو کوليان!

(ڇا ڇيس آئيني: 33)

**راڪاس:** خطرناڪ جانور.

پستول کي چنٽو پيو. راڪاس کي چُنٽو پيو!

(لهرون لهرون لاٽ: 42)

**راڪسن:** راڪاس جو ٻچڙو.

هي مندر، دل جا ٽڪاٽا ۽ مڙهيون،
سپئي راڪسن جي وچي وَرِ چڙهيون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 70)

**راڳڻين:** راڳ جا اٺ وڏا ناٺ آهن، انهن مان ڪنهن مان ڪيئي راڳ ۽ راڳڻيون ٺهيل آهن.

سارنگي سنگيت ۾ ۽ راڳڻين ۾ پيروين!
ٻول ۾ بلبل هلڻ جو جڻ ته هرٽي تي لڳين!

(سامرين جي شهر ۾: 93)

**راڳو:** ليپو ڪچن جاين ۽ انهن جي آڳنڊن کي مٽيءَ جي گاري سان ليپو ڏئي تيار ڪيو ويندو هو.

جڻ ڪو گپ جو راڳو آهيان. مُٺجِهَيلَ سُٺ جو ڏاڳو آهيان.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 106)

**رائيگانُ:** بيڪار ضايع.

ٿئي تي رائيگان هر هڪ سواليءَ جي صدا اڄ پيي،
سخين جا درئي ڳوليندي وتي جڳ ۾ سخا اڄ پيي!

(سامرين جي شهر ۾: 111)

**رت رڱيون:** ڳاڙهيون جهڙيون رت.

رت رڱيون ٻچڙيون اکيون، چور نه پيو چمڪاءِ!

(لهرون لهرون لاٽ: 122)

**رٿ:** گاڏو.

چندرماجي رٿ تي ويهي رات به مون وٽ آئي،
منهنجي وائي!

(ڇا ڇيس آئيني: 77)

**رجھندي رجھندي:** باھہ مٿان رکيل پِٽَ جي ديڳ رجھندي آھي.

رجھندي رجھندي ديڳ چلھي تي،
نيٺ تہ ھيٺ بہ لھندي آھي!

(سامرين جي شھر ۾: 121)

**رشيا:** روس ملڪ جو نالو.

رشياڏاڍيون ڏوڙ ٿيو جوگرباچوف ۽ يَلسَن بگڙيا.

(لھرون لھرون لاٽ: 42)

**رک:** دَرَ مِٽي.

تنھنجي چَلوَن منجھہ جليا سي،
پير پيرن رک رکڻ تي کليا سي.

(لھرون لھرون لاٽ: 107)

**رڳ رڳ روڳ:** سڄي جسم ۾ زھر جو ڦھلجي وڃڻ.

حاذق ماڻھون نانگ نپوڙي ترياق بنائن،
رڳ رڳ روڳ مليريا ڦھلائن مڇر ماڻھون.

(لھرون لھرون لاٽ: 27)

**رندو:** لوه جو ٺھيل اوزار جنھن سان واڍا تختا لسا ڪندا آھن.

روز لانچون ٿيون منھوڙي ۾ ٻڏن،
سمنڊ جي تختي تي رندو ٿو لڳي!

(سامرين جي شھر ۾: 143)

**رنگ اڇو:** رنگين بنجو چمڪيلا ٿيو.

ھيءَ جي روپ ٻُسا ٻُسا، جي رنگ اڇو
ساڻ نچو!

(لھرون لھرون لاٽ: 88)

**رني ڪوٽ :** سن شھر جي اولھہ تقريبن 25 ميلن پنڌ تي ٺھيل جنگي ڪوٽ جيڪو رني ڪوٽ جي نالي سان مشھور آھي.

ھٿ ۾ ڏيئي ھٿ ھلون، ڏسڻ رني ڪوٽ،
نہ تہ پوءِ مون کي ڪين ڪپين!

(جڏھن اُلا اُپ ۾: 36)

**رم جهم رم جهم ناچ نچڻ:** جيئن مينهن جون ڦڙيون خوشيءَ وچان ناچ ڪنديون اينديون آهن.

ڪالهه پڇيو مون، بوندن کان،
ڇو رم جهم رم جهم ناچ نچو ٿيون؟!

(ڇا ڇيس آئيني: 57)

**رهائي:** آزادي، ڇوٽڪارو.

سدا قيد آثم کي ڪ پيار ۾، ڪڏهن قيدانءِ مان رهائي نه ڏي،

(ڇا ڇيس آئيني: 42)

**روجهه:** چئوپيرو جابلو جانور.

روجهه نه ڪنهن ڪُڏِڪار ڪيا آهن!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 115)

**روجهه اڪيري:** روجهه جي نماڻين اکين جهڙيون اکيون رکندڙ.

ڌُريءَ واري مومل، ڪونج گچيري، روجهه، اکيري،
مينديءَ تار، مومل!

(سامرين جي شهر ۾: 34)

**رونجها:** ڏسي گهٽ سگهندڙ.

هيروئن جي ڪِڪِ مان ماڻهو رُونجها ۽ ٻيا رُونڊا ٿيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 29)

**رونڊا:** آڱرين ڦِريَلَ.

هيروئن هيءَ لک مان ماڻهو رونجها ۽ ٻيا رُونڊا ٿيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 29)

**ريهرسل:** انگريزي لفظ. پيرو ڏيڻ، ياد ڪرڻ، صحيح جو نقل ڪرڻ، دهرائڻ

مو کان اڱ ئي مو تکان پوءِ جي، هڪ ريهرسل وٺي اچان ٿو مان!

(ڇا ڇيس آئيني: 55)

**زريون:** سونهري ڌاڳا جن سان ڪپڙن تي گل پربا آهن.

نه ريور، نه زريون، نه سيمون ٿو ناهين!

(سامرين جي شهر ۾: 107)

**زوال:** تنزل، ڪريل حيثيت.

هر ڪمال کانپوءِ اچڻ زوال آهي،

(سامرين جي شهر ۾: 98)

**زندان:** قيد، جيل.

چيائين تو سياست ۾ ڪڏهن حصو نہ ورتو آ،
چيم زندان جو ڊپ آ، چيئين زندانُ زنده باد!

(لهرون لهرون لاٽ: 35)

**زِهہُ:** ڊِگي جي پڇيءَ مان نڪتل پَٽي جي تندن مان ٺاهيل ڏور، جيڪا سينگ تي چاڙهبي آهي.

توزهہ بہ هٿ ڪونهي ڪيو، هُو سِينگَ گَزُ ساهي پَيو.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 63)

**زحُلُ:** آسماني سيارو.

پر تڏهن پيي مان اجا اُپ جي سيارن کي،
مشتري، زحل، مريخ، عطارد ۽ زهرا.

(سامرن جي شهر ۾: 95)

**زلف:** وار.

ڳالهہ ڪارين گهٽائن جي نڪتي هئي،
وچ ۾ طوفانَ، سيلاب آيا مگر!
ڳالهہ پوري وڃي هن جي زلفن تي ٿي!

(ڇا چيس آئيني: 106)

**زهرا:** آسماني سيارو.

پر تڏهن پيي مان اجا اُ جي سيارن کي!
مشتري، زهل، مريخ، عطارد ۽ زهرا.

(سامرين جي شهر ۾: 107)

**ساپيا:** حقيقت، سچل پچ، وهم يا خواب جو ضد.

پنهنجي دل جو راز ڪنهن سان پيي سلڻ چاهين نہ ٿي،
سونهن باغيچي اندر هڪ بند مڪڙِ ٿي لڳين.

(سامرين جي شهر ۾: 93)

**سارنگي:** ساز.

سارنگي سنگيت ۾ ۽ راڳڻين ۾ پيروين،
ٻول ۾ بلبل، هلڻ چڻ تہ ڪاهہ ٿي لڳين.

(سامرين جي شهر ۾: 931)

**ساروٽيون جا:** يادگيرين جا.

ساروٽين جا سپ سريا تي، وِڇُنِ وانگي ڇهڪ ڇُرياڙ.

(سامرين جي شهر ۾: 46)

**سازينا:** ساز.

ست اٺ سال اڳي، مُنهنجي يتن تي هئي، منهنجي ساز بنا وڳي.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 133)

**ساڙُ پارو:** اهڙي شدت وارو سيءُ جنهن ۾ برف جا ذرڙا پوک جي پنن جي چوٽين تي رهي، انهن کي ساڙي ڇڏيندا آهن.

پنهنجي هڪڙِ سانجهه سڱنڊ، مون کي ڏئي وچ پاڻ مرادون توڙي پئي پوءِ ساڙو پارو!

(سامرين جي شهر ۾: 33)

**ساڙولا:** ساڙ رکندڙ حاسد.

سيئي ساڙولا سڏي ويجهو ويهاري، آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

(لهرون لهرون لاٽ: 76)

**ساسين:** جانورن، ساهہ وارن.

رڻ تي ڪوئي وڻ ڄمي ٿو ساسين سيوَڪُ ڄڻ ڄمي ٿو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 126)

**ساکي:** شاهد بہ گواهہ.

منهنجو ساکي آنءِ تون! سون سريکا سچ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 47)

**ساگر ڇوليون:** پاڻيءَ جون ويرون.

ڇا تي آڇي ساگر ڇولي؟ سمجهان ٿو مان!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 46)

**ساگر لهرون:** پاڻيءَ جون ويرون يا ڇوليون.

ساگر لهرن ۾ ويچارا، تارا ٻڏندا ترندا آهن..

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 110)

**سامري:** اها قوم جيڪا سمورو وقت جادوءَ جي زور تي حضرت موسيٰ عليہ السلام سان ٽڪر ۾ رهي.

سحر پنهنجو هليو نہ آٿم مٿان،
آءُ موسيٰ عليہ السلام نہ آهيان اڙي سامري!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 67)

**سانڀر:** يادگيري.

سانڀراٿم تہ وقت جي ڪنهن انقلاب ۾،
ڇاتين ۾ ڪير پيو نہ ٻچن هونگڙيون ڏنيون.

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 55)

**سانڀر ٿانءِ پريو:** آڪڙيل هرڻ.

سانڀر ٿانءِ پريو ڇا ڇاٽي- سِئہ نيندا سنگ پنهنجا انڏا!

(لهرون لهرون لاٽ: 50)

**سانتيون:** خاموشيون.

چورن وانگي چورائيندس تنهنجي سندرتا ڪان سانتيون!

(سامرين جي شهر ۾: 33)

**سانتيڪيون:** سڪون ڀريون.

ڪنهن ڪي لڳل ڳراٽيون پائي سانتيڪو سَنڌُ سنڌُ ڪندينءَ.

**سانجهہ- سُڳنڌ:** ذاتي شام جي خوشبوءِ.

پنهنجي هڪڙي سانجهہ - سُڳنڌ،
مون ڪي ڏئي وڃ پاڻ مرادو.

(سامرين جي شهر ۾: 33)

**سانگ رچاين:** طور طريقا اختيار ڪن.

روپ مٽائن، سانگ رچائن، عذر بنائن!

(ڇا ڇيس آئيني: 45)

**سانولڙي:** سهٽي.

ڇڳون ٿيون ڇَرَنِ يا ٿا سپ سُرَنِ، سانولڙيءَ جي سيج تي.

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 37)

**ساهت:** ادب.

ساهت اُڀ تي ساوڻ رت جي ڪڪرن وانگي ڇا نئين،
منهنجي وائي!

(ڇا ڇيس آئيني: 77)

**ساهمي:** ترازي.

صليب لمحن جي ساهميءَ ۾- مسيح وانگر تُرڻ لڳان ٿو!

(ڇا ڇيس آئيني: 74)

**ساهڻ:** اولاد.

توڙهه بہ هٿ ڪونهي ڪيو۔ هو سينڱ۔ گَزُ ساهي پيو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 63)

**ساهيڙيون:** عورتن جون دوستن عورتون.

تُنهنجُون ساهيڙيون، هوائون روشنيون تُنهنجُون سکيون،

تنهنجون مرڪون راز تنهنجا، جسم تنهنجو آئينو!

**ساءُ:** سواد يا مزو.

وقت تو سان مون گڏ گذاريو آ،

ڪنهن ۾ تو جهڙو ساءُ ڪونهي ڪو.

(چا چيس آئيني: 53)

**سائي سَرَ تي:** ڪانن جي تازي ڦُٽَلَ ٻوٽي تي.

سائي سر تي ڪارو ڪٽڇي۔ مند مٽيءَ جو نياپو پنڇي!

(چا چيس آئيني: 53)

**سَپُ:** نانگ.

چڳون ٿيون چُرَني يا ٿا سَپَ سُرَن، سانولڙي جي سيج تي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 37)

**سَپَرَ:** ڍال، ڪشادو، مقابلي لائق.

عشق ناهي پوڳ يا چرچو چپڙ۔ عشق ۾ سينو ڪيو آهي سپر!

(سامرين جي شهر ۾: 60)

**سَٽي:** طاري ٿي آهي، وچائجي ويئي آهين، گهيري ۾ آڻي چڏيو اٿئي.

منهنجي سوچن تي جو سَٽي آهين۔ مُنهنجي لئہ حوصلو هَٽي آهين!

(چا چيس آئيني: 114)

**سحري:** روزي رکڻ جو وقت.

مون ۾ ڪو ڪم پَوَئي سحريءَ ۾ سڏجانءِ،

جهونجهڪڙي جي اوٽ ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 85)

**سرچ لائيٽ:** تيز روشن بتي.

منهنجي تنهائين جي اونهہ ۾۔ سرچ لائيٽ يا هٿ بَتي آهين!

(چا چيس آئيني: 114)

**سرفروش:** قرباني ڪندڙ.

سچن سرفروشن کي ٻوهي ۾ ڏيئي، پُني ڏئي پڇڻ جو ن اڄ وقت آهي.
(چا چيس آئيني: 104)

**سرطان:** ڪينسر.

چيائين عشق بازيءَ ۾ وڏو ڪنجوس ٿو ڏسجين،
چيم سرطان جو ڊپ آ، چيئين: سرطان زنده باد!
(لهرون لهرون لاٽ: 35)

**سرڪش:** هوڏي، جهيڙالو.

جي منهنجو ٻهسچ ٿي پيو آ سرڪش تہ هُتي بہ ترڪس ۾ تير جاڳن!
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 84)

**سرگم:** راڳ جو هڪ سُرُ.

هڪ سنگم مان سنگيت ڦٽو آ- هن سنگم سرگم جوڙيو آ!
(سامرين جي شهر ۾: 139)

**سرير:** جسم.

چوڏس رات وسي ٿو اُپ مان چانڊوڪيءَ جو ڪير،
پر ڪيئن ڪير پئي هي منهنجو تبن هيءُ سرير.
(سامرين جي شهر ۾: 99)

**سسپينس:** ڏوڪو.

ڄڻ تہ آءٍ ڊي پُرِ نشي ۾- ڄڻ حڪومت کي ٿو وٺي سسپينس.
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 121)

**سعيو:** شروعات، تياري.

هوڏانهن نہ ٿو پانئجي نسبت جو سعيو،
عيد اڳي آئي تہ ڇا؟
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 42)

**سفاڪيون:** ڏوڪيبازيون، شاترپايون، چالاڪيون.

نرم دل هن وٽ نہ هئي آئم تڏهن،
جسم جي سفاڪين ۾ رلي.
(چا چيس آئيني: 40)

**سقل:** ڦل دائڪ، فائدي وارو.

سو ڏينهن سقل ٿي پوندو آ،
جنهن ڏينهن ڪٿي هو گڏجي ٿو.

(سامرين جي شهر ۾: 75)

**سکيون:** ساهيڙيون يا دوست عورتون.

تنهنجون مرڪون راز تنهنجا، جسم تنهنجو آئينو
تون ڪٿي لڪندينءَ ڪنواري؟! پنهنجون پرڇائي اکيون!

(سامرين جي شهر ۾: 143)

**سَڳُ:** نسلي لاڳاپو.

تو سَڪِ سڱجي منهنجو جيون، ٿي پيو ڪير وٿو
پرينئڙا! تنهنجو نانءُ مِٺو!

(سامرين جي شهر ۾: 46)

**سڱيٽي:** چيٽياٽي مائٽياٽي.

ڪنهن جي ڪين سڱيٽي سرتي، پنهنجو پاڻءَ وَهيٽي سرتي!

(چا چيس آئيني: 102)

**سلڻ:** ٻڌائڻ، عيان ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ، پڌري پٽ چوڻ.

هونئن تہ تون هڪ ساپيان، هڪ سچ ئي آهين مگر،
مون کي جڻ ڪا ريشمي، رنگين گُڏڙِ ٿي لڳين!

(سامرين جي شهر ۾: 93)

**سلن ڪان:** اهي پهريان تيلا جيڪي ٻج ڦٽڻ سان زمين مان پهريان نڪرندا آهن.

ريج ڏرتي ڪان، سلن ڪان ڳپ ۾،
کيت ڪان ساواڻ ڪيئن ٿيندي الڳ؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 43)

**سماٽ:** ٻروچن جي ڪنهن بہ ذات کان الڳ ذاتيون.

سنڌ جاوا ٿي پيا، ڪي سماٽ ۽ ڪي ٻروچ.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 90)

**سمان:** جيان، وانگيان.

اودانهيءَ ۾ توڏي ايندڙ وانهڙوءَ لئہ واٽ سمان!

(لهرون لهرون لاٽ: 93)

**سماءُ:** خبرچار، سڌ سماءُ.

ڪيئن ٻين جون ڏيان هان خبرون،
مون کي پنهنجو ئي سماءُ ڪونهي ڪو.

(چا چيس آئيني: 53)

**سنبت:** تياري.

هوڏنهن نہ ٿو ڀانئجي سنبت جو سعيو
عيد اڳي آئي تہ چا!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 42)

**سنتري:** ننڍو سپاهي يا ٺاڻي جو پٽيوالو.

هر وڏيري جي ڪڙ جو ڪتو – ڇڙ تہ ٺاڻي جو ڪو سنتري آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 68)

**سنتوش:** خوشي، سرهائي.

ڇ مون ۾ بہ هاڻي اُهو جوش ڪونهي،
اهو چاهہ، اتساهہ، سنتوش ڪونهي.

(چا چيس آئيني: 127)

**سنجها:** شام سج لٿي سان.

سنجها ٿاڻي وارن وچ ۾ گوريءَ آهن گجرا پوڪيا.

(لهرون لهرون لاٽ: 28)

**سنجوڳ:** جسماني ميلاپ.

ڪيتري سڪ سونهن کي سنجوڳ جي آهي،
ڪيڏو آهي آچ جو ورجاءُ ساهن ۾.

(لهرون لهرون لاٽ: 26)

**سنديش:** پيغام، نياپو.

سنگم جو سنديش ڏئي ٿو ڀُڄِڪو تنهنجي چوڙين جو.

(چا چيس آئيني: 71)

**سنگ:** سُنيءَ سنگت لاءِ ڪتب ايندو آهي.

سنگ ڪسنگ تہ سڀ سان آ پر۔ هڪ ئي نينهن نِسنگ آ تنهنجو!

(چا چيس آئيني: 61)

**سنگم:** ميلاپ.

هن سنگم مان سنگيت ڦُٽو آ هن سنگم سرگرم ڇيڙيو آ!

(سامرين جي شهر ۾: 139)

**سنگيت:** موسيقي.

سارنگي سنگيت ۾ ۽ راڳڻين ۾ پيروين،
ٻول ۾ بلبل هلڻ ۾جڻ ڪا هرڻي لڳين!

(سامرين جي شهر ۾: 93)

**سنورجڻ:** نکارجڻ، خوبصورتيءَ سان ظاهر ٿيڻ.

هوائون گيت ڳائن ٿيون، ڪنواري سيج،
جڏهن ڪنهن سهاڳڻ سان سنورِجي ٿي.

(سامرين جي شهر ۾: 71)

**سهسين:** تمام گهڻا.

سهسين ڳاڙهن ماڙن کان تيئن،
رڻ تي هڪڙو وڻ چڱو آ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 125)

**سهگل:** انڊيا جو غزل ڳائڻ ۾ بهترين راڳي.

ڪڏهن تہ اوج سهگل ۽ تانسين جو هو۔ اج لاجواب راڳي هڪڙو جلال آهي،

(سامرين جي شهر ۾: 98)

**سئونچو:** هلڪي کان هلڪو آواز يا کڙڪو.

جانورن جيان سئونچو وندي، ڇرڪي تاهہ کاڏو آ مون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 100)

**ستمگري:** ظلم ڪرڻ جي عادت، ڏاڍ ڪرڻ جو شوق.

ستم سهڻ جي آهون ۾ سگهہ ۽ ستم گريءَ ۾ عبور توکي!

(ڇا چيس آئيني: 32)

**سپيون:** ٻن سخت پُڙن واريون سمنڊ ۾ رهندڙ مينهن جي پاڻيءَ لاءِ نهاريندڙ جيئن ڦڙو مينهن جو پوي تہ سپ هيرو ناهي پاڻ ختم ٿي وڃي.

سمنڊ ڪناري وکريل وکريل سپيون!

(سامرين جي شهر ۾: 119)

**سٽاءُ:** ترتيب.

جهڙي بدن تنهنجي جي بيهڪ آ_ اهڙو ڪنهن جو سٽاءُ ڪونهي ڪوا!

(چا چيس آئيني: 53)

**سٽ ۾ آ:** رٽا ۾ شامل آهي، قطار جو حصو آهي.

باز نظرن جا هوا اڏاري ٿو ۽ هي آٿمُ انهن جي سٽ ۾ آ!

(سامرين جي شهر ۾: 141)

**سچ ورنا ساجن:** سچ جي رنگ يا وَرَنَ جهڙي رنگ يا مُهانڊي جهڙا محبوب.

منهنجا سندر سپنا منهنجا سچ ورنا ساجن! ڪهڙيءَ مونجهہ مُنجهايو آهين؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 44)

**سرجڻهار:** جوڙيندڙ.

تتر ڪرڙيءَ ڪفني ڦاڙي سچ جيئن سرجڻحار اپاريا.

(لهرون لهرون لاٽ: 32)

**سِٽُ:** منڍي، جسم جو مٿيون حصو.

سَپَ نہ سِٽُ ڦُنڊاءِ، سيٽيون ڪين وڄاءِ،
جوڳي آيئي جُوءِ ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 122)

**سڱريون:** ڳنڍيءَ جو ميوو.

واهہ ڪپر تي ٻيريون ڄاڱريون_ ڪنڊين ۾ پڪيون هن سڱريون!

(سامرين جي شهر ۾: 134)

**سگهڙا چانور:** چانورن جو قسم جيڪي ٻين جي ڀيٽ ۾ اڳ ۾ تيار ٿيندا آهن.

سگهڙا چانور ٿالهہ ۾، سانجهيءَ سوئيندي، هُڙَ جو هڪهڪ انگ نچي ٿوا!

(سامرين جي شهر ۾: 105)

**سگهيرو:** جلدي، سُستَتُ.

سانول ملي سگهيرو، سُٿِري تهڳالهہ ڪانهي،
اهڙو اچي ڪو ويرو، سٿري ڳالهہ ڪانهي

(سامرين جي شهر ۾: 69)

**سبحان الله:** الله تعاليٰ جو شڪريو.

الله جل شانہُ سبحانہُ چئو ماٺهو حسين،
ساهہ کان پيارا ڏسي ڏسي!

(سامرين جي شهر ۾: 31)

**سُتري:** سَوَلي، آسان.

سانول ملي سگهيرو، سُتَرِي تہ ڳالھ ڪانھي،
اھڙو اچي ڪو ويرو، سٽري تہ ڳالھ ڪانھي.

(سامرين جي شھر ۾: 69)

**سُڌيرُ:** هوشيار، چست.

او پونءِ منھنجي جذهن بہ ساڳيا _ سپوت تنھنجا سُڌيرءَ جاڳيا!

(جذهن اُلا اُپ ۾: 84)

**سُرڪِڙيُون:** ٿورا ٿورا ڏُڪ.

سچڻن سڏي نگاھہ مان جو سرڪڙيون ڏنيون،
موسم ميگھہ ملهار هو ڦُرِڪڻيون ڏنيون!

(جذهن اُلا اُپ ۾: 44)

**سرڳ:** بهشت.

سرڳ مليو يا نرڳ اتي پي _ تو کي دنيا! ياد ڪندس مان!

(لهرون لهرون لاٽ: 46)

**سرهاٽيون نہ سرينهن:** سرنهن جو وڻ بہ الا جي چو موسم واريون ٻوڪجڻ جون خوشبوبون ڦهلائڻ چڏي ڏنيون آهن.

نِمُ نہ ٻوڪي ڪا اُتي، سُرهاٽيون نہ سرينهن!

(لهرون لهرون لاٽ: 96)

**سريا ٿي:** چڻ تہ مٿان چُري پُري رهيا هُئَسِ.

ساروٽين جا سپ سريا ٿي _ وِڇُنِ وانگي ڇَهَڪَ ڇُريا ٿي!

(سامرين جي شھر ۾: 46)

**سريت:** ساهيڙي، دوست، يار.

پياري پياري پولي پالي منڙي منھنجي سُريت،
ياد اٿئي يا چڏيئي وساري چانڊوڪين ٽيت.

(سامرين جي شھر ۾: 91)

**سقراط:** يونان جو اهو ڏاهو جنھن کي سچ چوڻ تي سزا طور زهر جو پيالو پياريو ويو هو.

سچ چَئي سقراط جيئن زهر نہ ڏوڪيو مون،
مون کان مهل گُسي وئي!

(چا چيس آئيني: 33)

**سڳداسي:** چانورن جي جنس جنهن جا چانور ڊگها ۽ خوشبودار هوندا آهن.
سنگ سڳنداسين جو ٿيءُ، ڪِرنگهہَ جو ڪيرو نہ ٿيءُ.
(سامرين جي شهر ۾: 40)

**سُندرتا:** سونهن.
چورن وانگر چورائيندس،
تنهنجي سُندرتا ڪان سانتيون!
(سامرين جي شهر ۾: 33)

**سندر سپنا: خوبصورت خواب.**
**ساپيان ٿين نہ ٿين۔ منهنجا سُندر سپنا!**
**(جڏهن اُلا اُپ ۾: 43)**

**سُندري:** خوبصورت، سهڻي عورت.
ڪاري اُپ تي ڪاهڪشان، سندري تنهنجي سينڌ سنواريل!
(لهرون لهرون لاٽ: 93)

**سنسانُ:** بلڪل سيج، جتي آواز جو ڪو بہ پڙڪو نہ ٻڌي سگهجي.
ڪَٿُ ڪو جس، ٿر تي وس، ٿر تي وس۔ تو بن ٿَرُ سنسان ٿيو آ!
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 118)

**سواس سان:** ساهن سان.
ڪجهہ سواس سان ۽ ڪنوار پٽي جي واس سان.
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 108)

**سهاڳ:** سون تي چڙهيل ڪوناريءَ ۾ تپڻ ڪري سهڻو ڳاڙهو رنگ.
ڪوناريءَ ۾ ڪندن سان گڏ پگهران، سو تہ سهاڳ نہ آهيان؟
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 103)

**سهاڳڻ:** ور يا زنده مڙس واري عورت لاءِ استعمال ٿيندو آهي.
هوائون گيت ڳائن ٿيون، ڪنواري سيج،
جڏهن ڪنهن سهاڳڻ سان سَنوَرجي ٿي.
(سامرين جي شهر ۾: 71)

**سورج ورني:** سج جهڙي روشن.
سورج ورني گوري، تنهنجي نيڻن ۾ جنهن تارا ٽانڪيا،
پل پل سو بہ پڃرندو رهندو!
(چا چيس آئيني: 66)

**سوروندا:** اهي جيڪي سورن ۾ سلهاڙجي ويا هجن.

ڪي سوروندا سُتا نہ آهن- خدا جا بندا ستا نہ آهن!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 86)

**سونا گيڙو:** پسارڪو وکر جيڪو ڳاڙهي رنگ جو ٿيندو آهي.

سونا گيڙو رنگ آ تنهنجو، سنگ ڪسنگ سڀ سان آ پر،

هڪ ئي نينهن سِنگ آ تنهنجو!

(چا چيس آئيني: 61)

**سونپيو هو:** ورهائي ڏنو هو مقرر ڪيو هو.

پنهنجي ڊرامي کي تو اسٽيج تي آڻڻ کان اڳ،

هو اداڪار کي سونپيو هو علحده ڪم ڪار.

(سامرين جي شهر ۾: 61)

**سون سريڪا:** سون جهڙا چمڪندڙ.

منهنجو ساڪي آنءِ تون، اي سون سريڪا سڄ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 47)

**سونهن چپن مان:**

سونهن چپن مان جيڪو پسي ٿو لفظ ڪسارو نڪري،

سو جڙڻ ڦلواڙيءَ ۾ پوپٽ ست رنگو ٿو اُڏري.

(لهرون لهرون لاٽ: 39)

**سونهن حوالا:** سونهن جا خاص زاويا.

تنهنجي ساهيڙين ۾ سانئڻ، تنهنجا سونهن حوالا چمڪيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 33)

**سونهن نيازي:** نئين نڪور سونهن جي مالڪياڻي.

ٻانهينءَ واري سورت، گوريون گوريون ٻانهون تنهنجون،

سونهن نياري- سورٺ!

(سامرين جي شهر ۾: 34)

**سوئيندي:** انهن مان ڪک ڪترءِ ٻين قسمن جا چانور چونڊي ڌار ڪرڻ.

سگهڙا چانور ٿالهہ ۾، سانجهيءَ سوئيندي، هن جو هڪ هڪ انگ نچي ٿو!

(سامرين جي شهر ۾: 105)

**سي آءِ ڊي** (C•I•D) **انگريزي لفظ:** خبر رسان ايجنسي.

چڙ تہ سي. آءِ. ڊي پُرنشي ۾،
چڙ تہ حڪومت کي ٿو وٺي سسپينس.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 121)

**سيبائجي:** ماپي وجڻ.

سانجهہ نہ من سيبائجي، باک نہ پاءِ پوي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 48)

**سيٽيون:** ڪاريهر نانگ جي زوردار ڦوڪارن ۾ ٻڌجندڙ آواز.

سَپَ نہ سِسُ ڦُنڊاءِ- سيٽيون ڪين وڄاءِ،
جوڳي آيا جُوءِ ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 122)

**سلهن ۾:** ڍگهن ٿُلَهن ڪنڍن ۾.

جسم ڪٽي سِلهن ۾ سرِ هجي- پوءِ بہ گلن جي پاسي رڙهجي.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 62)

**سيلاب:** ٻوڏون.

ڪنهن بہ رڪاوٽ روڪيا ناهن، سوچن جا سيلاب اسان جا!

(سامرين جي شهر ۾: 86)

**سيف الملوڪ:**

ڪيترا ڇورا ٻڌيا ٿا هت وتن سيف الملوڪ،
نئين زماني جي طلسماتي پرين جي شهر ۾.

(سامرين جي شهر ۾: 142)

**سيڪريٽرئيٽ سروس:** حفاظت لاءِ تعينات ٿيل ڪاتو.

چڙ ستل آ- سيڪريٽرئيٽ سروس، چڙ تہ مٺل آ انٽيليجنس.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 108)

**سيمون:** ڪپڙو رنگا رنگي گلن سان پري تيار ڪرڻ.

نہ زيور، نہ زريون، نہ سيمون ٿو ناهين.

(سامرين جي شهر ۾: 107)

**سينا زوري:** ڏاڍائي، زبردستي، راڏاويڌ.

اهو تنهنجو هڪ حڪم آ پرين! يا سينا زوري آ!

(سامرين جي شهر ۾: 80)

**سينکيو:** زهر.

سچ کي سينکيو کارائيندي آئي آ، مضبوط وڏي هڪ لابي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**سينڱ گز:** ان سان تير هٽي شڪار ڪبو آهي ۽ مقابلا ۾ ڪبا آهن.

توزهہ بہ هٿ ڪونهي ڪيو۔ هُو سينڱ۔ گز ساهي پيو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 63)

**سيوَڪُ:** سيوا يا خدمت ڪندڙ.

رڻ تي ڪوئي وڻ ڄمي ٿو،
ساسِيئن سيوَڪُ ڄڻ ڄمي ٿو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 126)

**شامتون:** مصيبتون، ڏچا.

هي لڙايون، هي ڏڪر، هي زلزلا، هي شامتون.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 72)

**شاهہ رڳ:** مکيہ ساهہ واري رڳ، چون ٿا تہ خدا انسان کي ان کان بہ ويجهڙو آ.

شاهہ رڳ کان ويجهڙا، ڪائي هين تون؟!.

(چا چيس آئيني: 67)

**شعور:** سمجهہ، عقل.

هميشہ چو آ غرور تو کي، خدا ڏئي ڪو شعور توکي.

(چا چيس آئيني: 32)

**شمشان:** باهہ جو مچ يا پِيَڙُ.

اي عشق بادشاهن جا بادشاهہ تون،
شعلا نہ ايڏا ڏي جو شمشان ٿي وڃان.

(چا چيس آئيني: 60)

**شمير:** اسرائيل جو وزيراعظم.

هر زماني ۾ سچ سان آثم۔ ثمر يا ڪو شمير وڙهندو آ.

(لهرون لهرون لات: 62)

**شِمِرِ:** حضرت حسين عليہ السلام جن سان وڙهندڙ.

هر زماني ۾ سچ سان آثم۔ شمر يا ڪو شمير وڙهندو آ.

(لهرون لهرون لات: 62)

**شوديون:** چالاڪ، چالباز.

بيون سڀ چنچل، بيون سڀ شوديون.

(ڇا ڇيس آئيني: 138)

**شيشَم:** عمدو ڪاٺ.

مون ڪنهن ڪان شيشي جو گهر  گهريو نہ گهر لاءِ شيشم جو ڪو در گهريو!

(ڇا ڇيس آئيني: 140)

**صبا:** صبح جي صاف سُٿري هوا.

ساهہ ٿو نڪري پيو اڄ آ، اتر جي هير آ،

زندگيءَ ڪان پوءِ گلشن ۾ صبا آئي تہ ڇا؟

(ڇا ڇيس آئيني: 89)

**صليب لهن:** سوريءَ تي چڙهڻ جهڙين گهڙين.

صليب لحن جي ساهميءَ ۾ نصور وانگر ٿُرَڻ لَڳان ٿو.

(ڇا ڇيس آئيني: 74)

**صليبون:** ڦاسي گهاٽ.

صليبون ناهڻ وارو شخص ان لاءِ جي ٽڙ ڪي وڃڻ  لاءِ ڪوشش ڪري ٿو!

(ڇا ڇيس آئيني: 109)

**صور:** نادُ يا تُوتارو.

ڪي ڪي اسرافيل بڻيا ٽا صور فنا جي ڦوڪن،

ڪي ڪي نٽهڻ اُس ۾ آٿم  چانئُون چپر ماڻهون!

(لهرون لهرون لاٽ: 27)

**ضِدي:** ڦَڏَئي، فسادي، جهيڙالو.

نٺر ضِدي، مَٿي ڦِريا او بدمعاش ڇوڪرا!

ڳليءَ ڳليءَ ۾ ٿو ڪرين ڪنهن ڪي تلاش ڇوڪرا!

(لهرون لهرون لاٽ: 38)

**ضِياءُ:** روشني.

پنهنجي ٻاريڪا حقيقي روشني پيدا ڪجي،

ڪيترو رهبو پلا نقلي ضياءَ جي آسريءَ؟!

(سامرين جي شهر ۾: 42)

**طلسماتي:** جادوئي، پُر تَجَسِسُ.

ڪيترا ڇورا ٻڌيا ٿا هت وتن سيف الملوڪ،
نئين زماني جي طلسماتي پَرِيُنِ جي شهر ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 25)

**طِلِسمِي:** ڪرتب ڏيکاريندڙ.

ڪنهن طلسميءَ ڇِتُونءَ جيئن،
منهنجو قيد آ ساهہ تنهنجي مرڪن ۾.

(لهرون لهرون لاٽ: 25)

**عصا:** اها لٺ جيڪا حضرت موسيٰ عليہ السلام جي مدد لاءِ آئي هئي.

وتن ٿا نانگ ڪيسن ۾ وجهيون هت سامراجي ڪي،
انهن لئہ ازدها بنجي نہ ٿي ڇو ڪا عصا اڄ پيي.

(سامرين جي شهر ۾: 111)

**عطارد:** آسماني سيارو.

پر تڏهن پيي ها اچا، ايجي سيارن ۾، مشتري، زحل، مريخ، عطارد، زهره.

(سامرين جي شهر ۾: 95)

**علامتون:** اهڃاڻ، نشانيون.

گهر ۾ جي بہ علامتون تنهنجون ٻوليان ٿو، تو کي ارپي ٿو ڇڏيان.

(سامرين جي شهر ۾: 116)

**عندليب:** بلبل.

باغ کان هڪ نہ رڳو مالهي پر گُلَ کان بہ عندليب ڪَڪِ آهي.

(ڇا چيس آئيني: 70)

**عيالي:** ٻارن سان رهندڙ.

عيالي پاڙي وارن ساڻ هميشہ تنهنجي اُندڙي بندڙي آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 97)

**عيال:** ٻار ٻچا، فئملي.

لکڻ جي وقت هميشہ کان ذهن منهنجي ۾،
قلم جو ماڻُ اول، پوءِ عيال هوندو آ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 66)

**عُبوري:** دسترس، مڪمل ڪنٽرول.

ستم سهڻ جي آ مون ۾ سگهه ۽ ستم گريءَ تي عُبورُ توکي!

(ڇا ڇيس آئيني: 32)

**عذر بنائين:** بهانا ٺاهين، ٺٺائين.

روپ مٽائن، سانگ رچائن، عذر بنائين!

(ڇا ڇيس آئيني: 45)

**عنابي چپ:** ڳاڙها چپ.

هو جي چپُ عنابي مرڪيا ـ جهوليءَ گُلَ گلابي مُرڪيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 34)

**عُنِوانُ:** موضوع.

هي اڇي چمڙي بہ هڪ عُنوان آ!

(ڇا ڇيس آئيني: 58)

**غشي:** بي هوشي، استغراق.

زهر هو آڳ يا غشي آٺم!
هن بدن ۾ شراب ڪهڙو هو؟!

(ڇا ڇيس آئيني: 84)

**غوراب:** اونهون پاڻي، وڏو سامونڊي ٻيڙو.

گهرجن جو غوراب بہ ڪونهي ـ ڏوڪو يا دولاب بہ ڪونهي!

(سامرين جي شهر ۾: 55)

**فائر:** انگريزي لفظ جنهن جي معنيٰ تہ بندوق ڇٽڻ جو آواز.

ڪنهن جي فائر سان امن جا ڳيرا ـ وقت ڪان اڳ اُڏارجي نہ وڃي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 61)

**فرضي گمان:** لازمي آندِيو.

تو بنا جي نہ ٿو سگهي آٺم ـ هڪڙو فرضي گمان تنهنجو آ!

(ڇا ڇيس آئيني: 93)

**فرهاد:** شيرين فرهاد واري ڪلاسيڪل قصي جو هيرو، جنهن لاءِ مشهور آهي تہ هن سڄو هالار جبل ٽڪيو هو.

غور سان ڏسندين تہ قلمڪار سان گڏ مان،
هالار بہ، تيشو بہ، تہ فرهاد بہ آهيان!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 95)

**فتني وانگي:** شرارت وانگي، چُرچَ وانگي، جهيڙو پيدا ڪرڻ جيان.

هوءَ جيڪا پنهنجي پاڙي ۾ پلجي پئي ٿي فتني وانگي،
سا سچ پچ ڏاڍي سندر آ، آزاديءَ جي سپني وانگي!

(سامرين جي شهر ۾: 35)

**فريب:** ڏوڪو.

آءُ فريب ۾ ڏوڪو ناهيان، آءُ سمورو سچ!

(لهرون لهرون لاٽ: 120)

**فطرت:** عادت، طبيعتي لاڙو، خدا جي خلقيل خدائي.

پوپيان ڏسي مصيبت، ان جي اڳيان ڀڄڻ جي،
هوندي آ اُٿ جي فطرت!

(سامرين جي شهر ۾: 87)

**فُرِقت:** جدائي، علحدگي.

من ۾ فرقت جو پرندو مچ هوندو،
تو ڪڏهن پيي چيو نہ اچ هوندو!

(ڇا چيس آئيني: 51)

**ڦٽ ڪڙيون ڪندا:** يعني تہ ڦريون يا ڏڪ ڪرنڊ ڪري ڇٽي ويندا.

ڪيسين ڦٽ ڪڙيون ڪندا ـ ڪيستائين ڇڪانءِ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 41)

**ڦِرڪٽيون:** سيءَ ڪان ڏَڳڻُ.

سڄڻ سڏي نگاهہ مان جو سُرڪڙيون ڏنيون،
موسم ملهار ميگهہ هوا ڦرڪٽيون ڏنيون.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 55)

**ڦندا:** ڦاها، گهوگها ڏيندڙ رسيون.

هزار سرڪش گلا گُهٽي پيي، سک سان ڦندا لٽا نہ آهن.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 86)

**ڦرٽيون گرِٽيون:** هڪ ڳالهہ تي نہ بيهڻ، ڪڏهن ڪهڙي تہ ڪڏهن ڪهڙي ڳالهہ ڪرڻ.

تنهنجون ڳالهيون ڦرٽيون گرٽيون، ڳالهہ اسان جي هڪ!
مُنڍيءَ تي جيئن ٽِڪَ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 86)

**ڦڦڙ ٿاڦڙ ڦوٽ:** ڏڪٽي، لرزش، خوف جو عالم.

دل جو درد هتي لهي، ڦڦڙڻ تان ڦڙڦوٽ،
نہ تہ پوۓ مون کي نہ ڪپين!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 36)

**ڦُلواڙي:** ٻوٽن جو پوکيل ٻارو واڙي.

سونهن چپن مان جيڪو پيي ٿو لفظ ڪسارو نڪري،
سو جڻ ڦلواڙيءَ ۾ پوپٽ ست رنگو ٿو اُڏري!

(لهرون لهرون لاٽ: 59)

**ڦُلِهار:** ٽانڊا وسامي اگهرن سان گڏ جيڪا دز ٿاهيندا آهن.

مان ٽانڊن جي سيج تي، سوچن جي ڦُلهيار ۾، مون کي ننڊ نہ ٿي اچي!

(سامرين جي شهر ۾: 127)

**ڦُنڊاءِ:** سُڄاءِ، ويڪرو ڪر.

سَپَ نہ سِسُ ڦُنڊاءِ، سيٽيون ڪين وڄاءِ، جوڳي آيا جُوءِ ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 122)

**ڦوڙ:** ڀِتَر.

سَوَ جڻن ڳُوڙن جي وچ ۾، هڪڙي آٿر سچ چيو،
ڪن ڪنيان ڏوڙي ڏينگهر، ڪن ڦوڙ ڦوڙانيون ڪنيون!

(سامرين جي شهر ۾: 85)

**ڦوڙانيون:** ڪاٺ جون ٻُنڊيون چيريل.

سَوَ جڻن ڳُوڙن جي وچ ۾، هڪڙي آٿر سچ چيو،
ڪن ڪنيان ڏوڙي ڏينگهر، ڪن ڦوڙ ڦوڙانيون ڪنيون!

(سامرين جي شهر ۾: 85)

**قارونن جي آڏو:** ظالم پيشي وارن جي آڏو.

قارونن جي آڏو ڦهليُون- محتاجن جون جهوليون انڌيون،

(لهرون لهرون لاٽ: 52)

**قافيو:** غزل جي ٽلهہ جي ٻنهين سٽن ۾ هر بند جي ٻي سٽ وارو لفظ.

ٽر ۾ ڪارو قحط پيو آ- واهڻ ويل ٿيو آ.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 115)

**قضا پڇي اچڻ:** عمر ڪٿي پوڻ، موت اچي وڃڻ.

سچ چوندي ڳوري ڪيڏي بہ سزا آئي تہ ڇا،
ڪوڙ سان وڙهندي پڇي منهنجي قضا آئي تہ ڇا؟!

(سامرين جي شهر ۾: 89)

**قلم تراش:** قلم کي سچ جي مواد ۾ زور شور سان هلائيندڙ.

ڇنيون نہ ٿي اجا نہ ڇن قلم جي نوڪ جون نئون،
قلم فروش ٿين متان، قلم تراش ڇوڪرا!

(لهرون لهرون لاٽ: 38)

**قلم جي قَطُ:** پين جي نِبَ يا مارڪر جي چوٽي.

ڪاغَذُ منهنجي ڳِوتا آهي- ۽ مان پاڻ قلم جي قَطُ هان!

(ڇا ڇيس آئيني: 66)

**قلم فروش:** پئسن ۽ ذاتي لالچن جي حساب سان لکندڙ اديب.

ڇنيون نہ ٿي اجا تہ ڇن قلم جي نوڪ جون ٿڻُون،
قلم فروش ٿين هتان، قلم تراش ڇوڪرا!

(لهرون لهرون لاٽ: 38)

**قواعد:** قاعدا قانونَ.

ڪنهن جي سمجهان هيءَ ڪمزوري؟
ڪاٿئون چاهيءَ قواعد آهن؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 111)

**قيامون:** قيامتون، مصيبتون.

مون تي ڪهڙيون ۽ ڪيئن گذريون،
ڪُلُ قيامون تنهنجي نانءِ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 87)

**ڪاپڙ:** ڪپڙا، لتا.

چور ڇڏي ويا، پنتي سستا ٿانءَ بہ ٿي،
باقي ٻي سپ هت مان ڪاپڙ نڪري وئي.

(لهرون لهرون لاٽ: 51)

**ڪاٺو ڪرڻ:** اندازو لڳائڻ.

چا ڪوئي شيشو ٽُٽي ٻه جڙندو آ،
ڪو انهيءَ پُلَ جو ڪيو ڪاٺو اٿئي.

(سامرين جي شهر ۾: 128)

**ڪاجل:** ڪجل جيان سرائي سان اکين ۾ پائبو آهي.

ڪاجل ڪو نه هئا نه ڪنهن نيڻن ۾ پاتا،
هورا منهنجي هاٿوءَ جا!

(لهرون لهرون لاٽ: 102)

**ڪارو ڪٽيي:** ڪاري رنگ جو پکي جيڪو مند مٽجڻ تي اچي سَرَ جي ٻوٽي تي ويهندو آهي.

سائي سَرَ تي ڪارو ڪٽيي، مند مَٽيءَ جو نياپو پنڇي!

(لهرون لهرون لاٽ: 58)

**ڪارج پورو ڪرڻ:** ڪو مقصد حاصل ڪرڻ.

نيٺ تہ ڳوتائُن ڪِيا پُرا ڪي ڪارج!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 47)

**ڪارونجهر:** ٿر ۾ هڪڙيءَ ٽڪريءَ جو نالو.

انسانيت جي قد آڏو۔ ڪارونجهر ۽ ڪي۔ ٿو ڇاهي؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 38)

**ڪاڙهو:** گرمي.

ڪيڏو ڪاڙهو ٿو لڳي جيجل جندڙيءَ کي.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 49)

**ڪافور:** اهو وکر جيڪو ٿوري ئي تاءَ تي هوا ۾ گڏجي هڪ ٿي ويندو آهي.

تنهنجي سامهون ٿو وڃان ڪافور جيئن اُڏري،
تو ملايو آهہ ڪيڏو تاءُ ساهن ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 26)

**ڪاڪ:** اهاندي جنهن جي ڪناري تي مومل جي ماڙي هئي.

مومل ڪان اورتي نہ ڪٿي ساهہ هن پٽيو
منهنجو ڪنوات ڪاڪ جو چندن چَنلُ هئو.

(سامرين جي شهر ۾: 117)

**ڪاڪروچ:** اهي ٻاڙهن ڪنين وارا جيت جيڪي ڪاڪوس ۾ رهندا آهن.

ذهن گندا، گندي سوچ، گٽر ۾ هي ڪاڪروچ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 90)

**ڪاڪل:** گُهنڊيدار ڪارن وارن جون منهن تي پونڊڙ چڳون.

خوابن ۾ نانگ بنجي اچي ڏنگ ٿا هڻن،
ڪاڪل دراز يار جا ڪارا ڏسي ڏسي.

(سامرين جي شهر ۾:311)

**ڪال:** ڏڪر، ڪوٽ.

ماڻهون نہ ٿيا، بدَن مان ماڪوڙا پيا جڻ نڪرن،
ماڻهن ۾ واڌ وڏي پر ماڻهپي جو ڪال آ!

(سامرين جي شهر ۾: 98)

**ڪامڻ:** سهڻي عورت.

ڪائونٽر تي بيهي ڪامڻ! تنهنجي موتين تور وڻي ٿي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 58)

**ڪانٽا:** گهڙيال جا وقت ڏيکاريندڙ.

وال ڪلاڪ جي ڪانٽن ڏي ٿي، هر هر ويني نهارين جيڏي؟!

(سامرين جي شهر ۾: 66)

**ڪانَ ڪان:** تير يا توار ڪان.

ڪانٽر ناهيان، ڪان ڪان ڇا جي لاءِ دڇان؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 39)

**ڪانگيرا:** ڳڏجي آواز ڪيڻ.

ڪوئل ڪوڪ ڪناءِ نہ آٿر! ڪانويلين جي ڪانگيري ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 24)

**ڪانويليون:** ڪانوَ پکين جون ماديون.

ڪوئل ڪوڪ ڪناءِ نہ آٿر! ڪانويلين جي ڪانگيري ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 24)

**ڪانئر:** گيدي، ٻاڙيو.

ڪا ڪا ڪانئر، مون ڪان منهنجو ڪڙم قبيلو
ڇاجي جي لاءِ پڇين ٿو هر هر؟!]
(سامرين جي شهر ۾: 69)

**ڪاني:** ڪرامت جي ڪاتي، جلدي ٿيڻ.

اُها هاڻ تو وٽ جواني بہ ڪانهي، اڪين ۾ ڪرامت ۽ ڪاني بہ ڪانهي!
(ڇا چيس آئيني: 69)

**ڪاڻ:** هونئن تہ اُٺل ڪي ڇٽبو آهي پر هتي غرض يا ضرورت طور ڪتب آندل آهي.

منهنجي توريءَ رهاڻ ڪانهي ڪا- تو ڪي پر منهنجي ڪاڻ ڪانهي ڪا!
(لهرون لهرون لاٽ: 40)

**ڪاهڪشان:** تارن جي جهرمٽ سان ٺهيل ڇو ليڪو جنهن کي حرفِ عام ۾ حضرت نوح نبيءَ عليہ السلام جن جي ٻيڙي جو گس چيو ويندو آهي.

ڪاري اُپ تي ڪاهڪشان، سندري تنهنجي سينڌ سنواريل!
(لهرون لهرون لاٽ: 93)

**ڪاهي جنهن کي ڪاهٽي آهي:** جنهن جي دل ڪيڏي سو مقابلي لاءِ اچي.

ڪاهي ٻلي جا ڇاهي- جنهن کي ڪاهٽي آهي!
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 93)

**ڪائوآ:** گم ٿيل آ، ڏنڏلو آ.

هيءُ پنهنجو آ، هو پرائو آ، سپ رائو آ يا ڪائو آ!
(سامرين جي شهر ۾: 120)

**ڪائونٽر:** پئسن وصول ڪرڻ واري جڳهہ.

ڪائونٽر تي ٻيهي ڪامڻ- تنهنجي موتين توروٽي ٿي!
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 58)

**ڪٽارا:** ڪات، ڪپ، ڪپڻ ۽ وڍڻ جا اوزار.

هڪ هور جا پري ڪان اشارا ڏسي،
ڪُسجي پياهون نيڻ ڪٽارا ڏسي ڏسي!
(سامرين جي شهر ۾: 31)

**ڪٽر:** سخت گير.

هي ڪجھ لبرل/ ڪجھ ديني پرمي ڪٽر ماڻهون،
نيٺ تہ چو نہ چڏن ٿا ڪو پل منهنجي پچر ماڻهون!

(لهرون لهرون لاٿ: 27)

**ڪٽهڙن تي:** بالڪني يا پڃري نما جهالر.

اڄ بہ ننڍپڻ جون ڏنگايون دل ۾ جرڪن ٿيون ائين،
جيئن ڏياريءَ ۾ ڪٽهڙن تي ڏين جي آر روشني!

(سامرين جي شهر ۾: 47)

**ڪٽورا مڌ جا:** شراب جا جام نهيل.

تنهنجا نيڻ ڪٽورا مڌ جا- تنهنجا ڪاڪل ڪارا بادل.

(لهرون لهرون لاٿ: 117)

**ڪَٺنُ وقت:** ڏکيو وقت.

جي هن تي ڪٺن وقت آيو تہ هن جي مدد لاءِ پنهنجي دعائن کي مُنجَندُسِ!

(چا چيس آئيني: 95)

**ڳَتي آهي:** ماپي يا توري آهي.

ايڏي جي انت سونهن ٿئي جو ڪنهن ماڻ ماپي ڳَٿَ نہ ڳتي آهين!

(چا چيس آئيني: 114)

**ڪَڄ:** ڏنگو ڦڏو آڪڙيل.

هو اڳ ۾ فهم، ڪ بڻيون ۽ وڏي ڪج ڪان اڳتي ڪجي ٿي پيو هو!

(لهرون لهرون لاٿ: 27)

**ڪجي:** ڏنگائي، ڦِڏائي.

هو اڳ ۾ ڪج فهم، پوءِ ڪ بڻيون ۽ وڏي ڳَج ڪان اڳتي ڳَجي ٿي پيو هو.

(لهرون لهرون لاٿ: 27)

**ڳَڄَ- ٻُڳيُون:** تازي ٻُڃَرَ واري وهي.

ڳُنهُنگون نڪري ڳَهَرِ مان، ڳاڙهين ڇُنهنبن سان،
چڳن ڪچ ٻڳيون لاڙيون، رات سمي جي سانت ۾!

(لهرون لهرون لاٿ: 75)

**ڪچو هانءُ ٿيڻ:** اُلٽي اچڻ وارو ماحول، دل ڪچي ٿيڻ.

ساهہ ڪٽندي مک نڙيءَ ۾ وئي هلي، ڪرپ ڪان ڪيڏو ڪچو ٿيو هانءُ آ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 114)

**ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن:** هر وقت هڪجهڙو نہ هئڻ.
روزانو ٻيءَ ٽينءَ تون لڳندي هين ايئن، ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن؟!
(لهرون لهرون لاٽ: 111)

**ڪرامت:** معجزو، اڻ ٿيڻي کي ٿيڻي بنائڻ.
اها هاڻ تو وٽ جواني ٻهڪاڻي، اڪين ۾ ڪرامت ۽ ڪاني ٻہ ڪاڻي!
(چا چيس آئيني: 127)

**ڪرڙوڏ:** اهو مرد جيڪو اڌ عمر کان مٿي چڙهيو هجي.
منهنجي توريءَ رهاڻ ڪاڻي ڪا- تو کي پر منهنجي ڪاڻ ڪاڻي ڪا!
(لهرون لهرون لاٽ: 40)

**ڪرفيو:** مارشل لا جهڙو خطرناڪ قانون جنهن ۾ ڪو ٻاهر نڪري تہ ماريو وڃي.
خوف لاڳو آ ڪرفيو وانگر- گهر ٻہ جڻ قيدين جون بيرڪون آهن!
(لهرون لهرون لاٽ: 23)

**ڪرٽين ماڳين پريون:** جهڙو ڪنهن سان رويو رکبو، اهڙو وٽ ۾ ملندو.
ڏانگو پوکيئي، ڏنڊا چاوا، ڪرٽين ماڳين پريون اُلِرِيُون!
(لهرون لهرون لاٽ: 37)

**ڪڙوليون:** چور کي ٻانهن ۾ لڳندڙ ڪڙيون.
ڪير آ ڏوهي؟ ٻانهون ڪنهنجون؟ چاڻن ڪو نہ ڪڙوليون انڌيون!
(لهرون لهرون لاٽ: 52)

**ڪس ۾ ڪارو:** ڪَٺُ چڙهي ڪارو ٿي وَيلُ جنهن ۾پاڻي ٻہ پي نہ سگهجي.
پر ۾ مٺ پٿو هو ٿيو ٽڪرا، لوٽو ڪس ۾ ڪارو، مجبوريءَ ۾ پيٺو پيو!
(لهرون لهرون لاٽ: 87)

**ڪشالو:** سورن وارو ڏکيو سفر.

مرڻ آسان ٿيندو تنهنجي ڪچ ۾،
جدا تو کان جيئڻ آهي ڪشالو!

(سامرين جي شهر ۾: 80)

**ڪڪوري:** رنگ بدلائي پڪو ٿيڻ ڏي مائل ٿيندڙ.

مڪمل رنگ تنهنجي ۾ وڃان رڱجي تہ پوءِ وڃجانءِ!
اجا تائين آ هستي منهنجي ڪجهہ ڪڪوري آ!

(سامرين جي شهر ۾: 80)

**ڪَڪَ تہ ڪڻ تي:** ظاهر تہ نہ ڪر، لڪاءِ تہ نہ، ڀڪَ تہ ڪڻ نہ.

ڪير رهي ٿو دوست چاري، ڪيو پيو ٿو چال چڪاسي!
ڪنهن نالي تان ڪڪ تہ ڪڻ ني!

(لهرون لهرون لاٽ: 107)

**ڪليڪٽر:** ڪمشنر.

جيڪو هو ڪلهہ ڪليڪٽر، سو اڄ ڪوتوال آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 98)

**ڪمال:** معيار، اوچائي، فتح، ڪامراني.

هر هڪ ڪمال ڪانپوءِ، اچڻو زوال آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 98)

**ڪمپيوٽر:** انگريزي لفظ معنيٰ اُها مشين جيڪا لکڻ ۽ پيغام رسائڻ جي ڪم ۾ اچي ٿي.

هاٿي جي گهٽ ناهن ڪي هن دنيا ۾،
ماڻهون، شاعر پاڻ زميني- ڪمپيوٽر!

(سامرين جي شهر ۾: 62)

**ڪمينٽري:** حالاتِ حاضره ڪي جيئن جو تيئن هوبهو بيان ڪرڻ.

۽ زور زور سان ڪمينٽري ڪري، گڏ ٿيل ماڻهن کي سڀ ڪجهہ ٻڌائيندو وڃان ٿو!

(سامرين جي شهر ۾: 109)

**ڪَنِرو:** ڪَنُ اوڏانهن ڪري ۽ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ تہ هو ڇا پيو چئي؟

ڪنرو تہ ڏي، ڪُڙڪو تہ ٻُڌُ، ڪو ڪڙهہ ڪي لاهي پيو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 63)

**ڪنوات:** نوجوان، سَگهہ، چڙهيءَ جو اُٺ.

موهن ڪان اورتي نہ ڪِٽي ساهہ هِنَ پٽيو
منهنجو ڪنوات ڪاڪ جو چندن چِنَلُ هُئو!

(سامرين جي شهر ۾: 117)

**ڪوي:** شاعر.

ٺڪيءَ ڪي چئہ سُتيءَ قوم سجاڳ ڪرڻ،
مجڻ ڪپي تہ ڪويءَ جو ڪمال هوندو آ.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 66)

**ڪَوِتائن:** شاعريءَ.

ڪو مقصد حاصل ڪرڻ، ڪا ڪول ڪرڻ،
نيٺ تہ ڪَوِتائن ڪيا پوراڪي ڪارج!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 47)

**ڪرپ:** ٻُچان، نفرت، ڏڪار.

ساھہ ڪٽندي مَڪِ نڙيءَ ۾ وئي هلي،
ڪرپ ڪان ڪيڏو ڪچو ٿيو هانءُ آ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 114)

**ڪرنگھہ:** ان جو قسم، جنهن جو داڻُ سَرنهن جي داڻي جيان پر ڪجهہ وڏو ۽ سائي رنگ جو ٿيندو آهي.

سَنگُ سُٻڌاسيءَ جو ٿيءُ، ڪِرنگھہ جو ڪيرو نہ ٿيءُ!

(سامرين جي شهر ۾: 40)

**ڪڙواڙ:** سَڙندي ڪيل گوڙ شور، دانهون، ڪُوڪُون.

ڪنن منجهہ ڪيڏو نہ ڪِڙوواءُ آ- ڪڙهائيءَ ۾ ڪنهن جون هي ڪيهُون ڪڙهِيون؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 70)

**ڪلنگٽن:** آمريڪا جو سابق صدر.

پاڻان هيٺيءَ دنيا تي هُو- جارج بش، ڪِلِنگٽَن جاڳيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 36)

**ڪليشن:** ڪليشن ڪوف هڪ مهلڪ هٿيار.

۽ تنهنجي رُسَڻَ جا ڪليشن بگڙيا،
مون تي، منهنجا دشمن بگڙيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 36)

**ڪليمون:** رهيتن جي مالڪيءَ جا ڪيس.

نہ جايون، زمينون، ڪليمون ٿو ناهين!

(سامرين جي شهر ۾: 107)

**ڪِهرُ:** ڍنڍ ۾ ٿيندڙ هڪ گاھہ جو قسم.

ڪُهنگُون نڪري ڪِهَرَ مان، ڳاڙهين چنهنبن سان،
چڳن ڪچ، ڳيئون لاڙي، رات سمي جي سانت ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 75)

**ڪُڏائي:** ڪنجوسائي.
ڀلي شڪل ڪيڏي ٻہ ڪوجهي هجي، خدا ڪنهن کي دل جي ڪُڏائي نہ ڏي!
(چا چيس آئيني: 42)
**ڪڏڪارا ڏيڻ:** خوشيءَ ۾ بود مان نينگ ٽپا ڏيڻ.
روجھ نہ ڪنهن ڪُڏِڪارَ ڪيا هِنِ!
(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 115)

**ڪُرڪين:** رنج ٿي ڳالهائڻ، آهستي آهستي هوريان هوريان مخالفت ۾ ڳالهائڻ
ماءُ چوئي ٿي ڪو ڪم تہ انهيءَ تي، تون اڄ ڇو ٿي ڪُرڪين،
مان سڀ ڪجھ ڄاڻان ٿو!
(سامرين جي شهر ۾: 126)
**ڪروندا:** گوڏا پيٽ سانلڳل ۽ ماڻهو سمجهيل.
ڪوڙا هميشہ تنهنجي گهر ۾ ڪوجها ٻار ڪُروندا ڄايا!
(لهرون لهرون لاٽ: 29)
**ڪُڙَهہ:** ڏڻ، جُوءِ، وٿاڻ.
آءُ اڪيلو جهنگ ۾، ڪُڙِهہ ۾ بکيو شينهن!
(لهرون لهرون لاٽ: 96)
**ڪُسنگ:** بد سنگت لاءِ ڪم ايندو آهي.
سنگ، ڪسنگ سڀ سان آ، پر هڪ ئي نينهن سنسنگ آ پنهنجو.
(چا چيس آئيني: 61)
**ڪشتا:** طاقت ڏياريندڙ دوائون.
نہ شربت، نہ ڪشتا نہ ملهون ٿو تلهين!
(سامرين جي شهر ۾: 107)
**ڪُلُ:** ماخذ يا اصل.
جُزُ مِلي ڪُلُ سان، ايئن گم ٿي وڃي ٿو ڪُلَ ۾،
جيئن ڦڙي ناليءَ ۾ ۽ ناليءَ ٿئي گم نياڻ ۾!
(سامرين جي شهر ۾: 57)

**ڪُلئي:** مڪمل، توڙتل.

دروازي جي ڇُڪ هٽائي، تون مُرڪِئين،
منهنجي من سان ڪُلئي ڪاوڙ نڪري وئي.

(لهرون لهرون لاٽ: 51)

**ڪندن:** صاف ٿيل سون.

ڪوٺاريءَ ۾ ڪُندَنَ سان گڏُ،
پگهران، سوٽ سهاڳ نہ آهيان!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 103)

**ڪنوارپ:** اها ڇوڪري يا ڇوڪرو جيڪو اڃا پرڻيل نہ هجي.

نہ ڪو ڪنوارپ جي نازبوءِ جي مون ڪي سڪيءَ مان ٿي اچي خوشبوءِ

(سامرينجي شهر ۾: 124)

**ڪنوار پٽو:** شاديءَ کان اڳ واري حيثيت.

ڪجهہ سواسن سان ۽ ڪنوار پٽي جي واسن سان!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 108)

**کهنگون:** ڍنڍ جو پکي جنهن جي چهنب ڳاڙهي هوندي آهي.

کِهنگون نِڪري کِهِرَ مان، ڳاڙهين چنهنبن سان،
ڇُڳنِ ڪَچَ ڳِپيُون لاڙيون رات سمي جي سانت ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 75)

**ڪوٺاري:** باهہ جيڪا سون کي ڏئي صاف ڪبو آهي.

ڪوٺاريءَ ۾ ڪندن سان گڏ پگهران سو تہ سهاڳ نہ آهيان.

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 103)

**ڪوٽوال:** پٽيوالو.

هر هڪ ڪمال ڪانپوءِ اڇٽو زوال آهي،
جيڪو هو ڪلهہ ڪليڪٽر، اڄ ڪوٽوال آهي.

**ڪوثر:** پاڪ بهشتي شراب.

اوهان جي پگهار جو ڦڙو هڪ ڪپي،
نہ آثم اوهان کان آ ڪوثر گهريو.

(سامرين جي شهر ۾: 140)

**ڪوجهائي:** بدصورت، منهن مهانڊي ۾ سٺي نہ.

پلي شڪل ڪيڏي بہ ڪونهي هجي، خدا! ڪنهن کي دل ڪُڏائي نہ ڏي!

(چا چيس آئيني: 42)

**ڪورا:** صفا نوان، نِڪور، جيڪي ڪڏهن بہ استعمال هيٺ نہ آيا هجن.

ميرا لاهي اڇلائي ڇڏ، ڪورا ڪپڙا پاءِ!

(لهرون لهرون لاٽ: 108)

**ڪورڙ بلا:** وڏو نانگ.

ملي ٿي سچ چوڻ جي صاحبو ڳوري سزا اڄ پڻ،
وتي ٿي وات ڦاڙيو ڪوڙ جي ڪورڙ بلا اڄ پڻ.

(سامرين جي شهر ۾: 116)

**ڪوري ڪاپي:** اُهو لکڻ وارو بوڪ جنهن تي اڃا حرف بہ نہ لکيو ويو هجي.

تون هڪ ڪوري ڪاپيآهين مان تو تي ڳِوتا لکندو هان!

(سامرين جي شهر ۾: 139)

**ڪُوڙي ڳَني:** غير تصديق شده، بڙدل ڳالهہ.

ڪلہ يسوع ميڏي، سٺيا هَئي ڪجهہ ڪوڙي ڳني!

(لهرون لهرون لاٽ: 123)

**ڪومائل:** بشاشت جو ضد، سڪڻ ڏي مائل ٿي وڃڻ، سوڪهڙي سٽيل.

صبح ڏٺا مون موڙ سڪل ۽ مومائل گل،
رات اڇانڪ ساڙو پارو پيو هو مٿرن تي

(سامرين جي شهر ۾: 32)

**ڪومل:** گوڏا پيٽ سان لڳل ۽ ماٺهو سمجهيل.

ڪيڏا پوتر ڪيڏا اجرا_ لفظ سمورا ڪومل/ڪئونرا!

(چاچيس آئيني: 75)

**ڪونج ڳچيري:** اهڙي سهٽي ۽ ڊگهي ڳچي واري جهڙي ڪونج جي.

ڪونج ڳچيري، ڌُريءَ واري مومل،
روجهہ اکيري، ميندیءَ تاري مومل.

(سامرين جي شهر ۾: 34)

**ڪونئرا:** نرم.

ڪيڏا پوتر ڪيڏا اجرا۔ لفظ سمورا ڪومل/ڪئونرا!

(چاچيس آئيني: 75)

**ڪي ـ ٽُو:** تمام اوچي چوٽيءَ وارو جبل.

انسانيت جي قد آڏو ڪارونجهر ۽ ڪي ٽو ڇا هي!

(سامرين جي شهر ۾: 36)

**ڪيرُ:** ٿلهوءِ وڏو لوهي ڪوڪو.

جيندي لڳي لڳي سڙندن، انهي ڪيها گُهپيو وي ڪيرُ؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 125)

**ڪيرو:** پاڻي نہ هئڻ ڪري فصل پچي تہ ويندو آهي داڻو ماري سنهون ڪري تہ رهندي آهي ۽ تور بہ گهٽ لهندي آهي.

سَنگُ سُڳداسيءَ جو ٿيءُ ڪِرنگهہ جو ڪيرو نہ ٿيءُ.

(سامرين جي شهر ۾: 40)

**ڪابي اڪ جو ڦرڻ:** خراب سؤڻ جو وهم.

ڪالهانڪر ٿي منهنجي هر هر ڪابي اڪ ڦري،
مولا خير ڪري!

(لهرون لهرون لاٽ: 109)

**ڪاتو:** قرض وارو حصو.

منهنجو ڪاتو هاڻ وَهيءَ تان واري ڇڏ!

(چا چيس آئيني: 72)

**ڪاٽ:** چور پکين جاين ۾ اندر داخل ٿيڻ لاءِ پٽ ۾ گُرڪو ڪري ۽ان مان اندر وڃي ۽ سامان ڪڍي ڪٽي ويندا آهن جن کي ڪاٽ چئبو آهي.

ماڙين ۾ ائين ٿي نہ هن پَيُون ڏارون،
بنگلن کي لڳا ڪاٽ اجايا ناهن!

(لهرون لهرون لاٽ: 44)

**ڪارڪون:** سڪل ڪتل.

هوءَ روئي پئي ڏِسيو منهن کي، جنهن جي مکٽيءَ جون هي ڪارڪون آهن!

(لهرون لهرون لاٽ: 23)

**ڪانياٽي:** جنهن جي گليلو وجهي پوک مان جهارهڪلي ويندي آهي.

ڏاک ڇُڳَن تانجهار تَتِڙِ ٿا_ ڪانياٽيءَ جا ٻُوڙها گونگا!

(لهرون لهرون لاٽ: 53)

**ڪپي هٿ جو ڪيل:** آسان ڳالهه.

آڪيل ڪپي هٿ جو ساهه ڪسڻ ڪنهن ڪان،

مئلن ۾ مگر ساهه وجهڻ پوڳ ته ناهي!

(چا چيس آئيني: 50)

**ڪٽر مينهن ڏهٽي پئجي وڃڻ:** انتهائي ڏکيائن سان منهن ڏيڻو پيو.

پنٽي آهي رڪ پريڻءَ ڪان جڻ ڪٽر مينهن پئي ڏُهٽي!

(لهرون لهرون لاٽ: 47)

**ڪڙهه:** ڳلي، دروازو، گهر ۾اندر اچڻ جو در.

هر وڏيري جي ڪڙهه جو ڪتو_ جڻ ته ٿاني جو سنتري آهي.

(سامرين جي شهر ۾: 68)

**ڪپنيان:** مينهن وسڻ سان خودبخود اپيون اپيون ڪنپيون ڦٽي ايندڀون آهن.

ڪَئين ڪڻ: شمعون، بُونديان، لَڏوُ

مئن ڪڻ، ڪنپيان، آپون، ڳَني_!

(لهرون لهرون لاٽ: 123)

**ڪنٻر:** اُجڙيل هنڌ.

هُوءَ تي هن ڪي ڏاهي مِٽيءَ ڍير ڪري وي آ،

هيءُ اجا پيي هن لئه هر هڪ ڪنٻر جانچي ٿو!

(لهرون لهرون لاٽ: 56)

**ڪنگهجاڻءِ:** ڏاڍيان مصنوعي ڪنگهڻ ته آڏو واروسمجهي ته مون ڪي ڏنو اٿس،

اچڻو ڪو نه هجيئي جڏهين، ڪُڏَ چڙهي ڪنگهجاڻءِ!

جهونجڪڙي جي اوٽ ۾،

(لهرون لهرون لاٽ: 85)

**ڪن ڪن:** گهڙيءَ گهڙيءَ.

ڪن ڪن ڪنوڻ_ سانول! آءُ اڱڻ.

(چا چيس آئيني: 49)

**ڪئونس:** اُچاٽ، اڱرائي.

پوءِ بہ هن سان تو پنهنجي، ڪئونس ڪڏهن ڀي روڪي ڪانهي!

(سامرين جي شهر ۾: 97)

**ڪُتڪا:** وِسوِسا، وهم.

ڪن ڪن ڀيانڪ ڪُتڪا پوکيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 28)

**ڪَڏَ چڙهي:** پکين پالڻ لاءِ نهيل ڪُڏَ تي چڙهي.

اچٽو ڪو هجئي جڏهين، ڪُڏَ چڙهي ڪنگهجانءِ!

جهونجهڪڙي جي اَوٽ ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 85)

**ڪُسم:** جن ڪي قدرتي طور تي ڏاڙهي ۽ مڇون نہ ڦٽن.

ڪُسِري ماڻهوءَ جي ڪاڏيءَ تي، ايڙو ويڙو جُندا.

(لهرون لهرون لاٽ: 29)

**ڪُسَڻُ تي آهيان:** پورو ٽيڙ تي آهيان.

هاڻي آءُ ڪُسڻ تي آهيان، چاڻ ٽيان تو ٻُوها ٻُوها!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 107)

**ڳانءِ:** ڳوٺ.

آٿر بہ ائين پاڻ ۾ گم سم بڻيو پيو آ،

ڪنهن جهنگ ۾ لڪل ڳانءِ جيئن هوندو آ!

(لهرون لهرون لاٽ: 57)

**ڳاهي ماهي:** مڪمل طور تي.

جيڪو اريبندو آهي مون کي پنهنجو جوبن،

ڳاهي ماهي منهنجو پيار انهيءَ سان آهي!

(ڇا ڇيس آئيني: 46)

**ڳپ ۾ ڳاڏو ڪُتَلُ:** بيوسيءَ جي حالت جو اظهار.

اَسي في صد انسانن جو اڄ بہ ڪُتلُ آ ڳپَ ۾ ڳاڏو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 122)

**ڳري:** ميري، ڪاري، ڳندي، ٻُڇاڻ جَهَڙي.

سج ڪارو ٿئو چنڊ ڳرهڻ وتو تون نہ آهين تہ پوءِ

ڏينهن ڪيڏو ٻُرو رات ڪيڏي ڳرمي! سانوري او سانوري!

(سامرين جي شهر ۾:41)

**گفائن:** ڇُرِنِ، ڀِرِتِنِ.

گفائن جي پيتا پيتيم!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 102)

**گگن:** آسمان.

هي سانجهيءَ ڪان اڄ ڇانيون آهن، جهڙ گگن تي،

ڪا ڪڪري ٿي روئي، ڪو بادل کِلي ٿو!

(سامرين جي شهر ۾: 38)

**گنڀير:** سنجيدو، مايوسيءَ مائل.

خبر نہ آهي تہ اڄ جو آٿم، خيال دل ۾ گنڀير ٿي پيا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 84)

**گنوانيان ٿو:** گم ڪري ڇڏڻ، فنا ڪري ڇڏڻ، گُسائڻ، لنوائڻ.

ڪيڏو تو کي چاهيان ٿو، مان پاڻ گنوايان ٿو،

تو کي وينو تاهيان ٿو!

(ڇا ڇَپُس آئيني: 97)

**گروي:** قرض طور حاصل ڪيل يا ڏنل.

ڏينهن سمورا گروي تو وٽ ۽ سڀ راتيون قرض اسان تي!

(ڇا ڇپس آئيني: 110)

**ڳِرهڻِ:** چنڊ تي چوندڙ پاڇو، جنهن سان چنڊ جي چوڏاري دونهين جو اڇو پٽو نهي بيهندو آهي،

سج ڪارو ٿئو چنڊ ڳرهڻ وتو تون نہ آهين تہ ڇو ڏينهن ڪيڏو برو رات ڪيڏي ڳري! سو سانوري او سانوري!

(سامرين جي شهر ۾: 41)

**گُرباچوف:** روس جو آخري صدر جنهن جي دؤر ۾ روس ٽٽي ويو.

اشيا ڏاٽيون ڏوءِ ٽيو جو گرباچوف ۽ يلسن بگڙيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 36)

**ڳُجرا:** گلن پوبل ٻانهن جا هار.

تون هلين ٿي لوڏ سان هو تا ڇٽن، ٻانهن ۾ ڳجرا ائين، آهستي هَلُ!

(ڇا ڇيس آئيني: 44)

**گمراهه:** ڀٽڪيل، راهه ڀُليل، اَوائي تَوائي.

وِڄُ حيران تنهنجي جَلوَن تي، چَندُ گمراهه تنهنجي مُرڪُنِ تي!

(لهرون لهرون لاٽ: 25)

**گونج:** لڳاتار يا مسلسل آواز، آواز جو پڙاڏو.

هيءُ گونج، هيءُ گهرڙاٽ اجايا ناهن، پٿرن ۾ پيا ڦاٽ اجايا ناهن!

(لهرون لهرون لاٽ: 44)

**گوڏ:** غريب ماڻهو سلوار بدران گوڏ نالي پوتڙو يا ڊگهو ڪپڙو وٺي چيلهه سان ٻڌندا آهن.

هڪڙو پنهنجي گوڏُ ڳَري، ٻيو گهر واريءَ جو گهگهرو ڦاٽو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**گوري:** نوجوان سهڻي عورت.

ڪيئي جوين- چور گهوري اٿيئي گهاٽَ ۾!

(ڇا ڇيس آئيني: 104)

**گوندر:** ڏک، سور، صدما.

ڳولين ڳتا ٿو آٿم، نڪرڻ مگر آ مشڪل،<br>گوندر جو آهي گهيرو، سُٽري تہ ڳالهہ ڪانهي!

(سامرين جي شهر ۾: 69)

**ڳاپڻ:** ڳپ واري، پيٽ سان، ڳورهاري.

ڏرتيءَ جي ڪک سائي ٿئي ٿي- ڳاپڻ جيئن ڪا مائي ٿئي ٿي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 126)

**ڳاٽ:** ڪنڌ، گردن.

ڳاڙها ڳاڙها ڏسي- ڳاٽ نہ جُهڪِئين تون،<br>مون پي منٿون نہ ڪيون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 34)

**ٻاراها:** ڦاها،

ٻاڙها ٻاڙها ڏسي- ٻاٽ نہ جُهڪِئين تون،
مون پيي منٿون نہ ڪيون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 34)

**ٻاڙهسُرا:** ٻاڙهاڻ تي مائل، هلڪا هلڪا ٻاڙها.

ٻاڙهسُرا ٻِل هُنَ جا چمنديءِ هن جا جُهمڪا مُرڪي پيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 106)

**ٻاڳيون:** ٽر ۾ ٿيندڙ ول جنهن جا ٻِل ٻاڙها ٿيندا آهن.

يا ڪي ٻاڙهيون ٻاڳيون، شالون جيئن رت راڳيون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 109)

**ٻاني مينديءَ جي رسم:** شاديءَ جي پين انيڪ رسمن مان، شاديءَ کان اڳ ۾ ٿيندڙ رسمن مان هڪ رسم.

گوريءَ مڱڻي جي ٻاني مينديءَ تي سهسين ڦول ٽڙي پيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 100)

**ٻُپُ:** اها جڳهہ جتان ٻج مان ٻوٽو ڦُٽي انگور ڪڍي.

رينج ڏرتيءَ کان، سلن کان ٻُپ ۾ ڪيت کان ساواڻ ڪيئن ٿيندي الڳ؟

(لهرون لهرون لاٽ: 43)

**ٻِل لائيو:** پنهنجو هٺڻ جو احساس ڪرائڻ.

مون کي ڪنهن بہ نہ ٻِراتِڙي پائي ٻِل لائيو!

(جڏهن اُلا عشق جا: 42)

**ٻِني:** ڪمند جا پوپا جيڪي کائبا آهن.

ٽَئن ڪَڻَ شمعون، بونديان، لَڏون، مئين ڪڻ، ڪنييان، آيُون، ٻِني!

(لهرون لهرون لاٽ: 123)

**ٻَڻَ ڪرڻ:** سار سنيار لهڻ، نگهداشت ڪرڻ.

ڏڻ جي خبر لهون يا ڏنارن جي ٻَڻَ ڪيون؟
هيٺن کي ڏِيُون هَٿي يا سگهارن جي ٻڻ ڪيون؟!

(سامرين جي شهر ۾: 118)

**ٻِتا:** سوراخ، لوگها، وٿيون.

ٻولين ٻِتا ٿو آٿر نڪرڻ مگر آ مشڪل،
گوندر جو آهہ گهيرو سُتِري تہ ٻالهہ ڪانهي!

(سامرين جي شهر ۾: 69)

**ٻراٽي پائي:** پاڪر پائي، پيار منجهان.

مون کي ڪنهن بہ نہ ٻراٽڙي پائي، ڳل لائيو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 42)

**ٻِڪَ:** جيڪو ڪڏهن بہ پُٺي نہ ڇڏي، پاڇي جيان گڏ گڏ هلندڙ.

تنهنجي ڇيڄَ نہ ڇڏٽي آهي، آهيون اهڙي ٻِڪَ.

مُنڊيءَ تي جيئن ٽِڪَ.

(لهرون لهرون لاٽ: 116)

**ٻُڻَ جي عيوض:** ٿوري ڪرڻ جي بدلي.

ٻُڙَ جي بدلي ٻُڙَ تہ ڪر، مون ڪان هو لائي، ڪيڏي قيمت ٿو گهرين؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 52)

**ٻوٽ چاڙهيل:** ميار رهيل.

پيار پري پالوٽ انهن جي، مون تي چاڙهيل ٻوٽ انهن جي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 106)

**ٻوڙها:** هونئن لڙڪ پر هتي اهي گليلا جيڪي ڪانياٽيءَ ۾ وجهي هڻندا آهن.

ڊاڪُ ڄُڄَنِ تان جهارِ تڙن تا، ڪانياٽيءَ جا ٻوڙها گونگا!

(لهرون لهرون لاٽ: 53)

**ٻول ٻِتو ٻول:** ٿورو گهٽو گس ٻولي وٺ.

پابندين مان آزديءَ جو ٻول ٻِتوڪو ٻول، مون کي ماٺ نہ تي وٽي!!

(ڇا چيس آئيني: 92)

**گهاٽ ۾:** تاڙ ۾.

ڪيئي جوين- چور گوري اَٽَئي گهاٽ ۾!

(ڇا چيس آئيني: 104)

**گهاتڪ:** تاڙيون وينل، راتاهو ڏيڻ جي تياريءَ ۾.

ڇٽني پاسي ڪوڙ ڪڏا، گهات ۾ وينا گهاتو آهن!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 112)

**گهاٽ:** لهڻ چڙهڻ جون جايون نہ پَتَڻُ.

تانداٽي ٿهڪار نہ ڪائي، گُهگُهہَ وڪوڙيا گهاٽ، مسافر منزل ڏاڍي ڏُورِ!

(ڇا چيس آئيني: 48)

**گھٽا:** جُھڙُيا وسڻ وارو ڪڪر.

ڪلا سورج اُڀاري ٿي، ڪلا ڪي ڪير روڪيندو؟

اگر چاهي اُتي برسي گھٽا ڪي ڪير روڪيندو؟!

(چا چيس آئيني: 94)

**گھرڙاٽ:** وڏا وڏا آواز، جڻ ڪا سخت شيءِ ڦاٽُ ٿي ڪائي.

هيءَ گونج، هي گھرڙاٽ اجايا ناهن، پٿرن ۾ پيا ڦاٽ اجايا ناهن!

(لهرون لهرون لاٽ: 44)

**گھرواري:** زال.

هڪڙي پنهنجي گوڏ ڳري، پيو گھر واريءَ جو گھگھرو ڦاٽو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**گھڙو:** پاڻيءَ پرڻ جو دِلو.

توڪي ڪيئن ڪٽي ڪوڪيچ تي، تون تہ گھڙو ئي پيلو آهين؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 127)

**گھگھرو:** چولو.

هڪڙي پنهنجي گوڏ ڳري، پيو گھر واريءَ جو گھگھرو ڦاٽو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**گھنٽري:** ڏوڪو ڏَٽو.

هن جي شڪل ئي چيٽري آهي يا ڪا درين جي گھنٽري آهي؟!

(سامرين جي شهر ۾: 68)

**گھڻ:** رش يا ماڻهن جي گھڻي تعداد ۾موجودگي.

ميڏيءَ گھڻ ۾ گھڻگھرا، مشڪل ملنديئي ڪي سپنا منهنجا ساھ جا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 50)

**گھڻ ”گھڻگھرا:** چاهيندڙ هڏ ڏوڪي.

ميڏيءَ گھڻ ۾ گھڻگھرا، مشڪل ملندئي سپنا منهنجي ساھ جا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 50)

**گُھپِيُووي:** اندر ۾ پيهي وڃڻ.

جيندي ننگي لڱين سَڙدِن۔ اُنهين ڪيها گھپيا وي ڪِيرُ؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 25)

**گُهلُ:** هوا جي لگڻ کي هوام ۾ گُهلَڻُ چئبو آهي.

گهرج ٻيءَ جي منهنجي گهر، تنهنجي هوا آئي تہ ڇا؟؟!!

(سامرين جي شهر ۾ 89)

**گهوگهو:** سائرن جيڪو خطري کان وڄندو آهي، ا جي آواز کي گهوگهو ۽ خود سائرن کي "گُهگُهو" چئبو آهي!.

گهوگهو خطري جو وڄي تنهنجي گهوگهو کي مُٺِ ۾قابو ڪيئن ڪبو؟

(لهرون لهرون لاٿ: 82)

**گهيرٽ:** ننڍ جو اوڇهرائيون.

اوٻاسيون، پنڪيون، گهيرٽ، پنگ پياڪ، مولائي ماڻهن!

(جڏهن اُلا اُپ ۾:94)

**گهيرو:** چوگرد سوگهائي، وڪوڙي وڃڻ.

ٻولين ڳٺا ٿو آٿم نڪرڻ مگر آ مشڪل،

گوندر جو آهہ گهيرو سُتري تہ ڳالھ ناهي!

(سامرين جي شهر ۾: )

**لابي:** انگريزي لفظ معنيٰ ڏُرِ.

سچ کي سينڪيو ڪارائيندڙ آ مضبوط وڏي هڪ لابي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**لاڙيون:** لاڙي ساريون، جن جا ڇانور ڳاڙها ٿيندا آهن.

ڪنهنگون نڪري ڪِهرَ مان، ڳاڙهن ڇنهنبن سان،

ڇڳن ڪچ- ڳيپون لاڙيون، رات سمي جي سانت ۾!

(لهرون لهرون لاٿ: 56)

**لاڪڙ:** پريءَ مان هڪ لڪڙي.

ڪي ڪي ماڻهون دل تان اهڙا لهندا هن،

جڻ تہ پريءَ مان ڪِسڪي لاڪڙ نڪري وئي!

(لهرون لهرون لاٿ: 51)

**لامارا:** شڪار جي ڳولا ۾ ور وڪڙ ڏيئي هيٺ مٿي ڊوڙون پائڻ.

ڏئي ٿو بار لامارا مٿان ۽ هيٺ ڏرتيءَ تي،

لڳي ڪانونِ کي ڪان ڪان جي، پئي جهرڪن ۾ چون چون آ!

(سامرين جي شهر ۾: 37)

**لانچون:** اُهي مشين تي هلندڙ ٻيڙيون جيڪي سمنڊ تي هلنديون آهن.
روز لانچون ٿيون منهوڙي تان ٻڪن. چوطرف پاڻيءَ جو ٻورو ٿو اُڏي،
سمنڊ جي تختي تي رندو ٿو لڳي.
(سامرين جي شهر ۾:143)

**لاءُ نہ ساءُ:** لڳاءُ ۾ مزو نہ آهي.

تو بن تنهنجي شهر ۾، ڪوئي لاءُ نہ ساءُ، آءُ پرينئڙا آءُ!
جڏهن اُلا اُپ ۾: 38)

**لائو ڪانڊو:** مڇيءَ کي ٻہ اڌ ڪبو آ تہ هڪ ڪنڊي واري يعني ڪناڊو تہ ٻيو ننڊو بنا ڪنڊي هوندو آهي، جنهن کي لائو چئبو آهي، ان ڪري اهي گهٽ وڌ لاءِ ڪم ايندا آهن.
ڏوهہ ثابت ٻہ اڌ ڪري ڏس، ڪو ڪانڊو ۾ ڪو لائو سڀ رائو آ يا ڪائو آ!
(سامرين جي شهر ۾: 129)

**لڄا جي ڳالھ:** عزت رکڻ جي بات.

تون نہ لڄا جي ڳالھ ڳڻي پر، پيار تہ لڪڻو ناهي؟
(ڇا چيس آئيني: 45)

**لڄالت:** عصمت دري، زنا.

اهو ملڪ سائو نہ ٿيندو ڪڏهن پيو،
جتي اجتماعي لڄالت ٿئي ٿي!
(سامرين جي شهر ۾: 71)

**لڇمي:** نماڻي، سادي، پاڳيري.

پيار تنهنجي سان آڻم کي وڏو اربي ڇڏيو
جيڏي سهڻي آن تون، تڏي ئي لڇمي ٿي لڳين!
(سامرين جي شهر ۾: 93)

**لڪير جو فقير:** ڪاپي ڪري هلندڙ فقيرن جو نقل ڪندڙ.

نئينءَ ٿيءَ جو گلو گهٽڻ لئہ لڪير جا هت فقير جاڳيا!
(جڏهن اُلا اُپ ۾: 84)

**لمحا:** گهڙيون.

وصل جا لمحا امرتا ٿا ڏين پر جدائي تہ زهر پياري ٿي ڇڏي!
(ڇا چيس آئيني: 43)

**لبرل:** وچڙا (جن جو ڪنهن به ڏر ڌانهن ڪنڌ رويو نه هجي).

هي ڪجهه لبرل ۽ ڪجهه ڏرمي ڪٽر جا ماڻهون،
نيٺ ته چو نه چڙن ٿا ڪو پل منهنجي پچر ماڻهون!

(لهرون لهرون لاٽ: 27)

**لِلاٽ:** قسمت ۾.

ماڻيندس مان اُهو لکيو جو للاٽ،
ووڙيان پرينءَ واٽ!

(چا چيس آئيني: 105)

**لِيا:** جهاتيون.

هي جو پائين ٿي پئي لوڙهي پارليا،
ڪيڏا ڏس تون ڏيا، ٻارين ٿي هن ٻاٽ ۾.

(لهرون لهرون لاٽ: 90)

**لياڪو پائڻ:** ڪنهن ڳٽي مان جهاتي پائي ڏسڻ.

چانئٺ مان هڪ چنڊ، لياڪو پاتو آ،
لڙڪن هاڻا هنڌ وهاڻا مُرڪي پيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 72)

**لچمي:** نماڻي، سادي، يا ڳيري.

پيار تنهنجي سان آٿر ڪي وڏو ارپي چڏيو
جيڏي سهڻي آن تون، تڏي ئي لچمي ٿي لڳين!

(سامرين جي شهر ۾: 93)

**لوٽو:** گلاس يا پاڻيءَ پيئڻ جو پيالو.

پر ۾ مٽ ڀڳو هو ٽيو ٽڪرا، لوٽو ڪس ۾ ڪارو هو
مجبوريءَ ۾ پوءِ به پيٽو پيو!

(لهرون لهرون لاٽ: 87)

**لوڏ:** وڻ ۾ پينگهه ٻڌي ويندي آهي جنهن ۾ لوڏيو ويندو آهي.

ليسوڙي ۾ لوڏ ڏنئه نا تيز هوا جي توڏ ڏنئه نا

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 82)

**لوڙهو:** ڍينگهرن جي لڳاتار قطار لڳائي پٽ جو ڪم ونجيس تہ ان کي ڀراڙيءَ ۾ لوڙهو چئبو.

هي جو پائينتي پئي لوڙهي پار ليئا،
ڪيڏا ڏس تہ ڏيا، ٻارين تي پئي ٻاٽ ۾.

(لهرون لهرون لاٽ: 90)

**لوڻ جو ٽيرو:** چار، پور پور.

ٽي مکڻ چاٽو گذار، لوڻ جو ٽيرو نہ ٽي!

(سامرين جي شهر ۾: 40)

**لوهو:** رت.

وِرهہ ويهاري جيءَ ۾ لوهو اوڪيو مون، مون کان مهل گُسي وئي!

(ڇا ڇيس آئيني: 33)

**ليڙا:** گنديءَ جو اهو سوراخ جيڪو فقط ان ڪري مهل کولبو آهي.

پيٽ پلين جا ان کان خالي، اونڌا چاپڙ، انڌا ليڙا.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 119)

**ليسوڙا:** اهو وڻ جنهن جو فروٽ ليسوڙو سڏبو آهي.

ليسوڙيءَ ۾ لوڏ ڏنئہ نہ! تيز هوا جي توڏ ڏنئہ نہ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 82)

**ليک:** قسمت ۾ لکيل.

ليک انسان جو اهو ناهي، جو رهي پيو فريب خانن ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 69)

**ليليون:** نوجوان عورتون.

ڏولين ۾ چڙ ڪي ليليون ويندي لڳيون مون کي،
ڪونن مٿان کٽن تي مهارا ڏسي ڏسي!

(سامرين جي شهر ۾: 31)

**مات ڏيڻ:** شڪست ڏيڻ، غلط ثابت ڪرڻ.

مايوسين کي مات ٿا آثم ڏيون پيا،
مجبور پنهنجا سيئي سهارا ڏسي ڏسي!

(سامرين جي شهر ۾: 3)

**ماترائون:** لفظن جا پڙ، جن سان شاعريءَ جي جوڙجڪ ڪئي ويندي آهي.

مِٽيءَ جا ماترائن ڪي، مٽيءَ سان ٺي گڏ رهڻو آهي!

(چا چيس آئيني: 67)

**ماپي:** ڪنهن به شيءِ جي ماپ يا تور ڪرڻ لاءِ ٺهيل اوزار يا ٿانءُ.

ايڏي جي انت سونهن ٿئي جو ڪنهن ماڻ ماپي نه ڳڻ ڳڻي آهي!

(چا چيس آئيني: 114)

**ماٺو:** تمام آهستي ”نه“ جي برابر وهندڙ.

اٺ الاجي ڇو، هن جو ساگر ماٺو آهي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 145)

**ماڙيءَ ۾:** فلئيٽ ۾.

پاڙو ڳاٽي ٽوڙ آ پوءِ به ماڙيءَ ۾،

راڻي، آءُ رهان پيو!

(لهرون لهرون لاٽ: 86)

**ماسڪ چاڙهي:** هٿرادو چهرو بنائڻ جو ڪوپو.

پين، ڪوٽ جي گيدي ۾، پنهنجي منهن تي ماسڪ چاڙهي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 145)

**ماسي:** مهيني ڪي ماسي يا ماس به چئبو آهي.

منهن پوندو هئين مهيني ماسي،

منهن ڇو ڦيرين ٿو ٻئي پاسي؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 107)

**مالها پوئڻ:** تسبيح جي موتين جهڙن مورتين سان پوئي ٺاهيل.

لفظن جا موتي ڪٺي، مالها پوئي ڇڏيان ٿو.

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 145)

**مانڊاڻي:** ڏڌ چاول مٽ ۾ ڪاٺ جي ٺهيل چٺن وڏيل پاسن سان وجهي ٻان ڪي ولوڙي مکڻ ۽ جهڻ الڳ ڪبيون آهن.

مون ڪان پڇ ته ماٺيءَ اندر مانڊاڻيءَ جي جُهو جُهو ڇا آهي؟!

(سامرين جي شهر ۾: 36)

**ماڻ:** ماپا، جنهن سان وزن ماپ جي يا ٿانءُ جنهن سان مَئي ماپ لهجي.

اج خوشي ماپي نہ ٿي سيني جي سوڙهي ماڻ ۾،
چو تہ هُو ۽ مان ٻئي پرچي ويا هون پاڻ ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 57)

**ماڻهپ:** ماڻهپو، انسانيت.

ماڻهون نہ ٿيا، ٻرن مان ماکوڙا جڻ تہ پيا نڪرن،
ماڻهن ۾ واڌ ڏاڍي، ماڻهپ جو ڪال آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 98)

**مت ڀيد:** وڏ نندائي، مذهبي يا طبقاتي فرق رکڻ.

جهڙو اندر تهڙو ٻاهر ڪوئي مت- ڀيد نہ آ مون ۾!

(سامرين جي شهر ۾: 113)

**متي ڦريا:** ڏِنگا.

نَر، ضِدي، متي ڦريا بدمعاش ڇوڪرا،
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ٿو ڪرين ڪنهن کيتلاش ڇوڪرا؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 38)

**متڪي:** فائدو، منافعو.

قرض ۾ پاڪر وتل واپس بہ ڪر،
مون کي منهنجو مور ڏي، متڪي نہ ڏي!

(لهرون لهرون لاٽ: 69)

**محاذِ جنگ:** جنگ جو عالم، جنگ جي تياري.

ڪٿي بہ جنگ ڪو نہ لڳي آ تہ ڇو آٿم،
محاذِ جنگ جا نقشا کلي ويا هن.

(سامرين جي شهر ۾: 36)

**مڇيءَ جا ٻيرا:** وڏا وڏا ٽُڪرا.

اج دل تي هن جا لفظ لڳا، جيئن لوڻ مڇيءَ جي ٻيرن ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 24)

**مڌر:** سُريلو، وڻندڙ سُني آواز وارو.

هڪ مڌر هُڳاءُ پکيڙيو آ!

(سامرين جي شهر ۾: 139)

**مڏر گهر:** شرابخانو.

مڏ متوالا نيڻ ڪنيان ٿو۔ مڏ گهر منجهه شرابي مُرڪيا!

(لهرون لهرون لاٿ: 34)

**مڏر متوالا نيڻ:** پيتل، نشي ۾ پُر.

مڏ متوالا نيڻ ڪنيان ٿو۔ مڏ گهر منجهه شرابي مُرڪيا!

(لهرون لهرون لاٿ: 34)

**مقام:** معيار، رهڻ جي جاءِ.

ميان ٿو پهچ منهنجيءَ ڪان مٿي تنهنجو مقام آهي،

تون آهين چنڊ ڏرتيءَ جو ۽ منهنجي دل چڪوري آ!

(سامرين جي شهر ۾: 80)

**مڪروهه:** نه ڪائڻ وارا.

هونئن ته مَڪِ مُردار، مڪروهه آ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 109)

**مڱيڻي:** شاديءَ اڳ ۾ هڪ رسم ادا ٿيندي آهي.

گوريءَ مڱڻي جي، ڳاني مينديءَ تي،

طرحين قول ٽڙي پيا!

(لهرون لهرون لاٿ: 34)

**مَلِمُون:** مڪڻ ۾ مليل دوا جيڪا ڦٽ ڪي مڪي ڇڏي آهي ته ڇٽي ويندو آهي.

نه شربت، نه ڪُشتا، نه مَلِمُون ٿو ناهين!

(سامرين جي شهر ۾: 107)

**مليڇ:**

هيءَ جو هڪڙو ماڻهو منهنجو اندرُ جانچي ٿو

مٿرا منجهه مليڇ يو جڻ مندر جانچي ٿوا!

(لهرون لهرون لاٿ: 56)

**مليريا:** ان نالي جو هڪ جيوڙو هوندو آهي جنهن جي حملي سان سيءُ تپ.

مڏ متوالا نيڻ ڪتيان ٿو۔ مڏ گهر منجهه شرابي مُرڪيا!

(لهرون لهرون لاٿ: 34)

**مَڏُ مَتوالا نيڻ:** شراب پيئتل، نشي ۾ پُر.

مڏ متوالا نيڻ ڪنيان تو۔ مڏ گهر منجهه شرابي مُرڪيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 34)

**مقام:** معيار، رهڻ جي جاءِ.

ميان ٿو پهچي منهنجيءَ ڪان مٿي تنهنجو مقام آهي،

تون آهين چنڊ ڏرتيءَ جو ۽ منهنجي دل چڪوري آ!

(سامرين جي شهر ۾: 80)

**مڪروهه:** نہ ڪائڻ وارا.

هونئن تہ مَڪِ مُردار، مڪروهہ آ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 109)

**مگٽي:** شاديءَ اڳ ۾ هڪ رسم ادا ٿيندي آهي.

گوريءَ مگٽي جي، ڳاني مينديءَ تي،

طرحين قول تڙي پيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 100)

**مَلِمُون:** مکڻ ۾ مليل دوا جيڪا ڦٽ کي مکي چڏبي آهي تہ چٽي ويندو آهي.

نہ شربت، نہ ڪُشتا، نہ مَلِمُون ٿو ناهين!

(سامرين جي شهر ۾: 107)

**مليڇ:** .

هيءَ جو هڪڙو ماڻهو منهنجو اندرُ جانچي ٿو

مٿرا منجهہ مليڇ پيو جڻ مندر جانچي ٿو!

(لهرون لهرون لاٽ: 56)

**مليريا:** ان نالي جو هڪ جيوڙو هوندو آهي جنهن جي حملي سان سيءُ تپ ٿيندو آهي.

حاذق ماڻهون نانگ نپوڙي پيا ترياق بنائن،

رڳ رڳ ۾ روڳ مليريا جو ڦهلائن مڇر ماڻهون!

(لهرون لهرون لاٽ: 27)

**مميون:** تون.

نہ گورم، نہ مميون، نهميمون ٿو ناهين!

(سامرين جي شهر ۾: 107)

**منتري:** مددگار.

آءٌ آٿم، ڪلا جو هڪ راجا ـ قلم منهنجو منتري آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 68)

**منحوس:** نياڳي وارو.

موت منحوس جو پيانڪ راڪاس!

(سامرين جي شهر ۾: 102)

**منجهڌار:** تيز وهندڙ درياءُ.

مان جنهن ٻيڙيءَ تي چڙهيل، ٻيڙي سا منجهڌار ۾،
مون کي ننڊ نہ ٿي اچي!

(سامرين جي شهر ۾: 127)

**مندر:** هندن جو پوڄا گهر.

هي جو هڪڙو ماڻهون منهنجو اندر جانچي ٿو
منڙا منجهہ مليچ پيو جڻ مندر جانچي ٿو.

(لهرون لهرون لاٽ: 56)

**من مروڙ:** دل کي سونهن هٿان وَٽَ وڪڙ ڏيئي.

من مروڙي مڄ ڪري جَنڊيءَ واڻ وٽيو
سڪ سٽيو مون کي پڪيءَ ٻير جيان.

(لهرون لهرون لاٽ : 89)

**منگلا:** اهو ڊئم جيڪو پنجاب ٺاهڻ چاهي ٿو جنهن سان سنڌ کي آبپاشي جي مد ۾ گهڻي تڪليف هر پل پوندي.

هڪ نڙيءَ ۾ هَٽَ منگلا جا آهن پيا،
۽ ٻي ن ۾ نٽ تربيلا جي آهي پَئي!

(چا چيس آئيني : 104)

**منهوڙو:** ڪراچيءَ جي ٻيڙن جي بند تي هڪ جاءِ جو نالو.

ڊڪن، چو طرف پاڻيءَ جو ٻُورو ٿو اُڏي، روز لانچون ٽيون منهوڙي ۾
سمنڊ جي تختي تي رندو جڻ لڳي!

(سامرين جي شهر ۾: 143)

**مٽڪو:** ڪنڌ ۽ مٿي کي ڳنڍيندڙ (مغزي ڏوريءَ وٽ موجود).

سچ نہ سِرَ جيئَدان پانءِ ـ سچ، مٽڪي جي موچ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾ : 90)

**مهارا:** اُهي ڄاريون جيڪي مڇرن جي بچاءَ ڪان ڪٽ جي چيئني پاون سان لڪڙن ۾ ٻڌي ڇڏيبيون آهن.

ڏولين ۾ چڙهي ڪي ليليون ويندي لڳيون مون ڪي،
ڪونن مٿان ڪٽن تي مهارا ڏسي ڏسي!

(سامرين جي شهر ۾: 3)

**مهڪايو:** خوشبوءِ دار بڻايو. سرهاڻ پيدا ڪئي.

واءُ نه واس ڪٿي اچي، آڱڻ مهڪايو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾ : 42)

**مهڪڻو آهي:** خوشيءَ مان نڪار جڻو آهي.

هارُ گجري يا قبر تي آٿر- هر جڳهه گل ڪي مهڪڻو آهي.

(سامرين جي شهر ۾ : 103)

**مهاڏو اٽڪائڻ:** مقابلو ڪرڻ.

ڪيڏي به وڏي دشمن سان مهاڏو اٽڪائي سگهين ٿو.

(سامرين جي شهر ۾ : 137)

**محاذِ جنگ:** جنگ جو عالم جنگ جي تياري، جنگ جو ميدان.

ڪٿي به جنگ ڪا نه لڳي آهي ڇو آٿر!
محاذ جنگ جا نقشا کُلي ويا آهن.

(سامرين جي شهر ۾ : 43)

**مهماءِ:** مُڙسي، بهادري، جرئتمندي.

هتي گهات مان جيئڻ ٿي سَڏي!
ته مڙس جي مهماءِ ٿي هن ٽُري!

(جڏهن اُلا اُپ ۾ : 71)

**ميوا:** توريا يا ماپيو ويو آهي.

اوسيئڙي جي پل پل ۾ هن- منهنجو پيار ميو آهي!

(لهرون لهرون لات : 105)

**مِترا:**

هي جو هڪڙو ماڻهو منهنجو اندر جانچي ٿو
مترا منجهه مليڇ پيو جڻ مندر جانچي ٿو!

(لهرون لهرون لات : 56)

**مثالي ماٺون:** مجيل، احترام جوڳا.

قسمت ساڻ هلن ٿا آٿر- دنيا منجهه مثالي ماڻهون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾ : 94)

**مِڪُ:** طاقت جو سٽپ.

نور نچوبو نند ڦتايو ميڄالي جي مِڪُ ڪَپايو رت جلايو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾ : 150)

**مياڻ:** تلوار جو ڍڪ.

دل اڇيءَ ۾ الفت ۽ ڪلفت نہ ٿيون گڏجي رهن،
ڪيئن ٿهي سگهنديون ٻہ تلوارون اڪيلي مياڻ ۾.

(سامرين جي شهر ۾ : 57)

**محبن:** قربائتا.

تنهنجي انٽرويوءَ تي آٿر- تو سان تنهنجا محسن بگڙيا!

(لهرون لهرون لاٽ : 36)

**مُند مٽي:** مُند متجڻ جي نشانيءَ طور ڪٽڇي پکيءَ جو اڇي سو جي نسريل ڪانيءَ تي ويهڻ

سائي سَرَ تي ڪارو ڪٽڇي، مند مٽيءَ جو نياپو پنڇي!

(لهرون لهرون لاٽ : 58)

**مُجَ ڪري:** جيئن واڻ وٽڻ لاءِ مجن کي ور وڪڙ ڏئي تيار ڪبو آهي.

هن مروڙي مج ڪري، جنڊيءَ واڻ وٽيو
سڪ سٽيو مون کي پَڪيءَ ٻِير جيان!

(لهرون لهرون لاٽ: 89)

**مُدعا:** مقصد، موضوع، اصل حقيقت.

جيستائين هُو اڳيان هو آءُ گونگو جڻ هُئس،
ويو هليو پوءِ ياد ڪائي مدعا آئي تہ ڇا؟!

(سامرين جي شهر ۾: 89)

**مُنڊيءَ تي ٽِڪَ:** اُها ڳالهہ جيڪا ڪلهہ بہ ساڳي هئي، اڄ بہ ساڳي آهي ۽ صبحاڻي بہ ساڳي رهي.

تنهنجون ڳالهيون ڦِرِٽِيون گِرِٽِيون، ڳالهہ اسان جي هڪ، جڻ مُنڊيءَ تي ٽِڪَا!

(لهرون لهرون لاٽ : 116)

**مردارُ:** حرام ٿي ويل.

هوئن تہ مَکِ مُردار آهي، مڪروهہ آ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾ : 114)

**مُرڪڙيون:** پيرن جو ڳهہ.

او ديس تو کي پئند ۾ پکڙ بہ گهڻن وڏا،

پر مون تہ تو کي هار، هَسِيُون، مُرِڪِڙِيُون ڏنيون.

(جڏهن اُلا اُپ ۾ : 55)

**مُريخُ:** سيارو.

پر تڏهن پيي اجا اپ جي سيارن کي- مشتري، زحل، مريخ، عطارد، زهره!

(سامرين جي شهر ۾: 95)

**مشتري:** سيارو.

پر تڏهن پيي اجا اپ جي سيارن کي- مشتري، زحل، مريخ، عطارد، زهره!

(سامرين جي شهر ۾ : 95)

**مُصَنِفُ:** ليکڪ.

اي جهنم ۾ بهشتن جا مصنفِ افطم!

مان تنهنجي ئي هڪ تصنيف جو هان ڪردار!

(سامرين جي شهر ۾ : 61)

**معتبر:** اعتبار جوڳو.

وعدو بہ ڪالهہ هن جو ڪو معتبر نہ هئو

اڄ مون کي هن جو پيار پيي ڪو مختصر لڳو!

(ڇا ڇيس آئيني : 108)

**معزز:** عزت جي نيشان طور سمجهندڙ.

پوءِ حق تي آيا ناحق تي، لڪٽيون ڇپائي خودستو اڪثر،

معزز ۾ مقدس آهہ دستار ۾ قبا اڄ ڪلهہ!

(سامرين جي شهر ۾ : 111)

**مقدس:** تقدس واري، پاڪائيءَ جي نيشاني.

پوءِ حق تي آيا ناحق تي، لڪٽيون ڇپائيءَ جي دوست اڪثر!

معزز ۾ مقدس آهہ دستار ۾ قبا اڄ ڪلهہ!

(سامرين جي شهر ۾ : 111)

**مڪرڻ:** ڳالهہ تان ڦِري وڃڻ.

اوچتو ڪوئي پنهنجي واعدي تان صاف مڪرڻ لڳي تہ ڪيئن روڪيانس؟

(جڏهن اُلا اُڀ ۾ : 89)

**منتظر:** انتظار ۾.

هُو جنهن جو انتظار زمانو ڪندو هئو

سوشخص پاڻ ڪنهن جو منتظر اڄ لڳو!

(چا چيس آئيني: 108)

**مند مَٽي:** موسم جي تبديل ٿيڻ جي نيشاني ڪٽڇيءَ پکيءَ جو سر تي اچي ويهڻ.

سائي سَرَ تي ڪارو ڪٽڇي، مود مٽيءَ جو نياپو پَنچي!

(لهرون لهرون لاٽ : 58)

**مهاڏو اٽڪائڻ:** مقابلو ڪرڻ.

ڪيڏي بہ وڏي دشمن سان مهاڏو اٽڪائي سگهين ٿو!

(سامرين جي شهر ۾: 137)

**منڪر نڪير:** مرڻ پچاڻا پڇاڻو ڪندڙ.

مئي ڪان اڳ ۾ بہ آ پڇاڻو۔ هتي بہ منڪر نڪير جاڳيا!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾ : 84)

**منگهڻ:** گهھيمر واريءَ موسم ۾ هندڻ، ڪتن ۽ ڪپڙن ۾ پيدا ٿيندا آهن.

هي جَيُن جهڙا ننڍا ۽ سنهڙا۔ منهنجي ملڪ جا مُنگهڻَ!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 139)

**موچ:** مروٽو ٿوڙڻ.

سچ نہ سِرَ جيئَدانُ پانءِ،

سچ آ مٽڪي جي موچ!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 90)

**مورُ:** اصل لاڳاپيل رقم.

قرضن ۾ ياڪر ورتل واپس بہ ڪر،

مون ڪي پنهنجو مُورُ ڏي مَٿِڪي نہ ڏي!

(لهرون لهرون لاٽ : 63)

**مورڪ:** بيوقوف.

ڪجھ مورڪ ماڻھو ڳولن پيا، مُگرا، موتيا ڪانڊيرن ۾!

(لهرون لهرون لاٽ : 24)

**موريا:** ڦوٽهڙو شروع ڪيائون، گئونچ ڪڍيائون.

رت بسنتي وڻ ٽڻ موريا، باغن ۾ زيتون ڪڪوريا!

(سامرين جي شهر ۾ : 134)

**موڙُ اُجايل:** مٿيون چوٽيويا پاندر اُڃَ ۾ ساڻا ٿيل.

صبح ڏٺاھون موڙ سڪل ۽ ڪوماڻل ها گل،

رات اچانڪ ساڙو پارو پيو هئو مٿرن تي.

(سامرين جي شهر ۾ : 32)

**موڙها:** ڪانن جون ٺهيل ڪرسيون.

انڌو راجا محمل رڻائون، ڪرسيون ڀوڙيون، موڙها گونگا!

(لهرون لهرون لاٽ : 53)

**موسيٰ:** حضرت موسيٰ عليہ السلام پيغمبر.

سمر پنهنجون هلايون نہ آثم مٿان، آءُ موسيٰ آهيان، اڙي سامريو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 67)

**موڪ ۾:** ننڍڙيءَ ناليءَ ۾.

هيءَ جا سڪ اٿاھ سيني ۾ ڪيئن سانڍجي؟!

ڇا ڪو وڏو واھ، ماپيو آ ڪنهن موڪ ۾.

(ڇا ڇيس آئيني : 104)

**مُونِڙيُون:** ملھ وڙهندڙن جو داءُ.

آثم! پهاڙ جيئن اٽل هو، اٽل رهيو

دنيا دسڻ لاءِ گهٽئي مونڙيون ڏنيون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾ : 55)

**موھ:** چاهت، مزي داري.

موت وسري ويو هو آثم ڪان، تنهنجي ڳالهين ۾ موھ اهڙو هو!

(ڇاڇيس آئيني: 80)

**موهيا:** متاثر ڪيا، پاڻ ڏانهن متوجهه ڪيا.

ڪيڏا ماڻهو موهيا دولت پنهنجي فخرن تي،
ڇا ته ضمير وڪاڻا آهن وِهَ جي قطرن تي!

(سامرين جي شهر ۾: 32)

**موهيڙا:** منهن تي نڪتل رتايون ڦوڙهيون.

اوليئڙا هن،
گورين منهن تي،
موهيڙا هن!

(جڏهن اُلا اُ ڀ ۾ : 109)

**ميڄالو:** دماغ ۾ مقرر مادو.

نور نچوبو، ننڊ ڦِٽايو، مينالي جي مِکُ ڪپايو، رَتُ جلايو!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 150)

**ميراث:** ملڪيت.

ڇو ته ڌرتيءَ تي مون جو ڪجهه به ڪمايو آ،
ءِ اپت جنهن جي فقط منهنجي ئي آهي ميراث!

(سامرين جي شهر ۾: 95)

**ميڙي چُونڊي:** گڏ ڪيل سموري ملڪيت.

ماروئڙن جي ميڙي چونڊي- جهاڙو ڏيئي ڪٽي وجن ٽا!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾ : 100)

**ميساري:** ڊاهي، ختم ڪري.

ماضي ميساري، ليڪا وساري، آءُ ته پرچون پاڻ ۾!

(لهرون لهرون لاٽ : 76)

**ميعاد:** عرصو يا مقرر وقت.

مان وقت به واعدو به ءِ ميعاد به آهيان!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾ : 95)

**ميمون:** پڙهيل لکيل عورتون.

نه گوتم، نه ميمون، نه ممو ٿو ٿاهين!

(سامرين جي شهر ۾ : 107)

**مينهن جهڪور:** لڳاتار هلڪي بوندا باندي.

اهڙي ڪا ڪا ٿور وٺي ٿي، جهڙي مينهن جهڪور وٺي ٿي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 58)

**مند مَٽي:** موسم جي تبديل ٿيڻ جي نيشاني ڪٽيڇيءَ پڪيءَ جو سر تي اچي ويهڻ.

سائي سَرَ تي ڪارو ڪٽيڇي، مود مٽيءَ جو نياپو پَنيچي!

(لهرون لهرون لاٽ : 58)

**ناتو:** پيار جو پيوند.

ڪيسين چڪچڪان، ڪيسين ناتو نبهجي؟!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 41)

**ناخدا:** مجهدار، ناکئون، ٻيڙياتو ٻيڙي هلائيندڙ.

پنهنجي ٻاري ڪا حقيقي روشني پيدا ڪجي،
ڪيترو رهبو پيلا نقلي ضياءَ جي آسري!

(سامرين جي شهر ۾: 42)

**ناري:** دوزخي.

اجا تہ نوريءَ ۽ ناريءَ جو ذڪر آ آٿم،
بشر جي ڳالھ ڪرڻ لاءِ ڪيترو سِڪجي!

(سامرين جي شهر ۾: 31)

**نازبوءِ:** ٻوٽو جنهن ۾ هڪ خاص قسم جي خوشبوءِ ٿيندي آهي.

نڪور ڪنوارپ جي نازبوءِ جي،
مون کي سَکيءَ مان اچي ٿي خوشبوءِ!

(سامرين جي شهر ۾: 124)

**نازنين:** ناز ۽ نخري ڪرڻ واري نوجوان عورت.

هوءَ نازنين ناز سان ايندي هُئي جتان،
ٿڪن نہ ٿا هي نيڻ سي چارا ڏِسي ڏِسي!

(سامرين جي شهر ۾ : 31)

**ناليءَ ۾:** پاڻيءَ وهڻ جي ننڍڙي ڪَسي.

جز ملي ائين ڪُلَ سان، ڪُلَ ۾ وڃي ٿو جزب ٿي،
جيئن ڦڙي ناليءَ ۾، ۽ نالي ٿئي گم نيارڻَ ۾!

(سامرين جي شهر ۾: 57)

**نانگڻ راڻي:** ڪاريهر نانگ جي مادي.

نانگڻ راڻي! راڄ مڪٽ ۾ واسينگن جو گَسُ وِچان!

(لهرون لهرون لاٽ: 93)

**ناوُ:** ڪشتي، ٻيڙي.

ناءُ سيٺهه نہ ڪنهن ناخدا جي آسري،
سير ۾ ڪاهي پيا آهيون خدا جي آسري!

(سامرين جي شهر ۾: 42)

**نائي:** ڦاڙهہ يا گهاءُ.

تو ڪي آءُ وِڄهڻُ ڏيان، نرڙ ۾ نائي،
ڪيڏي قيمت ٿو گهرين!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 52)

**نٿڙيءَ جو هيرو:** نڪ جي سوني ڳهه "نٿ" جي ماٿهون گٽو ڪري ڳاڙهي رنگ جو هيرو.

ڪنهن نٿڙيءَ جي هيري وانگر، تون اڄ چو ٿي جرڪين،
مان سڀ ڄاڻان ٿو!

(سامرين جي شهر ۾: 126)

**نٽ ڪٽ:** چالاڪ، شاتر.

شهرين جا نٽ ڪٽ ڪوئا، رستن جي رسين ڪي ٽُڪي ٽوتا ڪري ڇڏن ٿا!

(سامرين جي شهر ۾: 45)

**نَديا:** درياهہ!

آءُ سڄو ئي اڄ صدين جي ۽ تون جُڳُ جُڳُ نديا جل ٿل!

(لهرون لهرون لاٽ: 117)

**نرڌن:** مسڪين، غريب، بي پهچ.

ڌنوانن جي هن ڌرتيءَ تي نرڌن جي نروارڻ هئا،
ماٺهو سي ڪيڏانهن ويا؟!

(سامرين جي شهر ۾: 115)

**نقش ٿيڻ:** چٽجي وڃڻ، نشانبر ٿي بيهڻ.

نقش ٿيءَ ڪنهن دل مٿان، ڏاڳ جو پيرو نہ ٿي!

(سامرين جي شهر ۾: 40)

**نقلي:** ڪُوڙو، مصنوعي، هٿرادو، اَهَلَ ڪندڙ.

پنهنجي ٻاري ڪا حقيقي روشني پيدا ڪجي،
ڪيترو رهبو ڀلا نقلي ضياءَ جي آسري!

(سامرين جي شهر ۾: 42)

**نڪ لاهڻ:** شرمسار ڪرڻ.

ڪوڙ وارن جا نڪ تو لاهين،
پر ڪچهريءَ مان اٿارجي نہ وڃين!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 61)

**نويلي نامي:** نوجوان عورت.

سونهن جي راڻي نويلي نار! تُنهنجو شڪريو!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 140)

**نڀجي:** پوريءَ طرح سان وفا ٿي.

ڪيسين ڇڪ ڇڪان، ڪيسين ناتو نڀجي؟!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 41)

**نٽر:** ضدي، ڪٽر، نڊر.

ڏرتي توڙي اونڌي ٿئي تہ بہ ضد تان لهندا ناهن،
اهڙا ڀي ڪجھ منهنجا واقف آهن نٽر ماڻهون!

(لهرون لهرون لاٽ: 27)

**نٽهڻ:** تيز ترين اُس.

نٽهڻ مهل ڇُرُنِ ۾ ويهي،
ٿورو ساهہ کڻيون آ مون!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 102)

**نرڙ:** مُنَهن جو نڪ ڪان مٿي وارو حصو.

تو ڪي آءُ وجهڻ ڏيان، نرڙ ۾ نائي،
ڪيڏي قيمت تو گهرين!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 52)

**نرواڻ:** آزادي يا ڇوٽڪارو.

ڏن وانن جي هن ڏرتيءَ تي، نردن جي نرواڻ هئا،
ماڻهو سي ڪيڏانهن ويا؟!

(سامرين جي شهر ۾: 115)

**نقاب:** پردو، ڍَڪُ.

سچ گرهڻ وِيو هو ونجي- تنهنجي منهن تي نقاب ڪهڙو هو؟

(ڇا ڇيس آئيني: 84)

**نڪور:** بلڪل نئين ڦُٽَلَ.

تڪور ڪنوارپ جي ناز بوءِ جي،
مون کي سڪيءَ مان اچي ٿي خوشبوءِ!

(سامرين جي شهر ۾: 124)

**نِڪَت:** آسمان ۾ ڪڙندڙ تارا ۽ ڪتيون.

سوچ کي شعر جو ٿو روپ ڏيان، منهنجو پيغام هر نکت ۾ آ!

(سامرين جي شهر ۾: 141)

**نوڙيل:** جُهڪيل، سجدي ۾.

مون کان ڪيئن سي وسري سگهنديون،
نوڙيل نيڻ- نهارون تُنهنجون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 113)

**نيت:** ايمانداري.

پنهنجو واعدو سو ڪڏهن نباهيندو؟!
جنهن جي نيت ۾ کوٽ/ڪَچُ هوندو؟!

(ڇا ڇيس آئيني: 51)

**نياڻ:** وڏو پاڻيءَ جو تلاءُ.

جز ملي ايئن ڪَلَ سان، ڪُلُ وڃي ٿو جُزُ تي،
جيئن ڦڙي ناليءَ ۾ ۽ نالي ٿئي گم نياڻ ۾!

(سامرين جي شهر ۾: 57)

**نُڪ:** تَڏي جنهن تي نماز پڙهندي سجدا ڏبا آهن.

ياڻ نک تي ستل هئا سجدا- بسترن ۾ ثواب جاڳيا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 83)

**نرڳ:** دوزخ.

سرڳ ملي يا نرڳ اتي پي تو کي دنيا ياد ڪندس مان!

(لهرون لهرون لاٽ: 46)

**نوريءَ:** خدا جي نور سان هڪ ٽيل.

اچا تہ نوريءَ ۾ ناريءَ جو ذڪر آ آٿم! بشر جي ڳالهہ ڪرڻ لاءِ ڪيترو سيڪجي!

(سامرين جي شهر ۾: 31)

**نور پٽاري:** اِهو نُورَ جو قسم ڪٽي ڳالهہ ڪرڻ جو ڍنگ هوندو آهي.

توکي ساري ننڊ نہ آئي- نور پٽاري ننڊ نہ آئي!

(لهرون لهرون لاٽ: 65)

**نيچ:** گهٽيا قسم جو جيءُ.

پُون پُون پٽڪي ڪن جي پرسان، نيچَ نہ ننڊ ڦِٽاءِ مچر چڪ نہ پاءِ!

(لهرون لهرون لاٽ: 112)

**نيل ڪنٺ:** ڪوئل.

ڪنهن پي وڻ ۾ ڪوپَنُ ڪونهي، نيل، ڪنٺ جا نيڻ پنا هِن!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 115)

**نينهن سَنگ:** هڪ سرو يا چٽو پٽو پيار.

سنگ ڪُسنگ تہ سڀ سان آ، پر هڪ ئي نينهن نسنگ تُنهنجو!

(چا چيس آئيني: 61)

**نينهن ننگر:** پيار جو جهان.

تنهنجو پهريون پيار سکي! آباد رهي،

نينهن ننگر جو راج سدا آزاد رهي!

(چا چيس آئيني: 111)

**نيڻ ڪتارن ساڻ ڪُهي:** اکين جي ڪاتن سان ڪُهي.

نيڻ ڪتآرن ساڻ ڪُنَئِہ- هَٿُ بہ ڪو نہ مَليُءِ!

(لهرون لهرون لاٽ: 49)

**نيڻ نهارون:** انوکي انداز سان ڏسڻ.

مون کان ڪيئن سي وسري سگهنديون؟

نِوڙيل نيڻ نهارون تنهنجون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 113)

**وات وڪيل:** مرضيءَ جو مالڪ.

تون پيي پنهنجي وات_ وڪيل ۾ آءُ بہ مرضيءَ وارو آهيان،
ماڻهن کان ڇا لاءِ وٺون پوءِ پيار ڪرڻ جي منظوري

(لهرون لهرون لاٽ: 49)

**وابهن:** ٿلهن رسن.

ظلم جو هر هڪ ڏينهن ڊگهو آ، وابهن ۾ جنهن مون کي ونگيو!

(سامرين جي شهر ۾: 112)

**وايوڙ:** وڏيندڙ يا ڪپيندڙ.

ساجن تنهنجي ٽانگهہ ائين ٿي ٽُڪي ساهہ کي،
جڻ تہ وڻڻ ۾ ڇانگهہ وايوڙن آهي وِڏي

(ڇا ڇيس آئيني: 104)

**واري ڇڏڻ:** ختم ڪري ڇڏڻ، ڊاهي ڇڏڻ، بند ڪري ڇڏڻ.

قرض تنهنجو مون سڀ چڪايو آ، منهنجو ڪاتو وهيءَ مان واري ڇڏ!

(ڇا ڇيس آئيني: 72)

**واسي:** واس يا خوشبوءِ پهچائي وجڻ.

سُرهاڻين جا شِيشا هاري، پيا گهر ويندو آهين واسي!،

(لهرون لهرون لاٽ: 107)

**واسينگن:** تمام خطرناڪ نانگن.

نانگڻ راڻي راڄ مڪٽ ۾ واسينگن جو گس وِڇان!

(لهرون لهرون لاٽ: 93)

**واڳون:** پاڻيءَ ۾ رهندڙ مڇيءَ جهڙا وڏا وڏا پربت.

سوچ ۾ هڪڙو سڳهو وينو هوئو ڪيڏا واڳون ٿا رهن هن ڍنڍ ۾،
ناشتي جي لاءِ ڪا بہ ڪرڙي ڪا نہ آ!

(سامرين جي شهر ۾: 143)

**وال ڪلاڪ:** ڀت تي ٽنگيل گهڙيال.

وال ڪلاڪ ڪجي ڪانٽن ڏي ٿي هر هر وينئي نهارين جيڏي!

(سامرين جي شهر ۾: 66)

**واڻ وٽيو:** مچ ڪُٽي سنها ڪري انهن وٽي واڻ تيار ڪيو آهي جنهن سان ڪٽون واٽبيون آهن.

من ماري مُچَ ڪري جنٽيءَ واڻ وٽيو
سڪ سٽيو مون ڪي پڪيءَ پير جيان.

(لهرون لهرون لاٽ: 89)

**واهتون:** چوڪي ڏيڻ، نظرداري ڪرڻ، حفاظت ڪرڻ.

باغ تي ڪبريون، جوئو تي جهار، ڪٽڪ تي مڪڙ،
ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ وٽ هٿان ويهي ڪري ڪو واهتون؟

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 72)

**واهٽي:** ٻهراڙيءَ جي عورت.

چا لٺ اٿس مگن ۾، وينگس ڪا واهٽي آ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 93)

**واهيرو:** شام جو پکي گهر موتي وڻن ۾ نهيل آکيرن ۾ اچي آرامي ٿيندا آهن تہ ان کي سندن واهيرو ڪرڻ چئبو آهي.

ڪاٿي ڪنديون رات جو جهرڪيون واهيرو
واڍا وڻ وڍين پيا!

(چا چيس آئيني: 116)

**وائريون:** ڇڄ ۾ وجهي ڇنڊي ڦوڪي صاف ڪرڻ.

موتي وڃائي هٿ سان، واريون ٿا وائريون، پوءِ
منهن ٻيي ٿئي تہ هيرو ٻڙي تہ ڳالھ ڪانهي!

(سامرين جي شهر ۾: 69)

**وَٿُ:** شرءِ چيز.

باغ تي ڪبريون، جوئر تي جهار، ڪٽڪن تي مڪڙ،
ڪهڙيءَ ڪهڙي وٿ مٿان ويهي ڪري ڪو واهتون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 72)

**وريامن جون ڳالهيون:** دلير، بهادر، قربانيون ڏيندڙ.

تداريون جُهڪي ڪنڌ جن جا چمي وبون،
ڪرين ٿو تہ ڪر تون وريامن جون ڳالهيون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 65)

**وکر:** پنساريءَ جي شين کي وکر چئبو آهي.

تِکا، ڪُوڙا تو کي اکر کو نہ لکبا،
وري اهڙآ اُگرا وکر کو نہ وٽبا!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 57)

**ونگيو:** سوگهو ڪيو، ٻڌو، قابو ڪيو.

ظلم جو هر هڪ ڏينهن ڏگهو آ،
واڄن ۾ جنهن مون کي ونگيو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 112)

**وهيءَ مان:** کنڌي جي بنديءَ مان.

قرض تنهنجو سڀ مون چُڪايو آ- منهنجو ڪاتو وهيءَ مان واري ڇڏ!

(ڇا چيس آئيني: 72)

**ونءُ وڃڻ:** پري ڀڄڻ.

روشنين کي سدائين ونءُ ويو، تنهن ڪري تاريڪين ۾ ويو رُلي!

(ڇا چيس آئيني: 40)

**وت کان:** وس کان، پُڄَتِ کان.

وڏ هُيئي جي وت کان، سي ڀي وس هليئا!

(لهرون لهرون لاٽ: 99)

**وڄ:** کنوڻ.

آءُ ڏسان پيو اپ تي ٺهندڙ ڪڪرن جون شڪليون،
وڄ لکيو ٿي هر هر تنهنجو نالو ڪڪرن تي!

(سامرين جي شهر ۾: 32)

**وڄان:** وڄُ کان.

ڪِرنديءَ ويل وڄان- پڇندو آيو آهيان!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 39)

**وڄ وراڪو:** کنوڻ کنودي جيڪو وڪڙ کائيندي آهي.

وڄ وراڪو جيئن ڪڪر ۾،
تيئن وڃي پئي وارن مان!

(لهرون لهرون لاٽ: 93)

**وڄ وراڪا چال انهن جي:** هُو هلنديون آهن تہ ڄڻ وڄ موڙا ڏئي هلندي آهي.

وڄ وراڪا چال انهن جي، وڪ وڪ سنڌوءَ ڇولي آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 138)

**وڄ ورني:** ڪنوڻ جهڙي.

وڄ ورنيءَ صورت ڪي ڇهندي،
آثم جا سڀ عضوا ڦڙڪيا.

(لهرون لهرون لاٽ: 31)

**وِراڌا:** دشمن، مخالف.

چوٽن تان جون چنريون ترڪيون- وار وِراڌا، چهرا ڦڙڪيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 31)

**ورڇٽو:** ورهاڱو.

تون ڀلي بغز هيڙ پنهنجي لئہ
منهنجو ڪم پيار ورڇٽو آهي!

(سامرين جي شهر ۾: 103)

**ورڇي:** ورهائي، پکيڙي.

ڀڳ ڀڳ پکڙي اولڙا، ورڇي نُورُ وِيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 90)

**ورت وراٽيا مون:** مون ڏاڍا جهد پٽيا، وس ڪيم.

ورت وراٽيان مون، تنهنجي ڳولا ۾ پرين!

(سامرين جي شهر ۾: 99)

**ورهہ جو واءُ:** جدائيءَ جو ماحول، ڏکويل سمو.

انڌ انياءَ ورهہ جي واءُ ۾، تانگهہ جي تاءُ ۾،
ميڻ وانگر سڄوئي ويندو ڳري، او سانوري!

(سامرين جي شهر ۾: 41)

**وزٽ ڪرڻ:** جانچ ڪري ڏسڻ، چڪاسڻ، پڙتال ڪرڻ.

هُن وزٽ منهنجي جيتري ۾ ڪئي،
مون بہ هن ڪي وزٽ ڪري ورتو.

(سامرين جي شهر ۾: 73)

**وسهو چو نہ ٿا:** اعتبار ڇو نہ ٿا ڪريو مڃيون ڇو نہ ٿا.

يارو! وسهو ڇو نہ ٿا، ڪونهي ڪُوڙُ ڳُهِيو،
ساري عمر رهيو منهنجو ساهہ سڄڻ جي مُٺِ ۾!

(لهرون لهرون لاٽ: 97)

**وشال:** اڻ کُٽُ ويڪرو.

جيڏو سمنڊ وشال، تيڏي سوچ بہ ٿو رکان،
تنهنجو حسن جمال، پوءِ بہ منجهس ماپي نہ ٿو!

(ڇا ڇيس آئيني: 104)

**ولوڙا ڪير جا:** صبح ساجهر جو اٿي گهر گهر ۾ ڏڌ جي ولوڙڻ جا آواز.

پرهہ ولوڙا ڪير جا، جُهڳٽيءَ جُهو جهوڪي،
مُٺِ ۾ قابو ڪيئن ڪبو؟!.

(لهرون لهرون لاٽ: 82)

**وهُ جي قطرن تي:** زهر جي ڦڙن تي.

ڪيڏا ماڻهون موهيا دولت پنهنجي نخرن تي،
ڇا تہ ضمير وڪاڻا آهن وِهہ جي قطرن تي.

(سامرين جي شهر ۾: 32)

**وياڪل:** مايوس، ويڳاڻو.

هوئن تہ هميشہ هيڪل وياڪل، ڏڻ سمورا پور هجون ٿا!

(سامرين جي شهر ۾: 39)

**وير:** پلوڙ.

ظلم دا ڇُنڌا ڪِتان تيرُ۔ مرڳيا ڪنهن دا ويرُ!

(لهرون لهرون لاٽ: 125)

**ويرو:** دفعو يا وقت.

سانول ملي سگهيرو سٺري تہ ڳالهہ ڪانهي،
اهڙو اچي ڪو ويرو سٺري تہ ڳالهہ ڪانهي!

(سامرين جي شهر ۾: 69)

**ويڙهي ڏي:** گهٽن گهرن کي گڏي ويڙهو چئبو آهي يا پاڙو چئبو آهي.

هو ڏس اُسَ اچي پئي وڏندي ويڙهي ڏي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 49)

**ويسهہ:** اعتبار- ڀروسو.

جي ويسهہ پنهنجو بحال ڪرين ۽ سر جو ڪنهن ڪان سوال ڪرين!

(سامرين جي شهر ۾: 129)

**وينگس:** سهڻي عورت.

پنڙن واري وينگس ريشم بتي پاتل سنهڙن ڪپڙن واري وينگس!

(سامرين جي شهر ۾: 35)

**هابي** (Hobby)**:** انگريزي لفظ، معنيٰ شوق وندر ورونهن.

چاتيءَ لائي ڪوڙ نپائڻ، پهرين گهرج ضروري هابي!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 122)

**هاڪ:** نيڪي، ساراهہ.

وَئي هاڪ تنهنجي آ ايڏي وَڏي،
جو هر هڪ خبر تي چڙهي تون وئين!

(سامرين جي شهر ۾: 58)

**هالار:** جبل.

تون غور سان ڏسندين تہ قلمڪار سان گڏ مان،
هالار بہ تيشو بہ ۽ فرهاد بہ آهيان!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 95)

**هام هڻڻ:** دعوا ڪرڻ.

جيڏي منجهہ هٺي پيو آڻم- ڪيڏيون هامون تنهنجي نانءُ!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 87)

**هبچي:** هبچ رکندڙ، گهڻو گهرندڙ.

سونهن ڪڏهن ڪنجوس نہ هن جي، منهنجي اک هميشہ هبچي!

(لهرون لهرون لاٽ: 58)

**هبڪي نہ ڏي:** مُنجهي، ڏکيائيءَ سان.

موٽ منهنجي عرض جي جيڪا بہ ڏين،
بي ڌڙڪ تي ڏي اها هبڪي نہ ڏي!

(لهرون لهرون لاٽ: 69)

**هٺ پرائي:** مغرور، فخر ڪندڙ.

ڪنڌ ڪٽي ڪنهن ڏي نہ ڏنائين- هٺ پرئي جي هوڏ ڏنئہ نہ!

(جڏهن اُلا اُڀ ۾: 82)

**هٿ ڏيڻ:** سهارو ڏيڻ، مددگاري ڪرڻ.

ڏٽي جي خبر لهون يا ڏنارن جي ڳڻ ڪريون،
هيڻن ڪي ڏيون هَٿي يا سگهارن جي ڳڻ ڪيون!

(سامرين جي شهر ۾: 118)

**هَٿي:** ڏيو.

منهنجي سوچن تي جو سٽي آهين،
منهنجي لئه حوصلو ۽ هَٿي آهين!

(ڇا ڇيس آئيني: 114)

**هٿ لڪيرون:** ڀاڳ واريون لڪيرون جيڪي هٿ ۾ ڏسي ٻڌائيندا آهن.

مان پنهنجي هٿ لڪيرن ۾ تنهنجو نالو پڙهندو هان،
تنهنجي هاڪ وجي پئي وڏندي ڪو نه ڪٿي ٿيو دنگ آ تنهنجو!

(ڇا ڇيس آئيني: 61)

**هٿ ٻه ڪو نه مليئي:** ڪنهن ساهه واري کي کهي رت هاٿا هٿ ٻه صابڻ سان صاف نه ڪيئي.

نيٽن ڪنارن ساڻ کهي، هَٿَ ٻه ڪو نه مَلِيئي!

(لهرون لهرون لاٽ: 99)

**هٽ:** ٻهراڙيءَ ۾ ڪرياني جي دوڪان کي هٽ ڪوٺيو ويندو آهي.

هٽ واري ٿي هو نوڪيا، تو کي مون کي ڏوڪا نوڪيا.

(لهرون لهرون لاٽ: 30)

**هٺڪي:** منجهي، ڏکيائيءَ سان، مجبوريءَ سان.

پاڻ پنهنجو ڪجهه نه ڏي، سڀ ڪي نه ڏي
ڪِلَ خوشيءَ سان ڏين ته ڏي، هٺڪي نه ڏي!

(لهرون لهرون لاٽ: 68)

**هَسِيون:** چانديءَ جا نهيل ڳچيءَ ۾ پائڻ جا ڳهه.

او ڏس تو کي پئند، پڪڙيي گهٽن وڏا ـ پر مون تپ کي هار هسيون مرڪڙيون ڏنيون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 55)

**هنداءِ:** دل سان سوچ، منتخب ڪر.

جيئن تون چاهين تيئن پلي، هي سڀ گل هنداءِ!

(سامرين جي شهر ۾: 94)

**هنڊايو:** سوچ ويچار هيٺ آڻيو.

هڪڙي ڳالهه هنڊايو دل سان، مٿي آهيو، مٿي ٿيندئو!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 143)

**هني پني نہ هئڻ:** جنهن سان ڪنهن بہ قسم جو لاڳاپو يا واهپو نہ هجي.

ميڪون وِچ اَچ پئي ڪيون ڇِڪدؤ مين نا ڪنهن دي هني پني!

(لهرون لهرون لاٽ: 123)

**هِڏِڪيون:** هڏڪيءَ ٿيڻ سان چوندا آهن تہ ڪنهن ياد ڪيو آ.

پل بہ نہ ٿو جنهن ريءَ سري۔ هڏڪيون چورائڻ،

روزاچي ٿو خواب ۾!

(سامرين جي شهر ۾: 106)

**هڏڪي آئي هوندي:** وهم هوندو آهي تہ هڏڪي ڪنهن جي ياد ڪرڻ ڪري ايندي آهي.

اج مون هن کي ياد ڪيو آ۔ هُڻَ کي آئي هوندي هِڏِڪي!

(لهرون لهرون لاٽ: 123)

**هِلَ:** سِرڻ.

ايترو ميرو نہ ٿيءُ۔ هِلِ جو آڪيرو نہ ٿيءُ!

(سامرين جي شهر ۾: 40)

**هُزَنِ:** جُڳنِ، لڳنِ.

هور هيڪاندا پيا منهنجي هانءَ هزن،

سانولڙيءَ جي سيج تي!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 37)

**هُشيءَ تي هلڻ:** ڪنهن جي اشاري تي وڙهڻ.

پبلڪ جي پئسي تي پلندڙ۔ هائو ڪنهن هُشيءَ تي هلندڙ

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 111)

**هوڏ ڏنئہ نہ!:** مغروري، ضد، اڙجي بيهڻ.

ڪنڌ ڪٽي ڪنهن ڏي نہ ڏنائين۔ هَٺَ ڀرئي جي هوڏ ڏنئہ نہ!

(جڏهن اُلا اُپ تي: 37)

**هُرڙي:** اڱڙين جو ٿهيل بال.

بصر جيڏو پٿر جيڪو وچ رستي تي پيو آ، هُدڙي بنجي ويو آ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 128)

**هوڪا:** سامان جي وڪري لاءِ ڏاڍيان آواز ڪرڻ.

هٽ واري تي هوڪا نوڪيا، تو ڪي مون ڪي ڏوڪا نوڪيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 30)

**هونگ:** ذڪر جي ڌوم.

حَقُ باهُوءَ جي هونگ مان ايندڙ هُو هُو ڪي مُٺِ ۾ قابو ڪيئن ڪبو؟!

(لهرون لهرون لاٽ: 82)

**هونگڙيون ڏيڻ:** ٻار ڄمڻ وقت جيڪي جسم کي ور وڪڙ ڏيندو آهي ۽ لُڇندو پڇندو آهي ان کي هونگڙيون چئبو آهي.

سانپير اٿم تہ وقت جي ڪنهن انقلاب ۾،

ڇاتين ۾ ڪير پيو نہ ٻچن هونگڙيون ڏنيون!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 55)

**هوڪا:** سامان جي وڪري لاءِ ڏاڍيان وڏي واڪ آواز ڏيڻ.

هٽ وارن تي هوڪا نوڪيا، تو ڪي مون ڪي ڏوڪا نوڪيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 30)

**هونئن هيئن:** بدليل، مختلف نموني جا.

پلپل تنهنجا رايا مٽجن، هونئن هئين!

(لهرون لهرون لاٽ: 111)

**هُو هُو:** حضرت سلطان شاهہ باهوءَ عليہ رحمتہ جن جا مريد سندن درگاهہ تي ذڪر ڪندڙ جڏهن باهوءَ جو نالو ايندو آهي تہ پنيان هو هو چوندا آهن.

حَقُ باهوءَ جي هونگ مان ايندڙ هُو هُو ڪي، مُٺِ ۾ قابو ڪيئن ڪبو؟!

جڻ تہ وٽڻ ۾ ڇانگهہ واڍوڙن آهي وِڏي،

(لهرون لهرون لاٽ: 82)

**هيج ڪرڻ:** خوشيون ملهائڻ.

هرٽي ڪا بہ نہ هيج ڪري ٿي – روجهہ نہ ڪنهن ڪڏڪار ڏنا هن!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 115)

**هيڏي ساري:** تمام وڏي انداز ڪان بہ مٿي.

آءُ وري ٻيي ساٿ ڏيڻ جي۔ هيڏي ساري هام هٽي وڃ!

(جڏهن اُلا اُپ ۾: 113)

**هيروئن:** هونئن تہ ڊرامي يا فلم جي نائڪا پر هتي نشيدار مادي واري هيروئن جو ذڪر آهي.

**خوب گهتي ۾ گشا آهن، هيروئن جا نشا آهن!**

(لهرون لهرون لاٽ: 29)

**يَلِسَنِ:** روس جي پولٽ بيورو جو سربراهہ جنهن جي زماني ۾ روس ٽٽي ويو هو.

رشيا، ڏاٽيون ڏُوڙ ٿيو جو
گرباچوف ۽ يلسن بِگِڙيا!

(لهرون لهرون لاٽ: 36)